سنڌ جي سياسي صورتحال

ءَ

سنڌي قوم جو مقدمو

رڪ سنڌي

ساٿيهه اشاعت گهر، حيدرآباد

ڪتاب: سنڌ جي سياسي صورتحال
ڇپائيندڙ: ساڻيهه اشاعت گهر، حيدرآباد، سنڌ
ڇاپو: پهريون، اپريل 1988ع

Book: Sindh Ji Syasi Sorthall (Political Situation of Sindh)

Author: Ruk Sindhi

Publisher: Saneeh Ishait Ghar, Hyderabad, Sindh

First Edition: April 1988

ترتيب

ٻه اکر

1. سنڌي ٻولي خلاف سازش
2. سنڌ جا مکيه مسئلا
3. سگا سان ناانصافي
4. سنڌ جي سياسي صورتحال
5. سنڌي سماج ۾ انتشار
6. سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري
7. اردو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌ
8. ڪوٽا سسٽم جي مخالفت ڇو؟
9. سنڌ کي ٽڪر ڪرڻ جي سازش
10. آزادي ۽ انقلاب
11. سنڌي قوم جو مقدمو

ٻه اکر

سنڌ، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ ڪيترن ئي مسئلن ۽ مشڪلاتن منجهه جڪڙجي وئي آهي. جيئن جيئن سنڌي قوم مٿان ظالم قوم جو ظلم ۽ جبر پنهنجي عروج تي پهچي رهيو آهي، تيئن تيئن سنڌ جو مظلوم عوام پڻ ان ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ منجهان پنهنجي جان آجي ڪرائڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد کي تيز ڪري رهيو آهي. اها جدوجهد ڪيترن ئي صورتن ۾ جاري آهي. قلم جي نوڪ کان وٺي بندوق جي نوڪ تائين سنڌي عوام جي حق پرستانه جدوجهد پنهنجو سفر جاري رکيو پئي اچي.

سنڌي قوم جو اديب ۽ ليکڪ به ان جدوجهد کان ڌار ڪين آهي. قوم جي ٻين طبقن جي ڀيٽ ۾ ان مٿان اهي جوابداريون ۽ ذميواريون اڃان به وڌيڪ عائد ٿين ٿيون، ڇو جو هو قوم جو باشعور طبقو آهي. جيڪو انهن حالتن کي وڌيڪ گهرائي سان ڏسي، سمجهي ۽ ان جي حل لاءِ ڪوششون ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سنڌي قوم جو اهو باشعور طبقو يعني اديب، پنهنجي تاريخي فرض نڀائڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪري ٿو ۽ مصلحتن کان ڪم وٺي ٿو ته پوءِ هو قوم جي ٻين طبقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڏوهاري ۽ مجرم آهي. پوءِ ڪيس تاريخ جي بي رحم فيصلي کان ڪير به بچائي نه ٿو سگهي.

مان ان فرض جي پوئواري لاءِ پنهنجي اپري سپري حال آسارو، سنڌي قوم جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ هن اشاعت گهر (ساٿيهه اشاعت گهر) طرفان ڪتابن رستي ۽ مختلف وقتن تي پيدا ٿيندڙ ڪرنٽ مسئلن تي مضمونن ۽ مقالن لکڻ رستي شامل حال پئي رهيو آهيان. مان ڪوشش ڪري پنهنجي اشاعت گهر طرفان اهڙا ڪتاب شايع ڪندو رهيو آهيان،

جن سان سنڌ اندر سياسي سجاڳي اچي ۽ سنڌي عوام پنهنجن مسئلن کان واقف ٿي، انهن جي حل لاءِ ميدان عمل ۾ ڪڏي ڪاهي پئي.

مان نه صرف اهو عمل ڪتابن رستي جاري رکيو آهي، پر مختلف وقتن تي مختلف مسئلن تي اخبارن ۽ رسالن ۾ مقالا ۽ مضمون به لکندو رهيو آهيان. جيئن ته اخبارن ۽ رسالن رستي پنهنجو موقف جيئن جو تيئن ڀرپور نموني عام ماڻهن تائين پهچائي نه ٿو سگهجي، ڇو ته اهي حڪومتي پاليسي جي دٻاءَ جو شڪار هوندا آهن. پر پوءِ به انهن جو سهارو ان ڪري ئي ورتو ويندو آهي جو ائين ڪرڻ سان اسان جا خيال ۽ رايا عوام جي وڏي حصي تائين صرف ان صورت ۾ ئي پهچي سگهن ٿا. پنهنجي خيالن ۽ راين کي عوام جي وڏي حصي تائين پهچائڻ لاءِ اسان وٽ ٻيا ڪي موثر ذريعا اڃان موجود نه آهن. ان ڪري مجبورن اشارن ۽ ڪنعاين ۾ پنهنجو موقف حڪومتي پاليسي جي دٻاءَ هيٺ نڪرندڙ اشاعتي وسيلن ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل مقالا ۽ مضمون پڻ اخبارن ۽ رسالن مٿان مڙهيل بندش کي نظر ۾ رکي لکيا ويا آهن. هي مقالا ۽ مضمون گهڻو ڪري جنرل ضياءُ جي مارشل لا دور ۾ ڇپيا آهن. ان ڪري انهن کي ان پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي.

رڪ سنڌي

ڪراچي

18 فيبروري 1988ع

سنڌي ٻولي خلاف سازش

تازو تازو مرڪزي حڪومت طرفان ڪيل ان فيصلي ته ”صوبائي ٽيڪسٽ بوڪ بورڊن کي ختم ڪيو ويندو.“ سنڌ ۽ ٻين صوبن جي عوام ۾ سخت مايوسي ۽ نفرت جي هڪ تيز لهر ڊوڙي وئي آهي. ۽ دلين ۾ ڪيئي وسوسا ۽ انديشا جنم وٺڻ لڳا آهن. هن فيصلي مطابق مرڪزي حڪومت جي وزارت تعليم اسلام آباد، سنڌ ۽ ٻين صوبن جي ٽيڪسٽ بوڪ بورڊن کي ختم ڪري، پهرئين ڪان ٽئين درجي تائين ڪتاب پاڻ شايع ڪرائيندي. جڏهن ته 1976ع واري ايڪٽ تحت سواءِ صوبائي ٽيڪسٽ بوڪ بورڊن جي ٻئي ڪنهن به مرڪزي اختياري کي صوبن لاءِ درسي ڪتاب ڇاهڻ، ڇپائڻ ۽ تقسيم ڪرڻ جو حق نه ٿو رسي. هن قدم کڻڻ سان صوبن جي درسي ڪتابن جي پرنٽنگ پريسن جا ملازم ۽ ٻيا واسطيدار ماڻهو مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي ويندا ۽ ملڪ ۾ بي روزگاري وڌندي. ان قدم کڻڻ سان سنڌ جي شاگردن کي ڪتاب ڳرين قيمتن تي ملندا. جنهن ڪري شاگردن جي تعليم متاثر ٿيندي. ٻيو ته مقرر وقت تي ڪتاب مارڪيٽ ۾ نه پهچڻ ڪري ڪتابن جي ڪوٽ ٿيندي ۽ ڪتاب بليڪ تي مهانگا وڪامڻ شروع ٿيندا، ٻيو ته سرڪار جو هي قدم سنڌ صوبي ۽ ٻين صوبن جي پنهنجي ڌار ڌار ثقافت، ٻولي ۽ تهذيب کي نقصان رسائيندو. ڇاڪاڻ ته هر صوبي جي تاريخ، جاگرافي، رسمون رواج، تهذيب ۽ تمدن ۽ قومي هيرا جدا جدا هجڻ ڪري هڪڙي عنوان جي ساڳي ڪتاب ۾ ماپي نه سگهندا. ان قدم کڻڻ سان خاص ڪري سنڌي زبان کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو ۽ ڪتابن جي صورتخطي، تلفظ ۽ ڇپائي غلط ٿيندي. ٻيو ته سنڌ صوبي کان سواءِ باقي ٽن صوبن جي تعليمي زبان اردو آهي، ان ڪري جڏهن ڇئني صوبن جا ڪتاب هڪ هنڌ ۽ هڪ جهڙا شايع ٿيندا

ته سنڌ وارن جا به درسي ڪتاب ٿي سگهي ٿو ته سنڌي بجاءِ اردو ۾ شايع ٿين. جنهن ڪري 1973ع جي آئين تحت سنڌي جيڪا سنڌ صوبي جي صوبائي ۽ تعليمي زبان آهي، ان سان وڏي ناانصافي ۽ ناحق ٿيندو. اهڙو عمل سنڌي ٻولي جي وجود کان انڪار ڪري ان جي حيثيت کي گهٽائڻ برابر ٿيندو. جنهن ڪري اردو ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ لساني بنياد تي ناراضپي وڌڻ جا انديشا آهن. جي سنڌي زبان جي بدران مرڪز وارن درسي ڪتاب اردو ۾ شايع ڪيا ته اهو قدم سنڌي زبان جي شاگردن لاءِ پڻ هاڃيڪار ثابت ٿيندو ۽ ان قدم کڻڻ سان سنڌي شاگرد تعليمي ميدان ۾ پوئتي رهجي ويندا. ۽ سنڌ ۾جهالت زور وٺندي. شاگردن ۾ تعليم کان بددلي ۽ منجهن مايوسي ۽ بي چيني وڌندي. ان قدم کڻڻ سان سنڌي زبان آهستي آهستي اسڪولن ۽ علمي ادبي ميدان مان ختم ٿي ويندي. سنڌي ٻولي جو وجود ختم ٿيڻ، سنڌ جي عوام سان گڏ سڄي دنيا جو نقصان آهي. ان ڪري مرڪزي سرڪار اهو فيصلو واپس وٺي، سازگار ماحول پئدا ڪري ۽ ماڻهن ۾ اٿندڙ نفرت ۽ پيدا ٿيندڙ غلط فهمين کي دور ڪري ۽ صوبن خاص ڪري سنڌي عوام جي جذبن جو احترام ڪري.

منهنجي ان سلسلي ۾ سنڌي ٻولي جي اديبن، مفڪرن، دانشورن، استادن، وڪيلن، پريس ورڪرن، شاگردن ۽ سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن کي مودبانه گذارش آهي ته هو ان معاملي ۾ ڪجهه تحرڪ ۾ اچن ۽ حڪومت کي لکن ته اهڙو قدم نه کڻي.

(ڇپيل: روزاني آفتاب، حيدرآباد، 16 مارچ 1983ع، روزاني هلال پاڪستان ڪراچي، 19 مارچ 1983ع)

سنڌ جا مکيه
مسئلا

اسان جو سڄو ملڪ ڪيترن ئي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو شڪار بڻيل آهي. خاص ڪري ته سنڌ ۾ اهي مسئلا گنڀير صورتحال اختيار ڪري چڪا آهن. سنڌي قوم ڪافي وقت کان ڪيترن ئي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو شڪار آهي. اسان جو ڏتڙيل عوام، اسان جي غريب زبان، اسان جي لاوارث تهذيب ۽ ثقافت، ادب ۽ ساهت حڪومت جي بي اکيائي ۽ لاپرواهي جو شڪار بڻيل آهي. اسان دانهون ۽ ڪوڪون ڪري رهيا آهيون ته اسان کي ٻين جيان جيئڻ جو حق ڏنو وڃي، اسان سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ بند ڪيو وڃي. پر افسوس جو سرڪار جي ڪن تي جون به ڪانه ٿي چري. حڪومت جي ماٺ ۽ مطمئن ڪندڙ جواب نه ملڻ ان صورتحال کي وڌيڪ گنڀير ڪري رهيو آهي. عوام جي اندر ۾ اڻ ڇاتل وهم ۽ وسوسا پيدا ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن حڪومت اسان جي مسئلن ۽ مشڪلاتن تي ٿڌي دل سان ويچار نه ڪيو ته، سنڌ اندر صورتحال خراب ٿي سگهي ٿي.

هن وقت سنڌ جي عوام جا هيٺيان مسئلا ۽ مشڪلاتون آهن. جيڪي اسان حڪومت جي ڌيان تي آڻڻ گهرون ٿا، ته جيئن حڪومت انهن تي غور ۽ ويچار ڪري ڪو نتيجا ڏيندڙ فيصلو ڪري. سي هي آهن:

1. پاڪستان ۾ چئن قومن جي وجود کي تسليم ڪري، چئني قومن کي خودمختياري ڏني وڃي. ٻين علائقن مان سنڌ ڏانهن ٿيندڙ لڏپلاڻ بند ڪرائي وڃي. سنڌ ۾ ٻين علائقن کان آيل ماڻهن کي واپس ڪيو وڃي. سنڌ ۾ فوجين کي انعام ۾ ڏنل زمينون ۽ ٻين علائقن جي رهندڙن جون

زمينون، ڪارخانا ۽ ٻي ملڪيت سنڌي ماڻهن جي حوالي ڪئي وڃي.

2. سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن جي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ سندن مسئلا حل ڪيا وڃن. ڳڙوگڙ ڪين اقليت ۾ آڻڻ واري سازش بند ڪئي وڃي.
3. مرڪزي ڪاتن ۾ سنڌي ملازمن کي پنهنجو پورو حق ڏنو وڃي ۽ مرڪز کي صرف ڪرنسي، دفاع ۽ خارجه پاليسي جا ڪاتا ڏنا وڃن.
4. مرڪزي سرڪار کي سنڌ مان جيتري اپت ٿئي ٿي، ان مطابق سنڌ کي مرڪزي بجيٽ مان حصو ڏنو وڃي ۽ مرڪزي ڪاتن مان اپت جو جائز حصو سنڌ جي حوالي ڪيو وڃي.
5. ٻاهران آيل بهارين ۽ افغان مهاجرن کي يا ته واپس ڪيو وڃي يا اهي هڪ جيتري تناسب سان هر صوبي ۾ آباد ڪيا وڃن ۽ سنڌ تان اهو بار هلڪو ڪيو وڃي.
6. سنڌي ٻولي کي 1972ع جي ايڪٽ تحت جائز مقام ڏنو وڃي ۽ ان کي مختلف سطحن تي رائج ڪيو وڃي.
7. سرڪاري ٽي وي ۽ ريڊئي جي سنڌ مان هلندڙ چئنلن تي سنڌي زبان ۾ 75 سيڪڙو پروگرام ڏنا وڃن. سنڌ ۾ ريلوي اسٽيشنن، روڊن، ڳوٺن ۽ آفيسن جا نالا اردو سان گڏ سنڌي ۾ به لکيا وڃن.ان سان گڏ سنڌ جي آفيسن ۾ سنڌي ٻولي ۾ لکپڙهه ڪئي وڃي.
8. ڪراچي ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول کوليا وڃن ۽ اڳ ڪليل اسڪولن جي حالت سڌاري وڃي ۽ اتي هلندڙ انگريزي ۽ اردو ميڊيم اسڪولن ۾ سنڌي ميڊيم رائج ڪئي وڃي.
9. سنڌي اخبارن ۽ رسالن کي اشتهار ۽ پني جي ڪوٽا پوري ڏني وڃي ۽ سنڌي صحافين کي به اردو صحافين جيترا حق ڏنا وڃن.
10. سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تان بندش لاٿي وڃي ۽ نوان ڊڪليئريشن ڏنا وڃن.

11. سنڌ جي ڀهراڙي جي عوام جي سهوليت لاءِ ڪوٽا سسٽم بحال رکيو وڃي ۽ ان تي اثرائتي نموني عمل ڪرايو وڃي.
12. سنڌي مزدورن جي ڪارخانن مان نيڪالي بند ڪرائي وڃي ۽ ڪارخانيدارن کي هدايت ڪئي وڃي ته هو 75 سيڪڙو ملازم مقامي رکن.
13. سنڌي هارين جي بيدخلي بند ڪرائڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن ۽ بي زمين هارين کي زمين مفت ۾ ڏني وڃي ۽ کين فصل ڪرڻ لاءِ قرض مهيا ڪيا وڃن.
14. سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پيدا ڪيل هٿرادو بدامني ۽ انتشار جو خاتمو آڻي گرفتار ٿيل سنڌي شاگرد آزاد ڪيا وڃن ۽ کين ٻين صوبن جي شاگردن جهڙيون سهوليتون ڏنيون وڃن، گڏوگڏ تعليم کي سستو ۽ سولو ڪيو وڃي.

اسان هي ڪجهه گذارشون حڪومت جي خدمت ۾ عرض رکيون آهن. اميد ته وفاقي ۽ صوبائي سرڪار ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي جي وسيع نظرئي کي آڏو رکندي، هنن تي نه رڳو همدرديءَ سان ويچار ڪندي، پر هنن کي پورو ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندي. ته جيئن سنڌ ۾ هاڻوڪيون بي يقيني واريون حالتون ختم ٿي سگهن. جنهن جو اثر نه رڳو سنڌ پر سموري پاڪستان جي بقا ۽ سلامتيءَ تي پڻ سٺي نموني پوندو.

(ڇپيل: روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد، 5 آگسٽ 1983ع، روزانه مهراڻ حيدرآباد ۽ روزانه آفتاب حيدرآباد، 6 آگسٽ 1983ع)

سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن

سان ناانصافي

ترقي پذير ملڪن ۾ جتي حڪومتون پنهنجون مڙئي ذميواريون صحيح نموني پوريون ڪرڻ کان قاصر هونديون آهن، يا جيڪو سماج انتهائي پوئتي پيل هوندو آهي. اتي ان سماج کي صحتمند بنيادن تي قائم رکڻ لاءِ سماجي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيمون اثرائتو ڪردار ادا ڪنديون آهن. اهي ڪم، مسئلا ۽ مشڪلاتون، جيڪي حڪومت حل ڪري نه سگهندي آهي، يا ڪن مصلحتن خاطر اهڙن مسئلن حل ڪرڻ کان ڪن لاٽار ڪندي آهي، ته ان قوم جو پلو چاهيندڙ باشعور، باصلاحيت، تعليم يافته ۽ وطني جذبي سان ٽمٽار قوتون، پنهنجي قومي ذميواري محسوس ڪندي، پنهنجي سماج جي سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙينديون آهن. جڏهن ڪن ملڪن ۾ ڪن قومن يا طبقن سان ناانصافي ٿيندي آهي، کانئن جيئڻ جو حق ڦريو ويندو آهي، سياسي طرح حق گهرڻ يا انهن لاءِ جدوجهد جا رستا بند ڪيا ويا آهن. تڏهن انهن طبقن يا قومن جا پڙهيل لکيل باشعور ماڻهو ڪي رستا ۽ راهون ڳولي، عوام منجهه قومي جاڳرتا، سماجي شعور، قومي ايڪو پيدا ڪرڻ ۽ ڏاڍ خلاف متحد ٿي جنگ لڙڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪندا آهن. اهڙن غير يقيني حالتن ۾ مبتلا باشعور قومون پنهنجي زنده دلي جو ثبوت ڏينديون، پنهنجي صالح فرزندن ۽ انهن جي ٺهيل سماجي تنظيمن جي وڏي پئماني تي مدد ۽ همت

افزائي ڪنديون آهن. ۽ ڪين وڌڻ ويجهڻ ۽ تباهه حال معاشري ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪري ڏينديون آهن.

اسان جي سنڌي قوم، جيڪا زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پوئتي پيل هجڻ سان گڏ، حڪومت جي بي توجهي جو شڪار پڻ رهي آهي. ان ڪي پنهنجي قومي وجود جي سلامتي لاءِ هر روز نون مسئلن ۽ مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جيڪا ڳالهه هتان جو هر باشعور ماڻهو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. ان ڪري ئي هتان جي سڄاڻ عوام پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا آهن. پنهنجون سماجي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيمون ٺاهي، پنهنجي قوم ۽ سنڌي سماج ڪي بهتر کان بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي آهي. پر افسوس جو حڪومت، جيڪا پاڻ ته سنڌ تي توجهه ڪانه ٿي ڏئي، پر جيڪي سماجي تنظيمون اهڙي فلاح ۽ بهبود جو ڪم سرانجام ڏئي رهيون آهن، انهن ڪي به هر وقت شڪ جي نظرن سان ڏسندي رهي ٿي. سنڌ جي عوام جي غير سياسي تنظيمن جي راهه ۾ رنڊڪون وجهڻ، انهن جي هر چرپر تي ڪڙي نظر رکڻ، انهن ڪي هيسائڻ ۽ پريشان ڪرڻ لاءِ سرڪار مختلف بهانا ڳولي رهي آهي. نتيجي طور سنڌ ۾ سماجي ادارا ۽ تنظيمون صحيح طرح فعال بڻجي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري نه ٿيون سگهن ۽ هو هر وقت اڻ ڄاتل خوف ۽ هراس جو شڪار رهن ٿيون. جنهن ڪري سنڌ ۽ هتان جي عوام جا مسئلا حل ٿيڻ بجاءِ هر روز انيگهجي ۽ وڌيڪ پيچيده ٿي رهيا آهن. جيڪا ڳالهه هن ملڪ جي سالميت لاءِ خطرناڪ آهي.

ڪيترين تنظيمون جيڪي سنڌي سماج ڪي سڌارڻ ۽ سنوارڻ، ترقي يافته ۽ صحتمند بنيادن تي بيهارڻ لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهن. حڪومت تن ڪي پنهنجي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو شڪار بڻائي رهي آهي. تازو سنڌ جي واحد سماجي، ثقافتي ۽ اصلاحي تنظيم ''سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن'' سرڪار جي ڪاوڙ ۽ غصي جو شڪار ٿي آهي. هي تنظيم جيڪا هڪ غير سياسي، خالص سماجي ۽ اصلاحي آهي. جنهن جو دائرو تعليم،

صحت، ادب، ثقافت ۽ سماجي شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ تائين محدود آهي، ان تي بندش وجهڻ لاءِ سرڪار وٽ ڪو به جواز ڪونه آهي. هن تنظيم ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ملازم، اديب، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ ٻئي هر طبقي سان واسطو رکندڙ باشعور گريجوئيٽ شامل آهن. هن تنظيم جو تعارف سندس مرڪزي رهمنائن هيئن ڪرايو آهي: “ سگا، سنڌ جي پڙهيل باشعور نوجوانن جي هڪ سماجي ۽ ثقافتي جماعت آهي. هي جماعت غير سياسي بنيادن تي پنهنجون خدمتون ڪندي رهي ٿي.”

تازو وفاقي ۽ سنڌ جي صوبائي سرڪار پنهنجن ملازمن تي سگا جو ميمبر ٿيڻ تي مڪمل بندش وڌي آهي. ۽ پنهنجي ملازمن کي هدايت ڪئي آهي ته هو فوري طور تي سگا تان استعيفائون ڏين. اسٽيبلشمينٽ ڊويزن، سڀني سرڪاري آفيسن کي هدايتون موڪلي چيو آهي ته سگا جي ميمرشپ رڳو خاص طبقي تائين محدود آهي. ان ڪري اها قومي مفادن ۾ ناهي. حڪومت ان سان گڏ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن کي به هدايت ڪئي آهي ته اهي سگا جي ڪابه مدد نه ڪن. حڪومت جو اهو فيصلو، غير دانشمندانه آهي. حڪومت کي گهرجي ته هو ٿڌي دل سان غور ويچار ڪري، صورتحال جو صحيح جائزو وٺي، پوءِ ئي ڪو فيصلو ڏئي. ڇو جو اهڙا اپهرا ۽ غير وقتائتا قدم اڳتي هلي نهايت خطرناڪ نتيجن جو سبب بڻبا. ۽ ملڪ ۾ بدامني، ۽ بي چيني پيدا ڪندا. ماڻهن جي دلين ۾ شڪ ۽ شبها جنم وٺندا. سنڌ جا ماڻهو پاڻ کي، هن ملڪ ۽ هتان جي مخصوص طبقي جي نمائندگي ڪندڙ سماج ۾ غير محفوظ سمجهندا ۽ هن ملڪ جي پاليسي کي پاڻ لاءِ اوپرو ۽ ڌاريو تصور ڪندا.

اصل ۾ سگا خلاف حڪومت جا ڪن پريندڙ، ملڪ ۽ قوم جا دشمن ۽ هن ملڪ جي وحدت جا ويري آهن. جيڪي پنهنجي غلط ارادن وسيلي پرامن فضا خراب ڪري رهيا آهن. حڪومت اهڙن سماج دشمن ۽ پاڻ هوتڙين، هن وفاق ۾ رهندڙ

قومن ۾ نفرت ڦهلائيندڙن جي غلط ڳالهين، وڏاءَ وارين بي بنياد رپورٽن ۽ قوم دشمن ٽولي جي اخبارن جي نفرت انگيز ايڊيٽوريلن ۽ بيانن جو شڪار بڻجي وئي آهي. اميد ته جڏهن حڪومت کي صحيح صورتحال جو پتو پوندو ته هو پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري پنهنجو اهو فيصلو واپس وٺندي. مان هن حڪومت طرفان سگا مٿان لڳايل الزامن بابت ڳالهائيندس:

1. ته حڪومت سگا مٿان اهو الزام لڳايو آهي ته ان جي ميمبرشپ هڪ خاص طبقي تائين محدود آهي. اهو الزام بلڪل بي بنياد آهي. سگا ڪنهن هڪ نسل، هڪ ذات، هڪ مذهب يا هڪ فقري جي نمائندگي ڪندڙ جماعت نه آهي. پر ان جو دائرو سنڌ جي پوئتي پيل ٻهراڙين ۾ رهندڙ عوام جي بنيادي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ ۽ سندن تعليم ۽ صحت جهڙن بنيادي مسئلن حل ڪرائڻ جهڙن عظيم آدرشي ڪمن تائين وسيع آهي. اها ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي ڪانه آهي ته سنڌ جا اصلوڪا رهواسي، جيڪي ٻهراڙين ۾ رهن ٿا، سي ئي لاتعداد مسئلن ۽ مشڪلاتن، جهالت ۽ بيمارين جو نشانو بڻيل آهن. ان ڪري سگا سيني کان وڌيڪ تڪليفن ۾ مبتلا ماڻهن جي مسئلن حل ڪرڻ ۽ کين معاشري ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجا مڙئي وسيلا استعمال ڪري رهي آهي. جيئن هنن کي به پاڪستان جي ٻين قومن ۽ خاص ڪري سنڌ جي شهرن ۾ رهندڙ ٻاهران آيلن جهڙا حق ۽ سهوليتون ميسر ٿي سگهن. ٻهراڙين ۽ شهرن ۾ جيڪا اڻ وڻندڙ وٿي پيدا ٿي وئي آهي، سا ختم ٿيڻ گهرجي. سگا جو اهو عمل انهن ماڻهن ۽ طبقن کي ڪک ۾ ڪان وانگر ان ڪري چڀي رهيو آهي، جو هو نه ٿا چاهين ته هتان جا اصل رهواسي، جيڪي هر ميدان ۾ پوئتي رهجي ويا آهن. سي تعليم يافته بڻجي، پنهنجون وچايل وٿون حاصل ڪري، مفاد پرستن ۽ سنڌ دشمنن جي غلط ارادن کي ناڪام بڻائي سگهن. ۽ انهن کان

پنهنجا جائز حق واپس وٺي، سندن وطن دشمن سازشن ۽ مڪارين کي ٻنجو ڏين.

2. ته حڪومت سگا مٿان الزام هنيو آهي ته سگا جو عمل ۽ ڪردار قومي مفادن وٽان نه آهي. خبر ناهي ته حڪومت جي ان مان مراد ڪهڙي آهي؟ ڇا سنڌي ماڻهو هن ملڪ ۾ هتي رهندڙ ڪنهن قوم جا فرد ناهن؟ ڇا سنڌي ماڻهو هن ملڪ جا باشندا نه آهن؟ جو انهن جي سڌاري ۽ سهائتا لاءِ ڪم ڪرڻ قومي مفادن وٽان ناهي. ڇا هتي جي اصل رهواسين کي هتي جيئڻ ۽ جيئري رهڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو حق ڪونهي؟ ڇا ملڪ جي رهواسين جي دائري ۾ صرف پاڪستان جا اهي ماڻهو اچي وڃن ٿا، جيڪي هتي ٻاهران گهرايا ويا آهن. يا جيڪي شهرن ۾ رهن ٿا، هڪ مخصوي طبقي سان واسطو رکن ٿا؟ ڇا اهي ماڻهو ئي هن ملڪ جا وارث آهن، جيڪي ٻاهران هتي اچي، غلط طريقا استعمال ڪري هتان جي اصلوڪن رهواسين جي آقا بنجي ويهي رهيا آهن؟ ان ڪري حڪومت هتان جي اصل رهواسين کي اعتماد ۾ وٺڻ لاءِ اهڙا قدم کڻڻ بند ڪري ۽ سگا مٿان وڌل پابندي ختم ڪري، جيڪا ڳالهه پاڪستان جي هڪ صوبي جي ترقي لاءِ بيحد ضروري آهي.

هاڻي مان سگا جي 11 سالن جي ڪارڪردگي جي رپورٽ پيش ڪريان ٿو. جيئن هر ڪا ڌر اندازو لڳائي سگهي ته سگا ملڪ ۽ قوم جي مفادن وٽان ڇا ڇا نه ڪيو آهي. سگا بنا ڪنهن فرق ۽ امتياز جي ملڪ مان جهالت جي پاڙ پٽڻ، علم جي ڦهلاءَ، سماجي براين جي خاتمي، صحتمند معاشري جي قيام لاءِ ڪيترو نه پاڻ پتوڙيو آهي.

سنڌ جي ڪن دردمند دلين ڪراچي ۾ گڏجي سنڌ جي پڙهيل باشعور نوجوانن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري اڻ پڙهيل ۽ پوئتي پيل ديس واسين جي خدمت ڪرڻ لاءِ 4 جون 1972ع تي هڪ سماجي تنظيم ”سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن“ (سگا) جو

بنياد وڌو. پهريان هن تنظيم جي ڪم جو دائرو صرف ڪراچي ضلعي تائين محدود هيو. پر پوءِ ان کي سڄي سنڌ تائين وسيع ڪيو ويو. هن تنظيم کي اڄ تائين ڪم ڪندي 11 سال گذري چڪا آهن. هن وقت هن تنظيم جون سڄي سنڌ اندر 55 کن شاخون ۽ ڪل ميمبرن جو تعداد 5 هزار کن ٿي چڪو آهي.

سگا 11 سالن جي مختصر عرصي ۾ ملڪ جي ترقي لاءِ ڪيئي سماجي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي شعبن ۾ اهم خدمتون ۽ ڳڻپ جيترا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. اسان هت انهن جو مختصر وچور پيش ڪريون ٿا.

1. سماجي ڪم: سگا 1972ع ۾ ڪراچي جي حدن اندر سنڌي ڳوٺن جي سروي ڪئي. جنهن موجب اتي جي رهاڪن جي تعليم، صحت، بجلي، ٽپال، پاڻي ۽ روزگار جهڙين ضرورتن بابت معلومات ڪٺي ڪئي. ۽ سنڌ سرڪار کي انهن مسئلن جي حل لاءِ گذارشون ڪيون. ان بعد وري 1973ع ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي آبادي جي رهائشي مسئلن جي سروي ڪئي وئي ۽ حڪومت کي ڇپيل صورت ۾ رپورٽ ۽ تجويزون پيش ڪيون ويون. ته جيئن سرڪار انهن ۾ دلچسپي وٺي، اتان جي سنڌي آبادي کي ٻه ٻين شهرين جيترا حق ڏئي. سگا طرفان ڪراچي ۾ هڪ ثقافتي مرڪز. لئبرري، آڊيٽوريم ۽ هاسٽل جي اڏاوت جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ان لاءِ باقاعدي رٿابندي ڪئي وئي. پر اهو منصوبو ڪن سببن ڪري عمل ۾ نه اچي سگهي. وري جون 1974ع ۾ 20 اهم نيم سرڪاري ادارن ۾ سنڌين سان ٿيل بي انصافين بابت انگ اکر تيار ڪري رپورٽ ڇپائي وئي. جيڪا وفاق ۽ سنڌ حڪومت جي واسطيدار اختيارين وارن کان سواءِ وزيراعظم کي پڻ پهچائي وئي. سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ نوڪرين جي انگن اکرن جو ٻيو حصو ٻه سگا 1976ع ۾ مرتب ڪري ڇپايو. جنهن ۾ 86 ادارن جا تفصيل ڏنا ويا. سگا جو اهو

قدم سماجي ناانصافين کي ختم ڪرڻ جي مقصد سان هو. جيئن سرڪار سنڌين کي ملازمتن ۾ جائز حق ڏئي ۽ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارا سنڌين سان ٻه اکيائي بند ڪن. ان ئي سال ڪراچي ۾ سنڌ جي ٻين ضلن مان ايندڙ گهٽ پگهار وارن ملازمن لاءِ رهائشي سهوليتون پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ سگا هڪ هاسٽل، ڪميونٽي سينٽر، آڊيٽوريم ۽ لئبرري قائم ڪرڻ جو ڪوششون شروع ڪيون. سگا سنڌ جي پهراڙيون سڌارڻ ۽ انهن جا بنيادي مسئلا گڏجي حل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ سال 1982-83ع کي ”ڳوٺ سڌار سال“ قرار ڏنو آهي ۽ مختلف هنڌن تي سگا جي نگراني هيٺ ”ڳوٺ سڌار سنگتون“ قائم ڪيون ويون آهن. هنن سنگتن طرفان سنڌ جي پوئتي پيل ڳوٺ سڌارڻ ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرائڻ، کين تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ جهڙن انسان دوست ڪمن جي شروعات ڪئي وئي آهي. هن ڪم ۾ سنڌ جو هر باشعور غريب توڙي امير هڪ ٻئي هٿ ونڊائي رهيا آهن. سنڌ جي ڳوٺن ۾ پنهنجي مدد پاڻ جي اعلى اصول تحت اسڪول، اسپتالون، ويم گهر ۽ لئبرريون قائم ٿي رهيون آهن. سگا جي هر شاخ پنهنجي تر ۾ هڪ ڳوٺ چونڊي ان کي هڪ مثالي ڳوٺ بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. پر هاڻي سگا تي بندش پوڻ ڪري اهو ڪم اڌ ۾ رهجي وڃڻ جو خطرو آهي. جنهن ڪري ڪيترن ماڻهن کي انيڪ مسئلن ۽ مشڪلاتن جو شڪار ٿيڻو پوندو.

2. تعليم: ملڪ مان جهالت جي پاڙ پٽڻ، بک ۽ بي روزگاري کي منهن ڏيڻ ۽ ملڪ کي صحيح بنيادن تي اڳتي وڌڻ وڃڻ لاءِ اتان جي رهواسين کي تعليم جي اعلى زيور سان آراسته ڪرڻ نهايت ضروري آهي. سگا اهو بنيادي مسئلو حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پروگرام ۾ سنڌي پرائمري اسڪولن جي واڌ ويجهه، هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سڌاري، وڏن شهرن ۾ سنڌي شاگردن جي

رهائش جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هاسٽلون تعمير ڪرائڻ ۽ سنڌي ٻولي جي اعلى ڪتابن کي سيلبس ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ سرڪار کي تجويزون ڏيڻ جهڙا اهم نڪتا شامل ڪيا آهن. سگا 11 سالن اندر ابتدائي ثانوي تورڙي اعلى تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ وڌ کان وڌ ڪوششون ڪيون آهن. ڪيترائي اهڙا اهم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. جن اسان جي قوم ۽ ملڪ جو منهن مٿي ڪيو آهي.

1973ع ۾ سگا طرفان تعليمي ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي. جنهن ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين شهرن جي تعليمي مسئلن بابت هڪ جامع رپورٽ تيار ڪئي ۽ سنڌ جي حڪومت کي گذارش ڪئي وئي ته هو ڪراچي ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول قائم ڪري. سگا طرفان 18 جنوري 1976ع ۾ ڪراچي ۾ ”ڪلچر شو“ منعقد ڪيو ويو. ان ۾ سگا طرفان مرتب ڪيل ”ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا“ جي مسئلي بابت ڇپيل سروي رپورٽ ورهائي وئي. تنظيم طرفان هر سال ابتدائي تعليم جي واڌاري لاءِ اپاءَ ورتا وڃن ٿا. جيئن ته پرائمري تعليم سڄي تعليمي نظام لاءِ پيڙهه جي پٿر جو ڪم ڏئي ٿي. ان ڪري سگا پرائمري تعليم جي واڌاري لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي رهي آهي. ان سلسلي ۾ 1980ع ۾ حيدرآباد ۾ هڪ ”تعليمي ڪانفرنس“ منعقد ڪئي وئي. ان کان سواءَ ”روشن تارا اسڪول“ جي نالي سان هالا، بدين، حيدرآباد، سانگهڙ، ميرپورخاص، جهڏو ۽ ٻين شهرن ۾ 16 اسڪول عمارتن سوڌا تعمير ڪرايا ويا آهن.جڏهن ته مختلف جڳهن تي 10 ٻيا به پرائمري اسڪول تعمير ڪرايا ويا آهن. سگا جو تعليم جي ميدان ۾ گهڻو زور تعليمي ادارن جي حالت سڌارڻ ۽ ٻارن کي تعليم لاءِ آماده ڪرڻ پڻ رهيو آهي. ان سلسلي ۾ مختلف ڳوٺن جي اسڪولن ۾ فرنيچر جو انتظام ڪرڻ، بجلي، پکن ۽ ٿڌي پاڻي جو انتظام ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون آهن. ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن کي عمارتون پڻ ٺهرائي ڏنيون ويون آهن. ان کان سواءَ غريب شاگردن جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ کين مفت ۾ ڪتاب مهيا ڪري ڏيڻ، کين اسڪالرشپون وٺي ڏيڻ

لاءِ سگا پڻ اثرائتا قدم کنيا آهن. سنڌ جي گريجوئيٽ ساٿين پنهنجي بزرگن جي ياد ۾ تعليمي وظيفا ڏيڻ شروع ڪيا آهن. ٽنڊي محمد خان سميت ٻين شهرن ۾ شاگردن ۾ مفت ڪتاب ورهايا ويا. تنظيم طرفان هر سال 12 ميڊيڪل جي شاگردن کي اسڪالرشپون، 29 اسڪول اسڪالرشپون، 8 جنرل اسڪالرشپون مستحق شاگردن کي ڏنيون وڃن ٿيون. سگا کي ”سنڌي ڊاڪٽرس ايسوسيئيشن لنڊن“ طرفان 5 ميڊيڪل اسڪالرشپون جاري ڪيون ويون آهن. جيئن ته سال 1982-83ع سگا طرفان ”ڳوٺ سڌار سال“ ڪري ملهايو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ سگا جي شاخن تعليم عام ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ شروع ڪيا آهن. نتيجي ۾ ڳوٺ سڌار سنگت ٽنڊو ڪولاچي جي طرفان پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول جون عمارتون تعمير ڪرايون ويون آهن. ضلع خيرپور ۾ ڳوٺ لاکا ۽ پير حيات شاهه ۾ پرائمري ۽ مڊل اسڪول جي عمارت تعمير ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح سگا ٽنڊو آدم، سانگهڙ، ڳچيرو، مورو ۽ ٻين شاخن طرفان اسڪول ۽ لئبرري جون عمارتون تعمير ڪرايون ويون آهن. سگا جي ڪن شاخن تعليم بالغان جو سلسلو شروع ڪري، شهر جي هارين، مزدورن، ٻيرن وغيره کي تعليم ڏيارڻ شروع ڪئي آهي. سگا شهدادڪوٽ طرفان 200 ماڻهن کي ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرايو ويو ۽ 40 ماڻهن کي گريجوئيٽ ٿيڻ ۾ مدد ڪئي وئي آهي. سگا مرڪز طرفان اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن لاءِ ڪوچنگ ڪلاسن کان سواءِ سي ايس پي (CSP)، پي ايس سي (PSC)امتحانن لاءِ به ڪوچنگ ڪلاسن جو اهتمام ڪيو ويو آهن. فيڊرل سروس ڪميشن جي چٽاڀيٽي امتحانن جي تياري لاءِ پهريان اهڙا ڪوچنگ ڪلاس سگا 3 سال کن اڳ حيدرآباد ۾ شروع ڪيا. جيڪي سال 1982 کان سنڌ يونيورسٽي هلائي رهي آهي، سگا ان جي بدران اهڙا مرڪز ڪراچي ۽ شڪارپور ۾ قائم ڪيا آهن. ان کانسواءِ بئنڪ جي امتحانن جي تياري لاءِ باقاعدي ادارن قائم ڪرڻ جو خيال آهي، جيئن سنڌ جا ڳوڻاٽا شاگرد تربيت حاصل ڪري قومي سطح تي پنهنجي حيثيت مڃرائڻ جي قابل ٿي سگهن. سگا طرفان

مختلف جڳهن تي جيڪي اسڪولن جون عمارتون تعمير ڪرايون ويون آهن، سي انهن تعليم کاتي وارن جي حوالي ڪيون آهن ۽ هينئر جڏهن سڳا تي حڪومت بندش وڌي آهي ته سنڌ اندر سڳا طرفان هلندڙ ڪافي اسڪول بند ٿيڻ جو خطرو آهي، ڪافي شاگردن جي تعليم اڌ ۾ رهجي ويندي ۽ جن شاگردن کي سڳا طرفان اسڪالرشپون ملي رهيون آهن، تن جون اسڪالرشپون بند ٿيڻ جو خطرو آهي، ڪيترن ئي ڪوچنگ ڪلاسن بند ٿيڻ ڪري سنڌ اندر تعليمي بحران جو پيدا ٿيڻ اٽڪر آهي، ان ڪري حڪومت، سنڌ جي شاگردن جي ڀلائي خاطر اهو فيصلو واپس وٺي، پنهنجي فراخدلي جو ثبوت ڏئي.

(3) صحت: سڳا ملڪي باشندن جي صحت ۽ جسماني چڱ ڀلائي لاءِ مختلف پروگرام ترتيب ڏئي رهي آهي، سڳا سڀ کان پهريان 1976ع ۾ مفت طبي مشورن جي لاءِ ڪئمپن هڻڻ جو سلسلو شروع ڪيو، انهن مرڪزن ۾ مختلف مرضن جي ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون وچي مفت طبي مشورا ۽ دوائون ڏيڻ لڳيون. سڳا طرفان سال 1980 کي ”صحت سال“ ڪري ملهايو ويو، ان دوران عالمي ادارن يونيسيف به سڳا جي دوائن جي سلسلي ۾ مدد ڪئي ۽ جيڪا اڄان هلندڙ آهي، گهوٽڪي ۾ اهڙو مفت طبي مرڪز قائم ڪيو ويو ۽ پڻ حيدرآباد، لاڙڪاڻي، بدين، راڻيپور، نوابشاهه، سيوهڻ، شهدادڪوٽ، ميرپورخاص ۽ نوشهري فيروز ۾ مفت طبي مشوري جا مرڪز قائم ڪيا ويا آهن، جيڪي جمع جي ڏينهن ڪم ڪن ٿا، انهن ۾ مريضن کي مفت دوائون ڏنيون وينديون آهن. ان کانسواءِ سڳا طرفان گشتي ٽيمون پڻ ڳوٺن ۾ وڃي ماهر ڊاڪٽرن جي نگراني ۾ غريب عوام جون علاج ڪن ٿيون، اهو سلسلو 1978ع کان شروع آهي ۽ مارچ 1982ع تائين انهن جماعتن 122 طبي ڪئمپون لڳايون آهن. جن ۾ 62 هزار مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي.

سڳا طرفان سال 1978ع کان وٺي اکين جي علاج جو مفت سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، هن وقت تائين مختلف هنڌن تي اکين جون 20 ڪئمپون لڳايون ويون آهن، جن ۾ تقريبن 15

هزار ماڻهن جو آپريشن ڪيو ويو آهي ۽ 24 هزار مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي، جڏهن ته (O.P.D) مريضن جو تعداد 4 هزارن کان مٿي آهي. هن وقت سڱا طرفان سنڌ ۾ مختلف طبي مرڪزن ڪانسواءِ ڪراچي ۾ هڪ ميٽرنٽي هوم به ڪم ڪري رهيو آهي، هن وقت سڱا تي بندش پوڻ ڪري خطرو آهي ته اهي طبي مرڪز ۽ ننڍيون وڏيون سڱا جون قائم ڪيل اسپتالون بيهي وڃن ۽ سنڌي عوام ان فلاح ۽ بهبود جي ڪم کان محروم ٿي وڃي.

(4) ادب ۽ ثقافت: سڱا ڪجهه سالن کان هر هڪ سال ڪنهن خاص مقصد جي حوالي سان ملهائڻ شروع ڪيا آهن، جنهن لاءِ ڪيس ٻين سماجي ۽ ثقافتي ادارن ۽ تنظيمن جون تعاون حاصل هوندو آهي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريان 1978ع ۾ ”شاهه لطيف سال“ ملهايو ويو، سڱا طرفان ان سال ڪيترائي شاهه لطيف جي فن ۽ فڪر تي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، سڱا جي مڙني شاخن شاهه لطيف جا ڏهاڙا ملهايا، ”لطيف ڪانگريسون“ ڪيون، ”لطيف ليڪچر“ منعقد ڪيا. سنڌ ڪانسواءِ هن تنظيم طرفان شاهه جو پيغام مڙني قومن تائين پهچائڻ لاءِ اسلام آباد، پشاور ۽ ملتان ۾ پڻ اهڙا ڏينهن ملهايا ويا، وري 1979ع ۾ سڱا ٻارن جو بين الاقوامي سال ملهايو، جنهن ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٻارڙن جا ميلا لڳايا ويا ۽ ٻين شهرن ۾ پروگرام منعقد ڪيا ويا. سڱا ٻين تنظيمن جي تعاون سان سال 1981ع ”سنڌي ساهت سال“ ڪري ملهايو، ان سال سڱا ڪيترائي ڪتابن جا ميلا منعقد ڪيا، سڱا پبليڪيشن بورڊ مختلف موضوعن تي 13 سنڌي ۽ انگريزي ڪتاب شايع ڪرايا. هن سال ڪراچي ۾ جيڪو اعليٰ پئماني تي ساهت سيمينار ڪيو ويو ان ۾ سڱا جو عمل اثرائتو رهيو. حيدرآباد ۾ سڱا طرفان سنڌ ايڪسپو ڪرايو ويو، ادبي تقريبن ۾ حيدرآباد ۾ ”لطيف ليڪچر“ سيريز کان علاوه آءِ آءِ قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، استاد منظور علي خان، مولوي احمد ملاح، ڊاڪٽر ارينسٽ ٽرمپ، مولوي دين محمد وفائي، عثمان ڏيپلائي ۽ ٻين جا ڏينهن ملهايا

ويا، سگا سنڌي ادب جي آبياري ۽ اديبن جي حوصلي افزائي لاءِ سنڌي زبان ۾ هر سال هر موضوع تي سڄي شايع ٿيندڙ ڪتابن تي انعام ۽ ايوارڊ ڏيندي آهي. هن وقت تائين سگا طرفان سنڌي، اديبن، دانشورن، سائنسدانن، فنڪارن ۽ تنظيم جي ڪارڪنن کي ڪيترائي ايوارڊ ۽ انعام ملي چڪا آهن.

مٿئين جائزي بعد اها راءِ قائم ٿيڻ گهرجي ته سگا هڪ غيرسياسي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيم آهي ۽ ان ملڪ جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ ئي پاڻ پتوڙيو آهي. ان ڪري سگا ۾ سرڪاري ملازمن تي وڌل پابندي هٽائي وڃي، جيئن سنڌ جو عوام 4 هزار بهترين سماجي ورڪرن، سچن ۽ وفادار ملازمن ۽ آفيسرن جي خلوص کان محروم ٿيڻ کان بچي وڃي.

(هي مقالو 26 ۽ 27 آگسٽ 1983 تي روزانه آفتاب حيدرآباد ۾ شايع ٿيو).

سنڌ جي سياسي صورتحال

ملڪي سياست جو انحصار اتان جي عوام جي سياسي سمجهه، وطني جذبي ۽ بااصول قول ۽ فعل سان گڏ دائمي سجاڳي ۽ پنهنجي وچايل وڏن جي حاصلات لاءِ فيصلي ڪن ويڙهه جهڙي جوهر تي هوندو آهي. اهي ملڪ ۽ قومون دنيا ۾ عزت جو مقام حاصل ڪري يا گهڻو وقت پاڻ کي زندهه رکي نه سگهنديون آهن، جيڪي پنهنجي ملڪي عوام جي خواهشن جو احترام نه ڪنديون آهن ۽ انهن کي وڌڻ ويجهڻ، آزادانه نموني سان پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو فراهم نه ڪنديون آهن. عوام جي جذبن جو احترام نه ڪرڻ، انهن کي ملڪي نظام ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه ڪرڻ، ڪين حڪم جو بندو ۽ فرمانبردار جانور سمجهڻ، سندس مٿان ظلم ۽ ستم جا تير چوڙڻ، ان جي پيدائشي حقن جهڙوڪ؛ تقرير، تحرير، جماعت سازي جو جنازو ڪڍڻ، خود ملڪن ۾ انتشار ۽ تباهي جو سبب بنجي ايندو آهي. حڪومتون ۽ قانون خود عوام ٺاهيندو آهي، نه چند چونڊيل فرد ۽ انهن جا پڇ لٽڪائو جي حضوري ڪندڙ. عوام پنهنجي مرضي موجب ملڪي نظام پنهنجي چونڊيل پاڻ جهڙن نمائندن جي حوالي ڪندو آهي. اهي نمائندا وري ملڪ هلائڻ لاءِ انتظاميه رکندا آهن، جيڪا به ان عوام جي خدمت، چاڪري لاءِ هوندي آهي، نه سندن مٿان حاڪميت قائم ڪرڻ ۽ سندن ئي گڏ ڪري ڏنل طاقت مٿائنن استعمال ڪرڻ لاءِ. ترقي پذير ملڪ هونئن ته ڪيترن ئي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو شڪار آهن پر چند اهڙا مسئلا آهن، جيڪي ظاهري طور ڇڻ سندن ورثي ۾ مليل پيا پائنجن. پهرين ڳالهه انهن ملڪن ۾ صحيح جمهوري بنيادن تي ٻڌل سياسي نظام جي نه هجڻ ڪري روز روز فوجي جنتا طرفان اقتدار جي هوس ۽ لالچ ۾ اچي راتو رات عوام جي سيني تي سنگيون رکي فوجي حڪومتون قائم ڪرڻ. ٻيو سامراجي ملڪن سان ڳٺ جوڙ ڪري ملڪي استحڪام ۽ اقتصادي بحران جي مصيبت مان نڪرڻ جا بهانا گهڙي پنهنجي ملڪ کي نيم

بيئنڪيتن ۽ سامراج اڏن طور ڪتب آڻڻ. ٿيون ملڪي سياست عوام لاءِ شجر ممنوع قرار ڏئي ان کي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي حوالي ڪري غريب عوام جي استحصال لاءِ ميدان هموار ڪرڻ. چوٿون وڏي ۾ وڏو اهم مسئلو آهي، ڪمزور قومن خلاف طاقتور ۽ فوجي قوت جي گهمنڊ ۾ پريل قومن جو ارهه زورايون ۽ ڏاڍايون. هيٺين قومن جو سياسي ۽ اقتصادي استحصال ڪرڻ، سندن قومي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ستم جو نشانو بنائڻ، مٿن پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچر جارحانه نموني مڙهڻ، ڪانئن سندن سياسي ۽ اقتصادي حق ڦرڻ، کين زندگي جي هر شعبي ۾ پوئتي ڌڪي، ذليل ۽ خوار خراب ڪري هميشه لاءِ هن دنيا جي گولي تان ميساري ڇڏڻ.

اسان جي وفاقي رياست پاڪستان به ماشا الله انهن مڙني مرضن ۾ مبتلا آهي. هي ملڪ آمريڪي سامراج جي ڪئپٽلي ٿيو پيو ٿينگ ٽپا ڏئي. سامراجي ملڪ قرض ڏئي، هن ملڪ کي پنهنجن غلط سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. هتي جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، سو غير ملڪي اشاري تي ٿيندو رهي ٿو. رات وچ ۾ خوني ڊراما سامراجي ملڪن جي اشارن تي ڪيڏيا وڃن ٿا، ملڪ 36 سالن ۾ اقتصادي طرح جيئن پوءِ تيئن پوئتي وڃي رهيو آهي. پورهيت طبقو ظلم ۽ ستم جو شڪار آهي، ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيرزوگاري ملڪي عوام جي چيلهه چٻي ڪري وڌي آهي، دولت چند خاندان جي هٿ ۾ هلي وئي آهي، جاگيردار ۽ سرمائيدار اقتدار جي جنگ ۾ مشغول آهن. وچ ۾ ويچارو بي وس ۽ مجبور عوام وڙهندڙ سانن جي وچ ۾ ٻوڙن جيان چٿجي ۽ چيچاٽجي رهيو آهي.

وفاقي پاڪستان جو ٻيو وڏي ۾ وڏو مسئلو هتي رهندڙ ٽن قومن جي خود مختياري جو آهي، جيڪو ٻين سڀني مسئلن مٿان فوقيت حاصل ڪري ويو آهي ۽ هتي رهندڙ قومن جي وچ ۾ نفاق جو ڪارڻ بڻيل آهي. حقيقت ۾ هي ڪو مسئلو نئون پيدا ٿيل نه آهي، پر هتي ان وقت کان موجود آهي، جڏهن کان ملڪ ٺهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان قوم مسئلي ايڏي ته شدت اختيار ڪئي

آهي. جو ملڪي سالميت خطري ۾ پئجي وئي آهي ۽ ملڪ جا بنياد به لڏي ويا آهن. ڪيترين خونريزين ۽ خانا جنگين جنم ورتو آهي. هڪ دفعو ملڪ ٻن حصن ۾ ٽٽي چڪو آهي، اوڀر پاڪستان بنگلاديش بنجي چڪو آهي. ٻولي جي مسئلي تي رتو ڇاڻ ٿي چڪي آهي، پوءِ به ارباب اقتدار ان مسئلي جو ڪو به خاطر خواهه حل نه ڳولهيو آهي. ورندو پنهنجي ڏاڍ جي لٺ زور سان ڦيرائي حالتن کي طاقت جي وسيلي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر مختلف واقعن اهو ثابت ڪيو آهي ته اهو مسئلو طاقت جي استعمال سان ختم ٿيڻ بجاءِ ويتر وڌندو ۽ ملڪي سالميت خطري ۾ پئجي ويندي. جنهن وقت مان هي سٽو لکي رهيو آهيان، ان وقت وفاقي پاڪستان جي هڪ قوم ان پيچيده مسئلي ۽ مشڪلات جي سياسي حل لاءِ روڊن تي نڪري چڪي آهي، مهينن کان مسلسلي وڏي پئماني تي ان قوم جي وطن سنڌ ۾ مظاهرا ۽ وڳوڙ شروع ٿي چڪا آهن. حڪومت جي تشدد ۽ ڏاڍ خلاف عوام به تشدد جو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ مختلف شهرن ۾ بئنڪن، ٿاڻن، ڪورٽن، ريلوي اسٽيشنن ۽ پين آفيسن وغيره کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو آهي. ڪيترن هنڌن تي فوج ۽ عوام منجهه خونريز جهڙپون به ٿيون آهن. جنهن ۾ هن وقت تائين 300 سنڌي شهيد ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترا ماڻهو زخمي بنجي اسپتالن ۾ داخل آهن. حڪومت جي رويي خلاف عوام منجهه ويتر جوش ۽ جذبو وڌي رهيو آهي. سنڌ جو عوام جهرن جهنگن،ڳوٺن، واهڻن مان خالي هٿين نڪري وڏي پئماني تي شهرن اندر گهڙي پنهنجي غم ۽ غصي جو اظهار ڪري رهيو آهي. فوج ان جوش ۽ جذبي کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ڳوٺن جون تلاشيون وٺڻ، گهرن کي باهيون ڏئي ساڙڻ، ڳوٺن جي ناڪابندي ڪري انهن جو پاڻي ۽ کاڌو بند ڪرڻ جهڙيون انسانيت سوز حرڪتون ڪري رهي آهي. رستن تي گشت جاري آهي، بيگناهه ماڻهو پڪڙي جيلن ۾ وڌا پيا وڃن، مٿائن هر قسم جو تشدد ڪيو پيو وڃي. اٽڪل 25 هزار سنڌي جيلن ۾ بند آهن، جن مان 9 هزار ماڻهن کي فوجي ڪورٽن سالن جا سال قيد، 20-20 ڪوڙا ۽ لکين رپين جي ڏنڊ جي سزا ڏني آهي.

حقيقت هن ريت آهي ته جڏهن ايم آر ڊي، جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ شروع ڪئي ۽ پرامن گرفتارين جو سلسلوشروع ڪيو ته سنڌي عوام سالن کان سيني اندر سانديل نفرت جي اظهار ڪرڻ تي لهي آيو، هو ڪيتري وقت کان موقعي جي تلاش ۾ هيو، هن کي ڪنهن سهاري جي ضرورت هئي، ڪٿان چڻنگ دکڻ جو انتظار هيو، بس جڏهن راهو کلي پيون، تڏهن پنهنجي نفرت جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو. ايم آر ڊي جي هن هلچل ۾ سنڌ کانسواءِ باقي ٽي صوبا ڪو به اثرائتو حصو وٺي نه رهيا آهن، اتي جو عوام خاموش آهي، جڏهن ته ايم آر ڊي جا اڳواڻ هر روز اتان جي عوام کي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لاءِ اپيلون ۽ ٽپيلون ڪري رهيا آهن، پر سواءِ ڪن چند وڏن شهرن ۾ چند ماڻهن جي گرفتارين ڏيڻ بجاءِ اتي صورتحال معمول تي آهي. سنڌ اندر پيدا ٿيل صورتحال خود ايم آر ڊي ۾ شامل جماعتن کي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيو آهي، جو موجوده حڪومت توڙي ان کان اڳ وڌ کان وڌ نا انصافيون سنڌ جي عوام سان ئي ٿيون آهن ۽ هو ئي ظلم ۽ ستم جو شڪار رهيو آهي، هو هر دور ۾ ٻين قومن کان وڌيڪ محروميت جو شڪار رهيو آهي ۽ هتان جي عوام اهو شدت سان محسوس ڪيو آهي ته فوج ۽ آفيسر شاهي جي حڪومت هن سان بي انصافي ڪئي آهي ۽ سندن موجوده حڪومت ۾ ڪو به حصو يا پتي ناهي. سنڌ جي بزرگ سياستدان جناب سائين جي ايم سيد هن تحريڪ بابت واضح لفظن ۾ چيو آهي ته “ملڪ جا ننڍا صوبا بيٺڪي استحصال ۽ پنجاب جي اڪثريتي صوبي جي حڪمران ٽولي جي ظلم خلاف بغاوت تي اٿي کڙا ٿيا آهن، ڏٺو پيو وڃي ته تحريڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جو ڳوٺاڻو پيش پيش آهي، سنڌ جو عوام ظلم خلاف اٿيو آهي، جن کي سندن بنيادي حقن ۽ آزادي جي فائدن کان محروم رکيو آهي، اهي ماڻهو ڪنهن آئين جي بحالي ۾ دلچسپي نه ٿا رکن، پر اهي استحصال ظلم ۽ بنيادي انساني حقن کان محرومي خلاف احتجاج ڪرڻ چاهين ٿا، جن جي زمين ۽ نوڪرين کي غضب ڪيو ويو آهي ۽ سندن

زبان ۽ ثقافت کي پائمال ڪيو پيو وڃي ۽ دانسته طور تي سندن وجود کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي”.

ملڪي، غير ملڪي سياستدان، اديب، دانشور، نشري ۽ غير نشري ادارا هن تحريڪ جو سنڌ ۾ زور وٺڻ جو ڪارڻ سنڌين ۾ احساس محرومي جو پيدا ٿيڻ ٻڌائي رهيا آهن. هو چئي رهيا آهن ته ماضي ۾ سنڌي عوام سان بي انصافي ٿي آهي ۽ کين زندگي جي هر شعبي ۾ پوئتي ڌڪڻ ۽ نظر انداز ڪرڻ جي پاليسي تي عمل ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري سنڌي ماڻهو پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ ايم آر ڊي جي پليٽ فارم کي استعمال ڪري موجوده نظام خلاف نفرت جو اظهار ڪري رهيا آهن.

ڇا واقعي ائين آهي؟ ان لاءِ ٿورو اسان کي ماضي جو درشن ڪرڻو پوندو. اها هڪ سڄ جيان روشن حقيقت آهي ته پاڪستان جي ٺهڻ لاءِ جيتريون قربانيون هتان جي عوام ڏنيون آهن، شايد اوتريون ڪنهن نه ڏنيون هجن. پهريان پهريان هتي جي سياستدانن ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن ئي پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪرايو ۽ ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ جدوجهد جي شروعات ڪئي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ وڏ کان وڏ معاشي ميدان ۾ نقصان سنڌين کي پهتو. مرڪز جو خرچ، ٻاهران ايندڙ مهاجرن کي کاڌ خوراڪ ۽ رهائش جي خرچ لاءِ سنڌي عوام پنهنجي هڙ ڪٽائي ڇڏي. هتان جيتري تعداد ۾ سنڌي لڏي هندستان ويا، ان کان ٽيڻي تعداد ۾ ٻاهرين کي هتي آباد ڪيو ويو آهي. جڏهن هندستان مان مهاجر هتي پهتا ته کين ڪو به صوبو وٺڻ لاءِ تيار نه هيو، اهي مڙئي مهاجر سنڌ ۾ رهايا ويا. سنڌي هندن جو زمينون، واپاري مرڪز، جڳهون، دڪان سڀ سندن حوالي ڪيا ويا. اصلي رهواسي ساڳيائي بک ۽ بدحالي جو شڪار رهيا. ويتر اڳ کان وڌيڪ مظلوم بنجي ويا، اڳ هڪ ڌتي (هندو سيٺ) سندن استحصال ڪندا هئا، هاڻ ان جي جاءِ تي ٽي ڌتيون سندن ڪلهن تي اچي ڪريون. سنڌي عوام جيڪا آزادي ۾ آس لڳايو ويٺو هو، سا ڪافور ٿيڻ لڳي ۽ هن جا رنگين خواب، آسرا ۽ اميدون خاڪ ۾ ملي ويا. سندن دل ۾ وهم ۽ وسوسا جاڳيا ته متان هي

ڪٿي سنڌين جي وجود کي ختم ڪرڻ جي سازش نه هجي. حڪومت هتان جي اصلي رهواسين جي جذبن ۽ خواهشن جو احترام نه ڪندي، سنڌن مرضي خلاف 1948ع ۾ ڪراچي کان سنڌ کان ڇني مرڪز جي حوالي ڪيو، جيئن ڪراچي جي پيداواري ذريعن مان حاصل ٿيندڙ اپت کي سڌو سنئون مرڪزي بجيٽ ۾شامل ڪري وڏي صوبي پنجاب جي مفادن لاءِ ڪتب آندو وڃي. جڏهن سنڌين ان ظلم ۽ نا انصافي خلاف آواز بلند ڪيو ۽ پنهنجي حقن جي بحالي جي تحريڪ هلائي ته نوڪر شاهي سنڌي قوم جي الڳ وجود کي ختم ڪرڻ، سنڌن ٻولي ۽ ثقافت کي هميشه لاءِ دفن ڪرڻ لاءِ 1954ع ۾ ون يونٽ ٺاهي، سنڌ جي وطني حيثيت ختم ڪري ان جي سرحدن کي پنجاب جي ڪلٽي نموني سياسي ۽ اقتصادي استحصال کي کولي ڇڏيو. ون يونٽ جي دور ۾ سنڌ جي جداگانه قومي وجود، ٻولي، ثقافت ۽ اقتصادي مفادن سان هٿ چراند ٿيڻ لڳي، سنڌ جا وڏا شهر غير سنڌين جي حوالي ڪيا ويا، واپار جا مرڪز، اهم ڪارخانا، فرمون هتان جون نوڪريون غير سنڌين جي هٿ ۾ اچي ويون. هتي جي ڪارخانن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ بجاءِ ٻاهرين مزدورن کي اتي روزگار فراهم ڪيو ويو، رٽائر فوجين ۽ ٻين کي هتان جون زمينون انعام ۾ ڏنيون ويون. پنجاب ۽ سرحد جي ماڻهن جي وڏي لڏ پلاڻ ڪرائي ڪين هتي آباد ڪري مقامي آبادي کي اقليت ۾ آندو ويو، جيڪا لڏ پلاڻ اڃان جاري آهي.

اسان جي تعليمي ادارن جا دروازا اسان لاءِ بند رهيا، پنجابي، پٺاڻ ۽ هتي رهندڙ مهاجر انهن تي قابض ٿي ويا. ٻين وڏن عهدن، نوڪرين، ڪارخانن لاءِ آفيسرن کي ته ڇڏيو پر مزدور به ٻاهران سپلاءِ ڪري هتي آندا، جنهن ڪري سنڌين ۽ غير سنڌين جي تضاد جنم ورتو ۽ نفرت وڌڻ لڳي. سنڌي ماڻهن پاڪستان ۾ پنهنجو مستقبل غير يقيني سمجهڻ لڳا، نيٺ 4 مارچ تي نفرت جو خاموش سمنڊ اٿي موجون هڻڻ لڳو، عوام جو صبر

جو پيمانو لبريز ٿي ويو، هو هن ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ميدان تي نڪري احتجاج ڪرڻ لڳو.

1970-71ع ۾ فوجي جتنا ۽ پنجاب صوبي جي غلط پاليسين ۽ هٺ ڌرمين ڪري ملڪي فضا خراب ٿيڻ لڳي، قومي مسئلي کي ڪنهن موثر نموني حل نه ڪرڻ ڪري اوڀر پاڪستان ۾ هن وقت جهڙيون حالتون پيدا ٿيڻ لڳيون، اوڀر پاڪستان جو عوام بنگلاديش ٺاهڻ ته نه پئي گهريو هو صرف سنڌين وانگر سياسي ۽ اقتصادي حق گهري رهيا هئا. انصاف ۽ هڪجهڙائي جي سلوڪ جي تقاضا ڪري رهيا هئا. پر ڪين هن وقت سنڌ جي ماڻهن وانگر غدار، ملڪ دشمن ڀارت جو ايجنٽ ڪوٺي حق ڏيڻ کان انڪار ڪيو، انڌ جي گهوڙي تي سوار فوجي حڪمران ان بحران کي ڪنهن سياسي ۽ ڀائپي برادري واري نموني نبيرڻ جي ڪوشش ڪا نه ڪئي. پر ان مسئلي جو حل فوجي ايڪشن کي سمجهيو جنهن ڪري بنگال ۾ فوجي چڙهائي ۽ پنجابين ۽ مهاجرن جي ٻٽي ظلم خلاف عوامي تحريڪ زور ورتو، جنهن کي ختم ڪرائڻ لاءِ فوجي حڪومت ڪٺپتلي الشمس ۽ البدر جهڙن تنظيمن ۽ فوجين گڏجي مظلوم بنگالي عوام جو قتل عام ڪيو. نيٺ بنگالين مجبور ٿي جدائي جو اعلان ڪيو. افسوس جو هينئر به حڪومت سنڌ جي مسئلي کي سياسي حل ڪيڻ بجاءِ طاقت جي استعمال جا دڙڪا ڏئي رهي آهي، هتي رهندڙ غير سنڌين کي مسلح ڪري سنڌين خلاف ويڙهائڻ لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي. ”ضيا حمايت تحريڪ“، ”جماعت اسلامي“ ۽ افغان پڳوڙا گڏجي الشمس ۽ البدر جو رول ادا ڪري رهيا آهن ۽ هن عوامي تحريڪ جي هٿياربند مخالفت تي لهي آيا آهن، جيڪا ڳالهه هن ملڪ جي سالميت لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي.

اوڀر پاڪستان ۾ پيش آيل هن هيڏي وڏي قومي سانحي بعد به اسان جي حاڪمن، نوڪر شاهي ۽ فوجي جرنيلن باقي بچيل پاڪستان کي صحيح بنيادن تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪا نه ڪئي، پاڪستان ۾ اپريل قومي مسئلي جي نبيري لاءِ ڪو عملي

قدم ڪو نه کنيو ويو. ورندو ننڍين قومن خلاف اهائي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ واري پاليسي جاري رکندا آيا. 1973 ۾ جڏهن ٻولي جو مسئلو اٿيو ته سنڌي ماڻهن پنهنجي فطري مطالبي کي ورجايو ته پاڪستان جي قومي ٻولي اردو بجاءِ هتان جي ڪا مادري زبان ڪئي وڃي يا چئني زبانن کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي. جي نه ته به اردو سان گڏ سنڌي کي به قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي. ڇو جو باقي بچيل پاڪستان ۾ اردو کان به وڌيڪ قديم ۽ شاهوڪار زبان سنڌي هتي موجود آهي، جيڪا سنڌ جي عوام جي مادري زبان هجڻ سان گڏ بلوچستان، پنجاب ۽ سرحد جو وڏو حصو سمجهي ۽ ڳالهائي ٿو. پر حڪمران ٽولي ان مسئلي تي به فساد ڪرايا ۽ ٻاهران گهرايل اقليت جي زبان زوري هتان جي رهواسين مٿان مڙهي وئي. هن وقت به سنڌي زبان کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪيا پيا وڃن. وڏن شهرن ۾ سنڌي ميڊيم اسڪولن جو بند ٿيڻ، رستن، روڊن، آفيسن تان سنڌي ۾ لکيل نالا ڊهرائڻ، آفيسن ۾ دفتري زبان طور نه استعمال ڪرڻ، ريڊئي ۽ ٽي وي تان سنڌي کي نيڪالي ڏيڻ، سنڌي ڪتاب تي بندشون وجهڻ، سنڌي اخبارن، رسالن جا ڊڪليئريشن رد ڪرڻ، کين پني جي ڪوٽا نه ڏيڻ، کين اشتهارن کان جواب ڏيڻ پريس هٿان جون پابنديون لاڳو ڪرڻ ان جا کليل ثبوت آهن.

1977ع کان فوجي حڪومت ملڪ جون واڳو ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي رات وچ ۾ پنهنجو اقتدار قائم ڪيو. جنهن صورتحال کي ويتري بگاڙي ڇڏيو، پاڪستاني قومن جي گڏ رهڻ جا ٿورا گهڻا جيڪي به امڪان هئا، سي به غائب ٿيڻ لڳا. فوجي حڪومت پنجابين ۽ پٺاڻن کي نوازڻ شروع ڪيو ۽ کين ئي هن ملڪ جو مالڪ ۽ بچاءَ ڪندڙ چئي، لالچائي ننڍن قومن جي مخالفت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. هو اڪيلائي پاڻ کي ملڪ جو وارث سمجهڻ لڳا ۽ پنهنجي ڦرلٽ کي جائز ۽ اسلامي سمجهڻ لڳا. ان عمل جي خلاف آواز اٿاريندڙ غدار سڏيا ويا. فوجي حڪومت 1973ع جي آئين کي ختم ڪري مظلوم قومن کان

سندن رهيا سهيا به حق ڦري ورتا. 1973ع جي آئين ۾ صوبن کي جيڪا ٿوري گهڻي محدود ۽ غير اطمينان بخش خودمختياري مليل هئي سا به ختم ڪئي وئي. سنڌ کي پنجاب جي ناجائز ڦرلٽ لاءِ کليو ڇڏيو ويو، جنهن به ان خلاف آواز اٿاريو، انهي کي ڪوڙا هنيا ويا ۽ فوجي تشدد جو نشانو بڻائي راهه مان هٽايو ويو يا ڳريون سزائون ڏئي بند ڪيو ويو.

ڪافي وقت کان سنڌ ۾ منظم نموني ڌارين جي آبادي وڌائڻ ۽ سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ لاءِ سازش شروع ٿي چڪي آهي. حڪومت هتان جي عوام جي مخالفت جي باوجود بهاري گهرائي هتي آباد ڪري رهي آهي ۽ هاڻ به باقي بهاري هتي ٽيسٽائين نه ٿا گهرايا وڃن، جيسٽائين انهن لاءِ رهائش جو بهتر انتظام ڪرڻ، کين سنڌ ۾ نوڪريون ڏيڻ جو پورو بندوبست مڪمل نه ٿو ٿئي، جڏهن اهي سڀ بندوبست ٿي ويندا ته باقي بچيل بهاري بنگال مان گهرائي سنڌ ۾ آباد ڪيا ويندا. ٻاهران ايندڙن لاء ته حڪومت سڀ ڪجهه انتظام ڪري رهي آهي ۽ انهن جو هيترو خيال رکيو وڃي ٿو پر هتان جا اصلي رهواسي، هن ڌرتي جا وارث بنا گهر گهاٽ جي وتن ٿا ڌڪا کائيندا. بيروزگاري جي وڌڻ تي فاقاڪشين تي مجبور آهن. کين اجهو، اٽو، لٽو مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ حڪومت وٽ ڪو به پروگرام نه آهي. پر ٻاهران جيڪي افغان پڳوڙا هتي پهتا آهن، انهن لاءِ سڄي مغربي سامراجي دنيا وٽان امدادون وٺي رهيا آهن. انهن کي هتي مستقل آباد ڪرڻ لاءِ منصوبا بڻايا پيا وڃن. هن وقت سنڌ اندر سنڌين ۽ غير سنڌين جو تعداد هڪ جيترو ٿي ويو آهي، ايندڙ سالن ۾ اهو وڌي ويندو. ان صورتحال پيدا ٿيڻ ڪري 90 سيڪڙو نوڪرين تي ڌاريا قابض ٿي ويا آهن ۽ سنڌي اڻ ڳڻين مشڪلاتن جو شڪار ٿي ويا آهن. مرڪزي کاتن ۾ سنڌي هزار پويان هڪ به ڳولهيو لڀندو. فوج ۾ ته سنڌي نالي ماتر به نه آهن. اهڙو حال ايئر سروس ۽ ساموندي نوڪرين ۾ آهي. ڪارخانن مان رهيل کهيل سنڌي مزدورن جي به زور سان ڇانٽي ٿي رهي آهي ۽ انهن جي جاءِ تي افغانين، بهارين، پنجابين، پٺاڻن ۽ انهن جي ساٿيارن مهاجرن کي روزگار

فراهم ڪيو پيو وڃي، ريلوي، پوسٽل سروس ۽ بئنڪن ۾ سنڌي اٽي ۾ لوڻ برابر به نه آهن. اهڙين ئي حالتن پيدا ٿيڻ ڪري سنڌ اندر مايوسي پيدا ٿي چڪي آهي ۽ سنڌين جي دلين ۾ شڪ شبها جنم وٺي رهيا آهن. هنن کي پنهنجو وجود ختم ٿيندو ڏيکائي ڏئي رهيو آهي ۽ هو هينئر انهن حالتن خلاف اٿي کڙا ٿيا آهن، ٻيو ته ٺهيو پر نون سنڌين (مهاجرن) جيڪي هتي 35 سالن کان رهي رهيا آهن، تن سنڌين جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ سازشون سٽي سنڌين کي ڪمزور ڪري رهيا آهن. هڪ پاسي هو هن وقت ڪراچي صوبي (مهاجرستان) بنائڻ لاءِ تحريڪ هلائي رهيا آهن ته ٻئي طرف چئن قومن جي وجود کي ختم ڪري ملڪ کي 22 يونٽن ۾ ورهائڻ جا منصوبا سٽيا پيا وڃن ته جيئن ''نه رهي بانس نه وڄي بانسري'' جيڪا ڳالهه هتان جا غيور سنڌي ڪڏهن به برداشت ڪري نه سگهندا.

ان صورتحال هوندي پاڪستان جي محافظن تي اهو فرض عائد ٿو ٿئي ٿي ته هو سنڌ ۾ طاقت استعمال ڪرڻ بجاءِ ڳالهين ذريعي ان مسئلي جو حل ڳولهين ۽ صلح سائنت سان ان مسئلي جو نبيرو ڪن. جيڪڏهن پاڪستان کي بچائڻو آهي ۽ چئن قومن کي گڏ رهائڻو آهي ته اڳين غلط پاليسي ختم ڪرڻي پوندي، هر ڪنهن سان برادرانه سلوڪ ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن حڪومت نيڪ نيتي سان سنڌ جون موجوده حالتون سڌارڻ گهري ٿي ته هو هتي انقلابي تبديليون آڻي، هتان جي ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺي انهن جا مڙني جائز مطالبا پورا ڪري. سنڌن جاگرافيائي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حقن جو تحفظ ڪري. سنڌ ۾ ٿيندڙ ٻين صوبن جي ماڻهن جي لڏ پلاڻ بند ڪرائي ۽ هن کان اڳ آيلن کي نه صرف پنهنجي صوبن ڏانهن واپس ڪري، پر انهن جون ملڪيتون هتان جي غريب عوام جي حوالي ڪري. افغانين ۽ بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ کان باز اچي. سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي، ان کي اردو جيترين سهولتون ڏئي. هتي 36 سالن کان رهندڙ مهاجرن کي سنڌي زبان ۽ ثقافت کي اپنائڻ ۽ ان کي پنهنجو ڪرڻ تي مجبور ڪري. سنڌ کي

وفاقي بجيٽ مان پورو حصو ڏئي ۽ مرڪزي نوڪرين ۾ سنڌين ڪان قبايل نوڪريون انهن جي حوالي ڪري. جيئن سنڌين جي دلين ۾ پيدا ٿيل شڪ ۽ شهبا ختم ٿين ۽ هو پاڻ کي هن ملڪ جي نظام ۾ شريڪ سمجهن.

جيڪڏهن حڪومت ۽ اڪثريتي صوبي جي سياستدانن سنڌين مٿان عليحدگي جا الزام مڙهي، هتي ڏاڍ ڪرڻ شروع ڪيو ته حالتون هٿن مان نڪري وينديون. پوءِ ظلم سهندڙ سنڌي پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪي ٻيا راهون ۽ رستا تلاش ڪندا ۽ هي ملڪ هنن لاءِ اجنبي ملڪ بنجي پوندو ۽ پوءِ مٿان هو ”پاڪستان بچايو تحريڪ“ بدران ”سنڌ بچايو تحريڪ“ هلائڻ لاءِ مجبور ٿي پون ۽ سندن نعرا هي بڻجي پون ته:

ڪشمور کان ڪراچي بندر تائين،

جيئي سنڌ ديس سدائين!

(4 ڊسمبر 1983)

سنڌي سماج ۾ انتشار

هن وقت سنڌ اندر سرڪاري مشينري سماج ۾ پيدا ٿيل انتشار، بدنظمي ۽ بيچيني کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ ڌاڙن، ڦرين ۽ چورين جهڙن لعنتن کي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف قانون جوڙڻ ۽ سماج دشمنن جي خاتمي لاءِ مختلف سزائون تجويز ڪرڻ ۾ رڌل آهي. موجود حڪومتي نظام سان بغاوت ڪندڙ ۽ ان ۾ بدنظمي ۽ انتشار ڦهلائيندڙ فردن جون سنڌ ۾ وڏي پئماني تي گرفتاريون ڪيون پيون وڃن. قانون نافذ ڪندڙ ادارا ان ڪم ۾ رڌل آهن، خاص دستا مقرر ڪيا ويا آهن. جن بنا ڪنهن تميز جي پرامن توڙي وڳوڙي ماڻهن جي خلاف وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني آهي. هر ماڻهو مٿان اڻچاتل خوف ۽ هراس ڇانيل آهي. بدنظمي ۽ انتشار، چوريون ۽ ڌاڙا ختم ٿيڻ بجاءِ ويتر عروج تي آهن.

ان صورتحال تي ٿڌي دل ۽ دماغ سان سوچڻ گهرجي ته آخرڪار ان ماحول جي پيدا ٿيڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ اصل ۾ سرڪار يا ته اصلي مسئلي کان واقف نه آهي يا وري ڄاڻي واڻي ان کان ڪن لاتار ڪري رهي آهي. سنڌ اندر ان سڄي صورتحال جي ذميوار مقامي ماڻهن ۾ هٿ وٺي پيدا ڪرايل بک، بيروزگاري ۽ جهالت آهي. سنڌ جو مقامي ماڻهو عدم تحفظ جو شڪار آهي، نه کين نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون، نه ڪارخانن ۾ مزدوري ملي ٿي، نه هاريءَ جو حق ميسر آهي. مقامي ماڻهن کي نوڪرين کان جواب، ڪارخانن مان نيڪالي، زمينن تان بي دخلي ان انتشار ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. ان کانسواءِ مقامي آبادي لاءِ تعليم جو صحيح بندوبست نه هجڻ، پڻ ان جو وڏو ڪارڻ آهي. اسان جون ٻهراڙيون جتي مقامي آبادي رهندڙ آهي، سي زندگي

جي مڙني سهولتن ۽ آسائشن کان محروم آهن، نه ڪين اجهو، اٺو ۽ لٽو ملي ٿو نه سندن لاءِ اسڪول، اسپتالون ۽ رستا موجود آهن. ان حالت هوندي مقامي آبادي مان ماٺ ڪري وهڻ يا شڪر جا ڪلما پڙهڻ جي اميد گهٽ رکي سگهجي ٿي. ڇو جو هر مشڪلات ۽ برائي جو معاشي سبب هوندو آهي. حالت هي آهي جي ڪو مقامي ماڻهو ڏک ڏولاوا سهي، سوين ميل لتاڙي شهرن ۾ پهچي اتفاق سان تعليم حاصل ڪري ٿو ته ڪيس پٽيوالي ته ڇا پر آخر ۾ سندس ئي شهر ۾ لڳل ڪارخاني ۾ مزدوري کان به جواب ملي ٿو ۽ پوءِ هو مجبور ٿي پيٽ پالڻ لاءِ ڌاڙا نه هڻندو ۽ چوريون نه ڪندو ته ٻيو ڇا پلا جهولي جهلي پنندو. بهر حال هن پيٽ پرڻ لاءِ به وقت ماني ته لهڻي. افسوس جو حڪومت مقامي ماڻهن جو مسئلا حل ڪرڻ بجاءِ سندن سون جهڙيون عمريون جيلن ۾ ڳاري رهي آهي، ڪين هيسائي، ڪمزور ڪري، سندن مان محنت جو املهه جوهر ختم ڪري رهي آهي. جيڪا ڳالهه هن مسئلي جو حل نه آهي. ڦريون ۽ ڌاڙا ۽ چوريون ايئن سزائون تجويز ڪرڻ سان ختم نه ٿينديون. بلڪه ائين ته انهن ۾ تيزي سان واڌارو ايندو. جيڪو اڳتي هلي هن سماج لاءِ ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿيندو ۽ پوءِ ان جو ازالو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو. ان ڪري خدارا مقامي ماڻهن جي مسئلن ڏانهن توجهه ڏيو، سندن مان عدم تحفظ جو احساس ختم ڪيو، ڪين پيار ۽ محبت سان پنهنجو ڪيو، هنن جي وجود کي تسليم ڪريو. انهن سان نفرت ۽ ڪدورت ختم ڪريو، ڪين سندن روزگار جي وسيلن جو مالڪ بڻايو. جيئن اهي عارضي مسئلا ۽ مشڪلاتون خودبخود ختم ٿي وڃن ۽ سنڌ امن امان جي صورتحال هيٺ ترقي ڪري، ان صحتمند ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ هيٺ ڪجهه تجويزون آهن.

(1) سنڌ جي مقامي آبادي کي پنهنجي گذر سفر جي وسيلن جو مالڪ بڻائي ان کي ملڪي نظام ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو وڃي.

(2) ٻين صوبن جي ماڻهن کي سنڌ ۾ اچي زمينون خريد ڪرڻ، نوڪري ۽ واپار ڪرڻ يا ڪارخانا لڳائڻ تي

مڪمل بندش وجهي اهڙا موقعا مقامي آبادي کي فراهم ڪيا وڃن.

(3) مرڪزي حڪومت جي صرف ٽي کاتا دفاع، خارجه معاملات ۽ ڪرنسي حوالي ڪيا وڃن، باقي کاتا صوبن جي حوالي ڪيا وڃن. جن جي پيدائش مان سنڌ وارا مقامي آبادي جا معاشي مسئلا حل ڪري سگهن.

(4) وفاقي نوڪرين ۾ 25 سيڪڙو ماڻهو سنڌ جي مقامي آبادي مان کنيا وڃن، اهڙي طرح صوبائي نوڪرين جو 90 سيڪڙو مقامي ماڻهن جي حوالي ڪيو وڃي.

(5) سنڌ اندر وصول ٿيندڙ انڪم ٽيڪس، ڪسٽم، ايڪسائيز ڊيوٽي ۽ سيلس ڊيوٽي جي رقم سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ تعليمي ادارا ۽ اسپتالون کولڻ، رستا تعمير ڪرڻ ۽ صنعتي يونٽ کولڻ لاءِ خرچ ڪئي وڃي.

(6) سنڌ اندر سرڪاري توڙي خانگي ڪارخانن ۾ مزدور توڙي ٻيو عملو 90 سيڪڙو مقامي ماڻهن مان پرتي ڪيو وڃي.

جيڪڏهن هنن چند مشورن تي عمل ڪيو ويو ته سنڌ اندر پيدا ٿيل بيچيني ۽ انتشار ختم ٿي سگهي ٿو. ڇو جو بک ئي هر برائي جي پاڙ هوندي آهي. ان ڪري سرڪار اصل مسئلي ڏانهن ڌيان ڏئي ته جيئن سنڌ ۾ مڪمل امن امان پيدا ٿئي ۽ خوشحالي اچي.

(ڇپيل: روزانه آفتاب حيدرآباد، 7 ڊسمبر 1983ع)

سنڌ ۾ ڌارين جي آباد ڪاري

(ڪجهه حقيقتون ڪجهه شڪايتون)

چند سالن کان بهارين کي اڳوڻي اوڀر پاڪستان (موجوده بنگلاديش) مان گهرائي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ خلاف هتان جو عوام آواز اٿاري رهيو آهي. هتان جي هر ماڻهو جو اهو ئي خيال آهي ته بهاري هيڏي اچڻ بدران بنگلاديش ۾ ئي اتان جي اصل رهواسين سان ملي جلي هڪ ٿي وڃن. جيڪڏهن حڪومت هروڀرو انهن کي هتي آڻڻ گهري ٿي ته کين سنڌ بجاءِ ملڪ جي ٻين صوبن ۾ رهايو وڃي، ان سان گڏ اها به ضمانت ملڻ گهرجي ته هو انهن صوبن مان سنڌ ڏانهن لڏ پلاڻ نه ڪندا. ڇو جو اڳ ائين ٿي چڪو آهي، جو ٻاهران آيل ماڻهو ڀهريان ته وڏي تعداد ۾ سنڌ ۾ آباد ڪيا ويندا آهن پر جيڪي نالي ماتر ٻين صوبن ڏانهن اماڻيا ويندا آهن، سي ڪجهه وقت گذرڻ بعد وري لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيندا آهن. اهڙي طرح هو هتي جي عوام جي روزگار جي وسيلن تي قابض بنجي ويندا آهن.1971ع کانپوءِ جيڪي به بهاري هتي پهتا آهن، سي سڀ جو سڀ هن وقت سنڌ ۾ موجود آهن، ان کانسواءِ افغانستان مان پڇي آيل به سنڌ ڏانهن سرڪي رهيا آهن. تازو افغان پڳوڙن بابت مقرر ڪيل چيف ڪمشنر ٻڌايو آهي ته هن وقت سنڌ ۾ 20 هزار افغان پهچي چڪا آهن. اصل ۾ انهن جو تعداد اجان به وڌيڪ هوندو. نه صرف ٻاهرين ملڪن مان ايندڙن کي سنڌ ۾ رهايو پيو وڃي پر سرڪاري رپورٽن موجب ٻين صوبن جا ماڻهو به تيزي سان سنڌ ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن. چيف پاپوليشن ۽ سينس ڪمشنر اختر حسن 1971 کان 1981ع تائين 10 سالن جي رپورٽ پيش

ڪندي ڇيو آهي ته گذريل 10 سالن ۾ سنڌ ۾ پنجاب مان 6 لک 32 هزار ۽ سرحد مان 3 لک 69 هزار ماڻهو لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. مٿين 10 سالن ۾ ڀارت، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن کان لڏي سنڌ ۾ ايندڙن جو تعداد 9 لک کن آهي، ان حساب صرف 10 سالن ۾ سنڌ ۾ ٻاهران آيلن جو تعداد 20 لک وڃي بيهي ٿو. ان بعد هنن 5 سالن ۾ ٻاهران آيلن جو تعداد خبر ناهي ته ڇا هوندو.

سنڌ ۾ ڌارين جي مسلسل واڌ هتان جي آبادي جي تناسب ۾ ٻيڻو اضافو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هتان جي اصل رهواسين کي عدم تحفظ جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. ۽ هتان جا اصل رهواسي سنڌي تيزي سان اقليت ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃن. 1981ع جي سرڪاري آدمشماري مطابق سنڌ جي آدمشماري 1،89،66،000 آهي، جنهن ۾ اصل سنڌين جو تعداد هڪ ڪروڙ 11 لک 18 هزار آهي. جڏهن ته غير سنڌي 78 لک 48 هزار ٿي چڪا آهن. جن ۾ 42،93،000 مهاجر، 25،35،000 پنجابي ۽ 10،20،000 پٺاڻ شامل آهن. هي انگ اکر سال 1981ع جا آهن، جڏهن ته انهن کي 5 سال گذري چڪا آهن، جنهن ڪري هن وقت انهن ۾ ڪافي اضافو ٿي چڪو هوندو.

سنڌ ۾ ٻين صوبن جي پيٽ ۾ ٻاهرين ماڻهن جي مسلسل واڌ هتان جي اصل آبادي لاءِ انتهائي تشويش ناڪ صورتحال پيدا ڪري رهي آهي. ٻاهرين ماڻهن جي وڌندڙ آبادي هتان جي اصل رهواسين جي ڌار قومي وجود، ٻولي، ثقافت ۽ سياسي ۽ اقتصادي حقن لاءِ تباهي جو باعث بڻجي رهي آهي. هتان جو مقامي ماڻهو جيڪو سرڪاري سڳوري جو نظر انداز ڪيل آهي، سو ويتر محرومي جو شڪار ٿيندو پيو وڃي.

هن وقت پاڪستان ۾ سنڌ اڪيلو ئي صوبو آهي، جتي جون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون روز بروز بگڙي رهيون آهن. هن صوبي جي مٿان ملڪي معيشت جو بار برداشت کان ٻاهر ٿيندو پيو وڃي. هتي جو مقامي ماڻهو زندگي جي هر سهولت کان بي نياز آهي، سندس حالتون وحشي دور جي انسانن کان به بدتر ٿينديون پيون وڃن. بيروزگاري ۾ هر ڏينهن اضافو

ٿي رهيو آهي. ٻنين تان بي دخلي ۽ ڪارخانن مان نيڪالي هتان جي مقامي ماڻهو جو مقدر بنجي چڪي آهي. سرڪاري رپورٽن موجب هن وقت پاڪستان ۾ بيروزگارن جو تعداد 9 لک 80 هزار آهي. جن ۾ 76 سيڪڙو بيروزگار سنڌ جا مقامي ماڻهو آهن. يعني هن وقت سنڌ جا اصل رهواسي 7 لک 50 هزار بيروزگار آهن. ٻاهرين ماڻهن جي اچڻ ڪري، جن کي سرڪاري سر پرستي حاصل آهي، هن بيروزگارن جي فوج ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. سنڌ جي مقامي ماڻهن کي بيروزگار رکڻ ۾ حڪومت سان گڏ انهن ٻاهران آيل ڪارخانيدارن جو به هٿ آهي، جيڪي ڪارخانا ته سنڌ ۾ لڳائڻ ٿا پر انهن لاءِ مزدوري ۽ ٻيا ملازم ٻاهران ڀرتي ڪن ٿا. جيڪا ڳالهه نهايت افسوس جوڳي آهي. جيڪڏهن اها حالت رهي ته سنڌ اندر وڏو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو، جنهن کي روڪڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هوندي.

هن وقت حالت اها آهي جو سنڌ جي صوبائي نوڪرين تي 80 سيڪڙو ٻاهريان ماڻهو ٽاڪيا ويا آهن. مرڪزي کاتن ۾ ته ايڏو انڌير آهي، جو هڪ هزار ملازم پويان هڪ سنڌي ماڻهو به ڳوليو لڀندو. جڏهن ته مرڪزي کاتن جي سڄي پيداوار جو ذريعو سنڌ آهي. ان هوندي به سنڌي ماڻهو بکن ۾ ڏکن جو شڪار بنجي انتهائي ذلت واري زندگي گذاري رهيا آهن. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيو آهي، جو سنڌ ۾ هڪ پروگرام تحت ڌارين کي آباد ڪيو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ اسان وڌندڙ آدمشماري طرف اچون ٿا. 1947ع کان پوءِ سنڌ جي آدمشماري ۾ تيزي سان واڌ اچي رهي آهي، جڏهن ته آدمشماري ۾ واڌ جي اها رفتار ٻين صوبن ۾ تمام گهٽ آهي. 1961ع ۾ ملڪي آدمشماري ۾ سنڌ جو حصو 19.5 سيڪڙو هيو، 1972 ۾ اهو وڌي 21.6 بيٺو ۽ 1981 ۾ هيٺئر اهو 22.7 سيڪڙو وڃي بيٺو آهي. هوڏانهن پنجاب صوبي ۾ صورتحال ان جي ابتڙ آهي، 1961ع ۾ ملڪي آدمشماري ۾ پنجاب جو حصو 59.4 سيڪڙو هيو. 1972ع ۾ اهو گهٽجي 57.2 بيٺو ۽ هاڻ 1981ع ۾ اهو اچا به گهٽجي 56.3 سيڪڙو

بيٺو آهي، هاڻ پتو پوندو ته سنڌ ۾ ٻين صوبن جا ماڻهو تيزي سان آباد ٿي رهيا آهن ۽ سنڌ جي معيشيت تي اهو بار ڳرو ٿيندو پيو وڃي، جيڪا ڳالهه هتان جي اصل آبادي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندي ۽ هتي غربت ۽ مسڪيني ۾ اضافو ٿيندو.

ان سڄي صورتحال کي آڏو رکندي، حڪومت کي مشورو ٿو ڏجي ته هو هتان جي عوام کي اعتماد ۾ وٺڻ خاطر ڪي به تڪڙا ۽ ابهرا قدم نه کڻي. سنڌ ۾ ٻاهرين ماڻهن جي آبادي تي بندش وجهي ۽ ٻين صوبن مان آيلن کي پنهنجن صوبن ڏانهن واپس ڪري، ان سان گڏ دانشمندي جو ثبوت ڏيندي، سنڌي عوام جي حقن جو خيال ۽ خواهشن جو احترام ڪندي وڏيڪ بهاري نه گهرائي. جيڪڏهن حڪومت چند مفاد پرست ماڻهن جي هاءِ گهوڙا جو شڪار بنجي وڌيڪ بهاري سنڌ ۾ گهرايا ۽ پڻ ٻين صوبن جي ماڻهن جي آمد تي بندش نه وڌي ته هتان جي اصل آبادي ۾ بيچيني ۽ نفرت وڌي سگهي ٿي. اسان هتان جا اصل رهواسي ڪڏهن به اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ نه ڏينداسون ۽ ڪنهن به مفاد پرست کي سنڌي عوام جي قسمت سان راند کيڏڻ نه ڏينداسون.

(ڇپيل: هفتيوار سنڌ سجاڳ، جيڪب آباد، 15 ڊسمبر 1986ع)

اردو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌ

ڪجهه ڏينهن کان اسان جا اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڀائر، سنڌ سان محبت، سنڌين سان محبت، وفاداري، ڀائپي ۽ برادري جا عهد ۽ اقرار ڪري رهيا آهن. انهن جا ليڊر روز اسان کي اها پڪ ڏياري رهيا آهن ۽ تجديد عهد وفا ڪري رهيا آهن ته ”اسان جو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي. اردو ڳالهائيندڙ پڻ سنڌي ڳالهائيندڙن جيان هن ڌرتي جا وارث ۽ مالڪ آهن ۽ هو ئي سنڌين سان گڏ سنڌ جي وسيلن ۾ هڪ جيترا ۽ هڪجهڙا ڀائيوار آهن.“ اهو سڀ ڪجهه چوندي مٿان هو اهو به چئي رهيا آهن ته انهن سڀني ڳالهين هوندي به ”اسان سنڌي نه آهيون، اسان الڳ قوميت مهاجر آهيون، اسان سنڌ جا وارث ۽ ان جي وسيلن ۾ هڪ جيترا حقدار آهيون ۽ انهن کي پنهنجو ڪيون ٿا پر اسان سنڌ جي سنڌي ٻولي ۽ هتان جي ثقافت کي پنهنجو نه ٿا ڪيون، اسان سنڌ جي وسيلن ۾ ته هڪ جيترا حقدار آهيون. پر سنڌ جي ٻولي ۽ ثقافت ۾ هڪ جيترا حقدار ٿيڻ لاءِ تيار نه آهيون“.

اهو عجيب فلسفو ۽ منطق جيڪو اردو وارن اختيار ڪيو آهي، سو اسان جي سمجهه کان مٿي آهي، اسان جا اردو ڳالهائيندڙ ڀائر هتي اچڻ کانپوءِ لاڳيتون غلطيون ڪري رهيا آهن، هنن ڀهريان ته هتي اچڻ وقت سنڌ کي فتح ڪيل علائقو سمجهي، حڪومت جي اختيارن جو فائدو وٺندي، هتي جي مڙني وسيلن، جهڙوڪ، زمينن، ڪارخانن، دڪانن، گهرن، ملازمتن وغيره تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. ان کانپوءِ هنن پنهنجي ٻولي اردو هتي جي قومي ٻولي سنڌي کان مٿانهين ۽ اعليٰ سمجهندي ان مٿان مڙهڻ شروع ڪئي ۽ هتي جي پوري انتظامي مشينري تي قبضو ڪري ان کي پنهنجي مفادن جو تابع بنايو. جڏهن هڪ وڏي صوبي جي ماڻهن هتان جي وسيلن جي ناجائز ڦرلٽ ڪرڻ

شروع ڪئي ۽ هن ڌرتي تي والار ڪرڻ شروع ڪئي ته هو انهن جا ساٿاري بنجي ان ڦرلٽ واري سازش کي تقويت پهچائڻ لڳا. جڏهن به سنڌ جي رهواسين مجموعي سنڌ جي مفادن لاءِ جيڪي هتي جي اردو ڳالهائڻ وارن جا به مفاد هئا، ڪو تحرڪ ورتو، ڪا جدوجهد ڪئي ته هنن صاحبن کي ان پنهنجي خلاف سمجهندي، ان جي ناجائز ۽ نهايت منافقانه نموني مخالفت ڪئي. جڏهن ته مجموعي سنڌ جي مفادن سان جيڪا هٿ چراند ٿي رهي هئي يا ٿي رهي آهي، تنهنجو اثر نه صرف سنڌي ڳالهائيندڙن تي پئجي رهيو آهي پر ان وڏي صوبي جي پرماري رويي ڪان سندن (اردو ڳالهائيندڙن) مفاد به متاثر ٿي رهيا آهن. پر پوءِ به ماضيءِ ۾ اسان ڏٺو ته اسان جڏهن به وڏي صوبي کان ڪا جائز گهر ڪئي ته اڳ ۾ اسان کي پنهنجن هنن پائرن جي تيرن جو نشانو بنجڻو پيو. اسان ون يونٽ ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪئي، هنن وڏي صوبي سان پنهنجا ناتا ۽ رشتا پختا ڪرڻ لاءِ ان جي مخالفت ڪئي. اسان سنڌو درياهه جو پاڻي پنهنجي حصي پٽاندر گهريو ته هنن جي مٿي کي چڪر اچڻ لڳا. اسان سنڌ ۾ ٻين صوبن جي ماڻهن جي داخلا تي بندش جي ڳالهه ڪئي ته هنن صاحبن کي پنهنجا محل خطر ۾ نظر آيا. اسان مرڪزي ڪوٽا ۾ 25 سيڪڙو نمائندگي جي ڳالهه ڪئي ته يا صوبن کي وڌ کان وڌ اختيار ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي ته هنن جي سياسي دڪانن ۾ اداسي ڇائنجڻ لڳي، آخر ڇو؟ اهي سڀ مطالبا ڪهڙي نموني هنن جي خلاف هئا. اهي مطالبا ته سنڌ ۾ رهندڙ مجموعي آبادي جي فائدي وٽان هئا. انهن جي مخالفت جو ڪهڙو سبب هيو، جڏهن وڏي صوبي جي رهواسين سنڌ جي مڙني وسيلن تي ناجائز قبضو ڪري، هتي جي ڌرتي تي پنهنجا ماڻهو آباد ڪري هتان جي ماڻهن جن ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ شامل هئا کي نوڪرين، صنعتن، زمينن تان بيدخل ڪرڻ شروع ڪيو ته پوءِ اسان جي اردو ڳالهائيندڙ پائرن جي اکين تان کيپ لهڻ شروع ٿيا، اڳي سنڌين کي ڌسندي ۽ ڀاڪاريندي جيڪي سندن مٿي کي ڦيرائيون اچڻ لڳنديون هيون، سي هاڻ کين وڏي صوبي جي وڏن پائرن کي ڌسندي اچڻ لڳيون.

اڄ کان 40 سال اڳ سنڌي ماڻهن جي گهرن، ڳوٺن ۽ شهرن کي جيڪا باهه وکوڙڻ شروع ٿي هئي، تنهن جو سيڪ پاڻ به محسوس ڪرڻ لڳا. اسان جيڪا باهه 40 سالن کان برداشت ڪندا آيا هئاسين، هي دوست صرف ان جو سيڪ به برداشت نه ڪري سگهيا، اسان کان به وڌي واڪي دانهون ڪرڻ لڳا، فرياد ڪرڻ لڳا ته اسان تي ظلم ٿي رهيو اهي. هنن تي اڃا 2 في سيڪڙو به ظلم نه ٿيو آهي، اسان ته 98 سيڪڙو ظلم ۽ زيادتي برداشت ڪري رهيا آهيون ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ ان سان منهن مقابل آهيون. پر اسان جي پائرن کي جڏهن ٿوري تڪليف پهتي، جيڪا اڃان ايندڙ ڊرامي جي هڪ جهلڪ هئي ته همراهن کان اسان جي مٿان ٿيندڙ پهاڙن جيڏا ظلم ۽ ستم وسري ويا، پنهنجي مٿان رکيل ڪک کي به ڪارونجهر جيڏو بار محسوس ڪرڻ لڳا. ڇا جنهن وقت اوهان اهو سڀ ڪجهه وڏي صوبي سان گڏ اسان مٿان نازل ڪري رهيا هئا، ان وقت اوهان کي اهو ياد ڪو نه هيو ته هڪ ڏينهن ظلم جو انت اچڻو آهي. اوهان کان وڏي صوبي وارا هڪ سنڌي چوڻي موجب نانگ ”مارائجي دشمن کان، جي دشمن مئو ته واهه، جي نانگ مئو ته به واهه واهه“ وارو ڪم وٺي رهيا هئا. جڏهن هنن اوهان منجهان پنهنجا مفاد حاصل ڪيا ته هاڻ وارو اوهان جو اچڻو آهي. جيڪو اوهان خود محسوس ڪري رهيا آهيو. اهو سڀ ڪجهه ڏسندي ۽ محسوس ڪندي اوهان وري به هڪ غلطي ڪري رهيا آهيو، جنهن جو احساس اوهان کي وري به سياڻي ٿيندو. جڏهن ڳالهه اوهان جي هٿن مان نڪري وئي هوندي. ڇو جو اوهان هيمشه غلط فيصلا ڪيا آهن. اوهان هميشه جذباتي دنيا ۾ رهندي، جذباتي ۽ غير سائنسي فيصلا ڪيا آهن. تاريخ اڳتي هلي اوهان کي پنهنجا ڪيل غلط فيصلا رد ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. اوهان 1947ع ۾ لڏ پلاڻ وارو غلط فيصلو ڪيو، اوهان هتي رهندي وڏي صوبي سان ساٿ نڀائي، هتان جي اصل رهواسين سان ڦٽائڻ جو غلط فيصلو ڪيو. اوهان پنهنجا مفاد سنڌ جي مفادن کان جدا رکي غلط فيصلو ڪيو. اهي فيصلا اوهان کي ان وقت ته صحيح نظر آيا پر اڳتي هلي اوهان کي خود غلط

محسوس ٿيا. ۽ اڄ اوهان پنهنجي ماضي ۾ ڪيل مڙني فيصلن کي نِنديو ۽ رد ڪريون ٿا. آخرڪار اوهان وري ڇو غلط فيصلا ڪري رهيا آهيو؟ ٿي سگهي ٿو ته اوهان کي روز روز اهڙو موقعو نه ملي جو اوهان پنهنجون غلطيون سڌاريندا رهو. ان ڪري جي ٿورڙو به سمجهيو اٿو، سوچيو اٿو ته پاڻ تي نظرثاني ڪريو. جيڪڏهن سنڌ جي اقتصاديات ۾ حصدار بنجڻ گهرو ٿا ته پوءِ سنڌ جي ثقافت ۾ به حصدار بنجو. جي سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهو ٿا ته پوءِ ان جي مجموعي مفادن لاءِ هتان جي اصل رهواسين سان گڏ جدوجهد ۾ شريڪ ٿيو. جي اوهان ائين نه ڪندا ته وقت جو تيز طوفان اوهان کي ڪک پن جيان اڏائي ڇڏيندو، ڇو جو جيڪي فرد پنهنجو ناتو ۽ رشتو پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي ثقافت سان نه ڳنڍيندا آهن سي آخرڪار ڌرتي تان ڌڪاڄي ويندا آهن.

عجيب صورتحال آهي جڏهن وڏي صوبي جي ملٽري، پوليس ۽ ٻين صوبن جي ماڻهن اسان جي ٻن وڏن شهرن کي تلف ۽ تاراج ڪيو ته اسان جي اردو ڳالهائيندڙن جا مان وارا ليڊر انهن خلاف ته حرڪت ۾ ڪو نه آيا، انهن خلاف ته منهن نه کولين پر يڪدم چوڻ لڳا ته ”انهن مڙني واقعن جو اصل سبب ڪوٽا سسٽم هيو، ان ڪري ان کي ختم ڪيو. چوڻ لڳا ته انهن مڙني واقعن جو اصل سبب سنڌ کي ٻن قومن جو صوبو ۽ ٻن ٻولين جو وطن قرار ڏيڻ نه هو. چوڻ لڳا ته انهن مڙني واقعن جو اصل سبب بنگلاديش ۾رهيل بهاري نه گهرائڻ هو. انهن مڙني واقعن جو اصل سبب کوکرا پار جي سرحد نه کولڻ هيو. انهن مڙني واقعن جو اصل سبب سنڌ جي اقتدار ۾، سنڌ جي اقتصاد ۾ اردودانن، کي اڌو اڌ ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ نه هو“.

سنڌي ۾ چوڻي آهي ته ”ڏاين تي ڪاوڙ ڇڙهي ڪا نه، هيٺن تان لهي ڪا نه“ سو هتي به اها ئي ڪار هئي. ”ڪيڏانهن جي جنب ڪيڏانهن جي جهرڪي.“ اسان جي وڏن شهرن کي جيڪا تازي تڪليف آئي، ان جو اصل سبب سنڌ ۾ ٻين صوبن مان ايندڙن جي ناجائز يلغار هئو. سنڌ جي انتظاميه سول توڙي

فوجي ۾ ٻاهرين صوبن جي ماڻهن جي موجودگي هئو. سنڌ جي معاملن ۾ مرڪز جي بيجا مداخلت هئو، ان ڪري دانشمندي جي تقاضا اها هئي ته اردو ڳالهائيندڙ صاحب سنڌين سان گڏ اهو پراڻو ۽ جائز مطالبو ورجائين ها ۽ ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪن ها ته سنڌ جي معاملن ۾ مرڪزي مداخلت ختم ڪئي وڃي. سنڌ کي وڌ کان وڌ اختيار ڏنا وڃن، سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري بند ڪئي وڃي ۽ آيل مڙني ماڻهن کي پنهنجن وطنن ڏانهن موڪليو وڃي. هتي جي زمينون، ڪارخانا، نوڪريون جيڪي ٻين صوبن جي ماڻهن جي ناجز قبضي هيٺ آهن، سي آجيون ڪرائي هتي جي اصل رهواسين کي ڏنيون وڃن. پر افسوس جو ان سڄي قتل ۽ غارت گردي کانپوءِ اسان جي اردو ڳالهائيندڙن جيڪي به مطالبا ڪيا، جيڪي به گهرون ڪيون، سي سڀ سنڌي قوم خلاف هيون ۽ آهن. اسان سمجهيو ته هاڻ تاريخ جي ابتي لپاٽ اسان جي يارن جي ذهنن جي ڪپاٽ کولي ڇڏيا هوندا. پر افسوس جو اڃان سندن ذهن جون دريون پوريون نه کليون آهن.

جيڪڏهن اردو ڳالهائيندڙ سنڌي پائر، واقعي پاڻ کي سنڌي سمجهن ٿا ۽ هتي جي ڌرتي کي پنهنجي ماءُ سمجهن ٿا، هتان جي وسيلن ۽ مفادن کي پنهنجا وسيلا ۽ مفاد سمجهن ٿا ته پوءِ هنن کي پنهنجي ڌار قوميت ”مهاجر قوميت“ جي نعري تان هٿ کڻڻو پوندو. هنن کي اعلانيه اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته هو سنڌي آهن. هنن کي سنڌي ٻولي کي، سنڌي ثقافت کي، پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت تسليم ڪرڻو پوندو.ان لاءِ هنن کي اردو جي ناجائز حاڪميت ۽ ان کي سنڌين مٿان زوري مڙهڻ، ان کي سنڌ جي ٻي ٻولي قرار ڏيڻ وارو خام خيال ڇڏڻو پوندو. هنن کي کوکرا پار واري سرحد کولرائي هتي وڌيڪ اردو ڳالهائيندڙ گهرائي، سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ واري سازش تان هٿ کڻڻو پوندو. هنن کي ٻهارين کي سنڌ ۾ گهرائي سنڌ جو امن ۽ سڪون تباهه ڪرڻ ۽ هتان جي اصل رهواسين کي مچرائڻ واري عمل کان پري رهڻو پوندو. هنن کي ڪوٽا سسٽم واري مسئلي تي هرو ڀرو ڳنڍ ٻڌي

ان کي ختم ڪرائڻ واري سنڌ دشمن عمل کان باز اچڻو پوندو. چو جو جيڪڏهن هو پاڻ کي سنڌي سمجهن ٿا ته الڳ حصي ۾ پٽي جي گهر چو ٿا ڪن، هو هن ڌرتي جا رهواسي هجڻ ناتي پهريان ته اسان سان گڏ اها جدوجهد ڪن ته سنڌ کي پنهنجا پورا حق ملن. جڏهن سنڌ کي پنهنجا پورا حق مليا ۽ صحيح نظام مليو ته پوءِ اهي ڪوٽا سسٽمون ڪو نه رهنديون. سڀ سنڌي هوندا، سڀ هتان جي وسيلن جا هڪجهڙا مالڪ ۽ وارث هوندا. جي ڪڏهن هرو ڀرو ڪوٽا سسٽم جي ڳالهه ڪن ٿا ته مان وڏي دعويٰ سان چوان ٿو ته کين سندن آبادي کان وڌيڪ نوڪريون ۽ ٻيا حق مليل آهن. سندن سنڌ ۾ آبادي 42 لک آهي، جڏهن ته سنڌي سوا ڪروڙ آهن، ان حساب سان سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ ڏسو ته صورتحال ڇا آهي، اهڙي قسم جو مطالبو ڪنهن کي ڪرڻ گهرجي. بهرحال اسان ان بحث ۾ ڪو نه ٿا پئون، اسان سنڌ جي اردو ڳالهائيندڙن کي مودبانه گذارش ٿا ڪريون ته اڄ توهان ۽ اسان مٿان هڪ اگهاڙي تلوار لٽڪي رهي آهي. سنڌ جي اصل رهواسين کي جنهن ۾ اوهان به شامل آهيو، ڪا ڳري سزا ڏيڻ جي تياري ٿي رهي آهي. سنڌ کي رجعته پسند ڌريون، ڦورو ٽولا ۽ سامراجي پنهنجي ناپاڪ مقصد پورا ڪرڻ لاءِ خانه جنگي ڏانهن ڌڪي رهيا آهن. ان ڪري اسان ۽ اوهان کي هڪ ٿي نڌيون ۽ ثانوي قسم جون ڳالهيون ڇڏي، اختلاف وساري هڪ آواز ٿي سنڌ کي بچائڻ گهرجي. ان کي مستحڪم ڪرڻ گهرجي، ان جي صحيح ۽ صحتمند بنيادن تي تعمير ڪرڻ گهرجي، ان ۾ ئي اسان ۽ توهان جو ڀلو آهي.

(ڇپيل: روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي، هفتيوار هلال مخزن، 14 اپريل 1988ع)

ڪوٽا سسٽم جي مخالفت ڇو؟

سنڌ جي ٽن وڏن شهرن جا اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڪافي وقت کان ڪوٽا سسٽم جي هرو ڀرو مخالفت ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ڪوٽا سسٽم تحت شهري علائقن کي جڪي سيٽون ملي رهيون آهن، سي سندن آبادي کان وڌيڪ آهن، ڇو جو جنهن وقت 1973ع ۾ ڪوٽا سسٽم نافذ ڪيو ويو هو ته ان وقت سنڌ جي آبادي ۾ شهري آبادي جو تناسب 31 ۽ ٻهراڙي جو 69 سيڪڙو هيو، ان هوندي به ٻهراڙي جي آبادي جون 9 سيٽون ماري شهري آبادي کي ڏنيون ويون هيون، هن وقت سنڌ ۾ آبادي جو تناسب شهري 32 ۽ ٻهراڙي 68 سيڪڙو آهي، ان حساب سان ٻهراڙي جون وري به 8 سيٽون ماري شهري آبادي کي ڏنيون ويون آهن. پوءِ به اسان ان ناانصافي کي صرف ان لاءِ نظر انداز ڪندا آيا آهيون ته جيئن شهري آبادي ۽ ٻهراڙي جي آبادي ۾ وڌندڙ ميٺ محبت کي ڪو ڇيهو نه رسي. ڪوٽا سسٽم تحت سنڌ جي شهري آبادي کي جيڪي 40 سيڪڙو سيٽون مليل آهن، اهي صرف اسان جي اردو ڳالهائيندڙن ڀائرن جي حوالي ڪيل آهن، باقي جيڪي 60 سيڪڙو سيٽون ٻهراڙي جي آبادي لاءِ رکيل آهن. ان ۾ به ٻهراڙي جي آبادي ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙ پڻ حصيدار آهن، نه صرف انهن 60 سيڪڙو سيٽن ۾ اردو ڳالهائيندڙ طبقو حصيدار آهي پر ان ۾ ٻين صوبن جا رهواسي پڻ ڪوڙن ڊوميسائيلن جي رستي، اسان ٻنهي ڌرين کان وڌيڪ حصيدار آهن. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿي رهيو آهي جو اقتدار اعليٰ هنن جي حوالي آهي، هتان جي ڪامورا شاهي جيڪا پڻ ٻاهرين ماڻهن تي ٻڌل آهي، سا وڏي صوبي جي رهواسين کي ڪوڙن ڊوميسائيلن ۽ ڊبڙ ڊونس کان ويندي ڪلي طاقت جي زور تي ٻهراڙين وارين سيٽن تي ٿاڦي رهي آهي.

جڏهن ته اسان ٻهراڙي جا رهواسي ڪوٽا سسٽم جي هوندي به پنهنجي حقن کان محروم آهيون. اسان سنڌي ماڻهن سان ويل اهو آهي جو اسان وڏن شهرن جا رهواسي هوندي به اتي جي آبادي جي بنياد تي شهري علائقن جون سيٽون حاصل نه ٿا ڪري سگهون. ڇو جو جواز اهو ٿو پيش ڪيو وڃي ته اوهان لاءِ ٻهراڙي جون سيٽون مخصوص ڪيل آهن. پر ٻهراڙي جي سيٽن تي پڻ غير سنڌي، جيڪي ٻاهرين صوبن مان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن، سي قبضو ڪيو وڃن، اهو ائين ٿيو جو "ڏک جهلي پولڙو ڪٽيو ڪائي فقير" نالو اسان جو فائدو ٻين کي پيو ملي. اسان ان ۾ خوش ته اسان کي 60 سيڪڙون سيٽون مليل آهن ۽ بنا ڪنهن فائدي جي بنا ڪنهن حق ملڻ جي سرڪار ڪوٽا سسٽم کي بنياد بنائي رات ڏينهن رڙيون ڪري رهي آهي ته ان سسٽم تحت سنڌين کي پنهنجا پورا حق ملي رهيا آهن. نه صرف پورا پر ان سسٽم تحت سنڌين کي ايترو ته گهٽو ڪجهه ملي رهيو آهي، جو شهري علائقن جون حق تلخيون ٿي رهيون آهن. ان ئي غلط پروپئگنڊا جو نتيجو اهو آهي، جو اسان جا شهرن ۾ رهندڙ اردو دان ڀائر اسان تي ڪاوڙيا وتن ته اسان جا حق اوهان ٻهراڙي وارن ٻي معنيٰ ۾ سنڌين غضب ڪيا آهن. جڏهن ته اسان جا اردو ڳالهائيندڙ ڀائر ان حقيقت کان واقف هوندي به اسان ڦريلن ۽ لٽيلن کان پنهنجا حق گهري رهيا آهن، اهو حق نه کين انهن کان وٺڻ گهرجي، جن اهي ڦٻايا آهن. اسان ٻئي ڌريون صرف غلط پروپيگنڊا جو شڪار بنجي هڪ ٻئي جي ڏاڙهي پٽ ۾ پورا آهيون. وچان مال ٻيا کايو وڃن، انهن ڏانهن ڪنهن جي به نظر نه ٿي وڃي. حقيقت هي آهي ته ڪراچي يا حيدرآباد ۾ رهندڙ اسان جا اردو ڳالهائيندڙ ڀائر ڪوٽا سسٽم ڪري تڪليف هيٺ ڪو نه آيا آهن پر صرف ان ڪري آيا آهن، جو خودمختيار ۽ نيم خودمختيار ادارن، ملين، ڪارخانن، واپاري مرڪزن ۽ ٻين ٽيڪنيڪل ادارن ۾ 1951ع کان پوءِ ٻين صوبن مان آيل 42 لک ماڻهو جاءِ والاري رهيا آهن ۽ اتان اسان جي هنن ڀائرن کي بي دخل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ڪوٽا سسٽم تحت جيڪي کين

سندن آبادي کان به وڌيڪ 40 سيڪڙو سيٽون مليل آهن، سي بدستور ڪين بنا ڪنهن رنڊڪ جي ملي رهيون آهن.

مان هن مضمون ۾ اها ڳالهه واضح ڪندو هلان ته جڏهن 1973ع ۾ ڪوٽا سسٽم نافذ ڪيو ويو هو ته ان جي نفاذ جو بنياد ٻهراڙي ۽ شهري علائقن وچ ۾ توازن پيدا ڪرڻ تي رکيل هو. ائين ڪڏهن به ڪو نه چيو ويو هو ته هي ڪوٽا سسٽم اسان اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ نافذ ڪري رهيا آهيون. جڏهن ته آبادي جي ٻنهي طبقن جا ماڻهو شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ ورهايل آهن پر مان دعويٰ سان چوان ٿو ته اسان جي آفيسر شاهي، جيڪا هن صوبي سان واسطو رکندڙ نه آهي، ان ڪوٽا سسٽم جي شهري سيٽن کي ته اردو ڳالهائيندڙن ۽ وڏي صوبي جي ماڻهن لاءِ مخصوص ڪري اهي سيٽون شهرن ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ حرام قرار ڏئي ڇڏيون، پر ٻهراڙي وارين سيٽن جو به وڏو تعداد وڏي صوبي جي رهواسين کي ۽ باقي ۾ به سنڌين ۽ ٻهراڙي ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ ورهائي ڇڏيو. ان ڪري ٿيو ائين جو اڄ تائين شهري سيٽن تي هڪ به سنڌي ڳالهائيندڙ شهري نه اچي سگهيو ۽ ٻهراڙي جي سيٽن تي پڻ هن سان هڪ وڏو پائيوار ۽ ننڍو پائيوار ترتيبوار ٻاهريون نوآبادڪار ۽ اردو ڳالهائيندڙ جي صورت ۾ چنبڙايو ويو.

ان سڀي صورتحال جي ڪري دانهون ته اسان کي ڪرڻ گهرجن ها پر اسان ماڻهو هروڀرو ايڏا شاڪر ۽ قانع ٿي پيا آهيون جو اسان جو ڪو سڄو مال هڙپ ڪري، وري ان مان ڪا ننڍڙي پتي خيريات طور اسان جي حوالي ڪري ڇڏي ته به اسين خوش. نه صرف خوش پر شڪر گذار. اها ئي صورتحال هئي، جنهن ڪري اسان جي ان ماٺ جو وڏي صوبي جي رهواسين ۽ اسان جي اردو ڳالهائيندڙن غلط مطلب وٺي مطالبا ڪرڻ شروع ڪيا ته اهي خيريات ۾ ملندڙ چند سيٽون به انهن کي نه ڏنيون وڃن، ڇو جو اهي اهل نه آهن، مٿان منافقانه طور پروپيگنڊا اها ٿي رهي آهي، ته ان سسٽم مان سڄو فائدو سنڌين کي ٿي رهيو آهي. جڏهن ته 1973ع کان 1986ع تائين

صورتحال جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته سنڌ جي نوڪرين، تعليمي ادارن جي سيٽن ۽ ٻين هنڌن تي وڏو تعداد ته وڏي صوبي جي رهواسي هڙپ ڪيو وڃن. باقي مان به گهڻو حصو اردو ڳالهائيندڙن جي نصيب ۾ اچي ٿو، باقي جيڪو بچي ٿو سو اسان تي ٿوري طور ٽڪيو ٿو وڃي. اها سچي صورتحال اسان لاءِ نه صرف خطرناڪ آهي، پر اسان جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي برابر آهي.

ان صوتحال هوندي به هروڀرو جي اسان جا اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڀائر ان ڳالهه تي بضد آهن ته اسان ڪي آبادي جي بنياد تي حق ملڻ گهرجن ته پوءِ حقيقت هي آهي ته سنڌ جي مڙني وسيلن تي پهريون حق سنڌين جو آهي، ان ڪانپوءِ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي جو باقي جيڪي ٻين صوبن جا 42 لک رهواسي هتان جي وسلين تي قابض آهن، تن کي پنهنجن صوبن تائين محدود رکڻ لاءِ اسان ٻنهي ڌرين کي اثرائتو آواز اٿارڻ گهرجي ۽ ان لاءِ گڏجي منظم تحريڪ هلائڻ گهرجي. ان ڪانپوءِ آبادي جي بنياد تي ڪوٽا سسٽم نافذ ڪيو وڃي، سنڌ ۾ هن وقت سنڌي ڳالهائيندڙ سوا ڪروڙ آهن ۽ اردو ڳالهائيندڙ 42 لک آهن، ان آبادي جي بنياد تي ڪوٽا سسٽم نافذ ڪيو وڃي ته پوءِ مان سمجهان ٿو ته اسان جي اردو ڳالهائيندڙ ڀائرن جي مطالبي تي غور ڪري سگهجي ٿو. ٻين صوبن جي ماڻهن کي پنهنجن صوبن تائين محدود ڪرڻ کانپوءِ سنڌ ۾ سروي ڪرائي اهو معلوم ڪيو وڃي ته سنڌ جي وسيلن تي اردو ڳالهائيندڙن جو هن وقت تناسب ڪهڙو آهي. جي اردو ڳالهائيندڙ آبادي جي تناسب کان وڌيڪ هتي جي وسيلن تي مقرر ٿيل هجن ته پوءِ تيسائين نوڪرين ۽ ٻين ڪاروباري ادارن ۾ سنڌن داخلا تي بندش وڌي وڃي، جيستائين سنڌي پنهنجي آبادي جي تناسب موجب پنهنجا حق حاصل ڪري سگهن. اهو ساڳيو طريقو اردو ڳالهائيدڙن لاءِ به اختيار ڪري سگهجي ٿو، جيڪڏهن ساڻن اها صورتحال هجي. اهو ان مسئلي جو منصاڻو حل آهي، جنهن تي ٻنهي ڌرين کي اعتراض ڪرڻ جو موقعو نصيب نه ٿيندو. باقي هرو ڀرو بنا

سمجهه ۽ سوچ جي اصل حقيقت کان اکيون ٻوٽي صرف هاءِ گهوڙا ڪرڻ مان پنهي طبقن ۾ نفرتون وڌنديون ۽ ان مان اسان پنهي ڌرين جي دشمنن کي ئي فائدو رسندو. اسان صرف خيريات جي مال تي پاڻ منجهه وڙهندا رهنداسون، اصل مال ته اسان جي وڏي پاءُ جي قبضي ۾ رهندو، جيڪو اسان پنهي ڌرين جي نشاني کان ٻاهر هوندو.

مان پنهنجي اردو ڳالهائيندڙن لاءِ هيٺ انگ اکر ڏيئي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ گهران ٿو ته اصل ۾ سنڌ جي وسيلن تي ٻيا قابض آهن. انهن طرفان جيڪو ڪجهه خيريات ۾ ملي ٿو، ان جو به وڏو حصو اسلامي اخوت ۽ جذبي ايماني تحت اوهان اردو ڳالهائيندڙن جي حوالي ٿئي ٿو. پوءِ به توهان اسان کان گهري رهيا آهيو. جڏهن ته اهو سڀ ڪجهه اوهان اسان کان گهرڻ بدران انهن کان گهرو، جن کان اوهان کان اڳ اسان گهري رهيا آهيون.

مرڪزي کاتن ۾ نظر دوڙائڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته گريڊ 17 کان 22 تائين سنڌين جون ڪوٽا موجب 1700 جايون آهن پر انهن مان صرف 800 اسان کي ڏنيون ويون آهن، باقي سڀ ورهاست ڪري ٻين جي حوالي ڪيون ويون آهن. اهڙي طرح گريڊ 16 ۾ سنڌين جون ڪوٽا موجب 1500 جايون آهن پر انهن مان صرف 710 جايون اسان کي ڏنيون ويون آهن. گريڊ 15 کان هيٺ هڪ گريڊ تائين سنڌين جي ڪوٽا 65 هزار بيهي ٿي پر اتي صرف 39 هزار جايون سنڌين کي ڏنيون ويون آهن، باقي سڀ لاپته آهن، انهن ڦباپل سيٽن لاءِ ڪهڙيون ڌريون جوابدار آهن.

پي آءِ اي جي هڪ سو اسٽيشن جي مئنيجرن مان هڪ به سنڌي نه آهي، جڏهن ته ڪوٽا موجب سنڌ جا 19 ۽ انهن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ 13 هجڻ گهرجن، جيڪي نه کنيا ويا آهن، اهڙي طرح اسٽيٽ بينڪ جي سوا چار سو آفيسرن مان هڪ به سنڌي آفيسر نه آهي. فارين سروسز اندر ڪوٽا مطابق اسان جا سنڌي ڳالهائيندڙ 8 سفير 206 آفيسر گريڊ 16 کان مٿي جاءِ ۽ 681 ملازم گريڊ 16 کان هيٺ جا هئڻ گهرجن، پر ان تي عمل نه

ڪيو ويو آهي. اسٽيل مل جيڪا سنڌ اندر لڳائي وئي آهي، ان جي 24 هزار ملازمن مان سنڌين جو تعداد ٽن هزار کان به گهٽ آهي.

جيڪڏهن اسان مرڪز جي ماتحت خودمختيار ۽ نيم خودمختيار ادارن جهڙوڪ بئنڪن، ڪارپوريشن، ملين، انجنيئرنگ، ڪامپليڪس وغيره ته نظر وجهون ٿا ته حيرت ناڪ نتيجا سامهون اچن ٿا اتي سنڌي ملازمن جوتعداد 5 سيڪڙي کان به گهٽ آهي، جڏهن ته اتي اسان جي اردو ڳالهائيندڙ جو تعداد پنهنجي آبادي جي تناسب کان وڌيڪ آهي.

هاڻ اسان ٿورو صوبائي سطح جي محڪمن ڏانهن اچون ٿا. جتي اچڻ کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته جنهن هنڌ سنڌي ماڻهن جي نمائندگي 60 سيڪڙو هجڻ گهرجي اتي اهي مشڪل سان 22 سيڪڙو آهن، وري جي صوبائي حڪومت جي هٿ هيٺ خودمختيار ۽ نيم خودمختيار ادارن تي نظر وجهي ٿي ته معلوم ٿئي ٿو ته اتي سنڌين جو تناسب جيڪو 60 سيڪڙو هئڻ گهربو هو اهو مشڪل سان 35 سيڪڙو بيهي ٿو. ان سلسلي ۾ هڪ سروي رپورٽ مان معلوم ٿيو آهي ته سنڌ جي خودمختيار ادارن ۾ ٽوٽل ملازم 86 هزار کن آهن، جن ۾ شهري 57 هزار ۽ ٻهراڙي جا 29 هزار آهن، جن جو تناسب 65 ۽ 35 سيڪڙو بيهي ٿو، جي ڪوٽا سسٽم تحت انصاف ڪيو وڃي ته پوءِ 22 هزار سيٽون جيڪي ناجائز طور تي شهرين کي مليل آهن، سي ٻهراڙي وارن کي ڏنيون وڃن. صوبائي حڪومت جي ٻين محڪمن کي ڇڏي صرف مثال طور اسان پوليس جي محڪمي تي نظر وجهون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته هن وقت سنڌ پوليس ۾ ايس پي ۽ ڊي ايس پي ۽ انسپيڪٽرن جو ڪل تعداد 628 آهي، جنهن ۾ 239 پنجابي، 193 مهاجر، 138 سنڌي ۽ 58 پٺاڻ شامل آهن، ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته پوليس جي وڏن عهدن تي سنڌين جو تناسب جيڪو 60 سيڪڙو هئڻ گهربو هو، سو گهٽجي وڃي 22 سيڪڙو بيٺو آهي ۽ باقي اسان جي سيٽن تي پنجابي مهاجر ۽ پٺاڻ قابض آهن.

جيڪڏهن مان هن مضمون ۾ سنڌ صوبائي حڪومت جي مڙني ڪاتن جو ڏار ڏار تفصيل ڏيان ته هوند ڪيترن جا وات بند ٿي وڃن، پر پوءِ به ٿلهي ليکي سنڌ جي صوبائي نوڪرين ۾ سنڌين جو تناسب آبادي مطابق جيڪو 60 سيڪڙو هجڻ گهرجي، سو گهٽجي وڃي 22 سيڪڙو بيٺو آهي، باقي 38 سيڪڙو سيٽن تي ناجائز طور تي پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٽاڪيا ويا آهن، جيڪا سنڌي ماڻهن سان سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي. مان دعويٰ سان چوان ٿو ته سنڌ جي وسيلن تي سڀ کان وڏيڪ قابض پنجابي بعد ۾ مهاجر ۽ ٽئين نمبر تي پٺاڻ آهن، پوءِ به جيڪڏهن اسان جا اردو ڳالهائيندڙن پنهنجي آبادي کان وڌيڪ حاصل ڪرڻ بعد به رڙيون ۽ واڪا ڪندا رهندا ته ان مان اها ڳالهه چٽي ٿي بيهندي ته هنن جو اهو سڄو چوٻول اسان کان پنهنجا رهيل وسيلا به ڦري وٺڻ لاءِ آهي ۽ سندن سنڌ دوستي جون سموريون دعائون کوکليون ۽ منافقت تي ٻڌل آهن. اسان کين مودبانه گذارش ڪنداسين ته هو سنڌي آبادي کي هروڀرو مچرائي پنهنجي لاءِ پيدا ٿيل محبت کي نفرت ۾ تبديل نه ڪن پر حقيقت پسند بنجي سنڌي عوام سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي سنڌ جي گڏيل مفادن لاءِ جدوجهد ۾ شريڪ ٿين، ان ڳالهه ۾ ئي سندن ڀلو آهي ۽ مستقبل روشن آهي.

(ڇپيل:هفتيوار سنڌ سجاڳ، جيڪب آباد، 04 جولاءِ 1987ع)

سنڌ کي ٽڪر ڪرڻ جي سازش

پاڪستان جي وفاقي رياست ۾ سنڌ اهو واحد وطن آهي ۽ سنڌي اها واحد قوم آهي، جنهن منجهه ترقي پسند قومي جمهوري جدوجهد هن وقت پنهنجي عروج تي آهي، جتي رجعت پسند ڌريون ۽ انهن جا سياسي فڪر ۽ فلسفا ٻڏي حساب سان شڪستون کائي رهيا آهن. اتي سنڌ وطن جو قومي تشخص پنهنجي ترقي يافته زبان، مهذب، معاشري، صحتمند ريتن ۽ رسمن سان گڏ ٻين باقي قومن جي ڀيٽ ۾ نرالي حيثيت جو مالڪ آهي. جنهن کي مذهبي بنيادن تي ٺهيل قومي تصور به پنهنجي سرڪاري سهڪار، طاقت ۽ قوت سان مسلح هوندي به لوڏو ڏئي نه سگهيا آهن. ڪيترن ئي ڪوششن ۽ ڪاوشن، مختلف منصوبن ۽ انتظامي جوڙجڪن رستي رجعت پسند ڌريون، سنڌ کان پنهنجو ڌار نرالو قومي تشخص کسي نه سگهيون آهن. سنڌي قوم حاڪم ڌرين جي ٺهيل مڙني منصوبن کي خاڪ ۾ ملائيندي، پنهنجو ڌار قومي وجود، زبان، تهذيب، ثقافت، جاگرافيائي تشخص هميشه برقرار رکندي آئي آهي، ان جدوجهد دوران سنڌ دشمنن به وسان ڪين گهٽايو آهي، هنن ڪڏهن، سنڌ کان ڪراچي کسي ان کي مرڪز ماتحت ڪري اتي جي سچي وايو منڊل کي غير سنڌي بنائڻ جا جتن ڪيا آهن، ته وري ڪڏهن سڄي سنڌ کي زوريءَ پنجاب سان ون يونٽ رستي ملائي ان جي جدا قومي وطن واري حيثيت کي ختم ڪيو آهي. پر پوءِ به هو دائمي طرح سنڌ کي دنيا جي خطي تان هڪ جدا قومي وطن طور مٽائڻ ۽ ميسارڻ ۾ ڪامياب ڪو نه ويا آهن. سنڌي عوام

حاڪمن جي مڙني اهڙن منصوبن کي پنهنجي دائمي سجاڳي ۽ مستقل جدوجهد رستي زمين دوز ڪيو آهي. اڄ به سنڌ اهڙن وقتي طوفانن مان پار پئي پنهنجي زندهه وجود سان موجود آهي، هاڻ وري ڪي مهمانن جي روپ ۾ آيل ڌاڙيل سنڌ کي ورهائڻ ۽ ٽڪر ٽڪر ڪرڻ جا خواب لهي رهيا آهن. مرڪزي سرڪار جو هڪ پاليل نمڪ خوار سنڌ دشمن ملان وصي مظهر ندوي چوي ٿو ته سنڌ جو وجود هن جي تصور واري ملڪ ۽ تصور واري مذهبي نظرئي جي خلاف آهي، ان ڪري ان کي چئن صوبن ۾ ورهايو وڃي. ان جا ٻه حصا سنڌي ماڻهن ۽ باقي ٻه حصا انهن جي حوالي ڪيا وڃن، جيڪي ڪالهه هتي پناهه وٺڻ لاءِ پهتا هئا ۽ هاڻ گهر ڌڻين کان به وڌيڪ وراثت جي دعويٰ ڪري رهيا آهن. هي لفظ اصل ۾ ملان ندوي ڪو نه ٿو ٻولي پر ان جي روپ ۾ اهي رجعت پرست ڌريون ٻولين ٿيون، جن جي من ۾ سنڌ جو وجود سيڙهه جي ڪنڊي جيان چڀي رهيو آهي. جن جي ناپاڪ منصوبن ۽ مرادن ۾ سنڌي عوام پنهنجي ترقي پسندانه جدوجهد رستي رنڊڪون وجهي رهيو آهي. انهن رجعت پسند ڌرين جون پاڙون نه صرف سنڌ ۽ اسلام آباد ۾ کتل آهن پر اصل ۾ انهن جو وجود واشنگٽن کان لنڊن تائين جي رجعت پرست مرڪزن ۾ موجود آهي، جن جي جارحانه منصوبن ۾ سنڌ جو وجود ۽ سنڌي قوم جو ترقي پسندانه موقف هڪ وڏو اٽڪاءُ آهي. ان ڪري ئي واشنگٽن کان اسلام آباد تائين پکڙيل انهن ڌرين جي من ۾ سنڌ جي مخصوص جاگرافيائي حيثيت هميشه کان کٽڪي رهي آهي. هو سنڌ جي سامونڊي سرحد واري علائقي کي هميشه کان پنهنجن ناپاڪ جارحانه مرادن ۽ مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ تدبيرون جوڙڻ ۾ رڌل آهن، ڪڏهن هو اهي مرادون ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ساموندي سرحدي علائقن ۾ وڏي پئماني تي ڌاريا ماڻهو آباد ڪري انهن تان سنڌين جو مڪمل ڪنٽرول ختم ڪري، پنهنجي اسڪيم ۾ شامل ڪرڻ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن، ته ڪڏهن وري سنڌي ۾ ورهاڱي وقت آيلن کي پڙڪائي ساموندي سرحدي علائقن کي جدا ڪرڻ لاءِ همٿائي ۽ هر ڪائي رهيا آهن، يا ان منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪراچي ۾

نسلي فساد ڪرائي ان کي جدا ڪرڻ لاءِ جواز گهڙي رهيا آهن. سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪري، هتي جي اصلي رهواسين جي فيصله ڪن حيثيت کي ختم ڪري، هتي پنهنجا عالمي ليول تي فتني فساد ۽ مظلوم قومن ۽ ملڪن خلاف جارحيت جا اڏا ۽ ترقي پسند ملڪن ۽ قومن کي تنگ ۽ بيزار ڪرڻ جا آکاڙا جوڙڻ لاءِ منصوبي سازن جي فيڪٽرين مان هر روز نوان منصوبا نڪرندا ۽ تيار ٿيندا رهن ٿا. تازو هانگ ڪانگ کان نڪرندڙ رسالي "فار ايسٽرن ايڪانامڪ رويو" (For Eastern Economic Riew) پنهنجي 14 جنوري 1988ع جي شماري ۾ حڪومتي حلقن طرفان تيار ٿيندڙ هڪ نئين سازش جو انڪشاف ڪيو آهي. ان سازش تحت پوري پاڪستان کي اٺن ڊويزنن (صوبن) ۾ ورهايو ويندو.اهڙي طرح سنڌ کي ايئن ورهايو ويندو جو ان جو لاڙڪاڻو، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعا، بلوچستان جي سبي ڊويزن سان ملايا ويندا ۽ ان کي ڪڇي ڊويزن (صوبي) جو نالو ڏنو ويندو، باقي ڪراچي کان علاوه حيدرآباد ۽ سکر ڊويزنن کي ملائي هڪ جدا لاڙ صوبو (Lower Indus) ٺاهيو ويندو. باقي ڪراچي کي ڌار ڪري ان کي بلوچستان جي ساحلي علائقن مڪران، ڊويزن ۽ لسٻيلي ضلعي سان ملائي هڪ نئون صوبو ساحلي (Costal Zone) ٺاهيو ويندو.

پوري پاڪستان اندر انهن انتظامي يونٽن جي جوڙ جڪ ڪجهه هن ريت هوندي.

(1) **وادي خيبر:** هن يونٽ ۾ پشاور ۽ ملا ڪنڊ ڊويزنون شامل هونديون ۽ هيڊ ڪوارٽر پشاور.
(2) **پوٺوهار:** راولپنڊي ڊويزن ۽ ايبٽ آباد ڊويزن جا هندڪو زبانن وارا علائقا شامل هوندا. هيڊ ڪوارٽر راولپنڊي.
(3) **رچنا:** پنجابي ڳالهائيندڙ لاهور، سرگوڌا ڊويزن وارا علائقا شآمل هوندا،هيڊ ڪوارٽر لاهور.
(4) **پنجند:** ملتان، بهاولپور ۽ ڊيرا اسماعيل خان جا سرائيڪي زبان وارا علائقا شامل هوندا، هيڊ ڪوارٽر ملتان.

(5) **ڪڇي:** لاڙڪاڻو (سنڌ) ۽ سبي ڊويزن (بلوچستان) کي شامل ڪيو ويندو، هيڊ ڪوارٽر سبي.
(6) **لاڙ:** سکر ۽ حيدرآباد ڊويزنن کي ملائي هي يونٽ ٺاهيوويندو، هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد.
(7) **اولهندو:** قلات ۽ ڪوئيٽا ڊويزنن کي ملائي هي يونٽ ٺاهيو ويندو، هيڊ ڪوارٽر ڪوئيٽا.
(8) **ساحلي:** ڪراچي ۽ مڪران ڊويزن سان لسٻيلو ضلع ڳنڍي هي يونٽ ٺاهيو ويندو، هيڊ ڪوارٽر ڪراچي.

هي عوام دشمن ۽ مظلوم قومن جو دشمن منصوبو ڪنهن به ريت قابل قبول نه هوندو، هي سڄي انتظامي جوڙ جڪ صرف ان لاءِ ڪئي وڃي ٿي ته جيئن مختلف قومن اندر پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ جيڪا جدوجهد تيز ٿي رهي آهي، ان کي پنجو ڏجي. ٻيو ته ان رستي هڪڙين قومن جا حصا ٻين قومن سان ملائي انهن ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو وڃي. جيئن جيڪا نفرت هڪ استحصالي قوم خلاف اڀري رهي آهي، ان جو رخ موڙي ٻئي طرف ڪيو وڃي، جيئن سنڌ جي لاڙڪاڻي وارو حصو ڪٽي، ان کي بلوچن جي سبي پر ڳٽي سان ملايو پيو وڃي، جيئن بلوچن ۽ سنڌين کي اتي پاڻ ۾ويڙهايو وڃي. مٿي وري الهندي صوبي ۾ بلوچن ۽ پٺاڻن کي پاڻ ۾ ملائي انهن ۾ هڪٻئي طرف نفرت پيدا ڪئي وڃي. يا وري سنڌ جو ڪراچي وارو حصو مڪران ۽ لسٻيلي واري حصي سان ملائي اتي اهڙي صورتحال پيدا ڪجي جو ڪا به قوم اتي فيصلہ ڪن حيثيت ۾ نه رهي. مختلف ٻن قومي يونٽن ۾ قومن ۾ هڪ ٻئي خلاف نفرت ڦهلائي انهن کي ڪمزور ڪيو وڃي. اهو سڄو منصوبو ان لاءِ رٿيو پيو وڃي ته پنجاب جو غلبو وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪيو وڃي. ڇو ته ان سڄي ورهاڱي جو اثر پنجاب تي ڪو نه پوندو. اهو ان طرح جو پنجاب ۾ سرائيڪي، هندڪو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙن وارا علائقا جدا جدا رکيا ويا آهن، ان ڪري پنجابين جي حيثيت ۽ ٻولي جي بنياد تي علائقائي جوڙجڪ پنهنجي اصلي صورت ۾

برقرار رهندي. ان سڄي منصوبي جو اصل مقصد جيڪو سڀ کان اهم پيو پائنجي سو اهو آهي ته پوري ملڪ جي ساحلي علائقي کي هڪ جدا يونٽ جي صورت ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان جي جوڙجڪ اهڙي ريت ڪئي وئي آهي جو ان ۾ ڪراچي ۽ بلوچستان جا حصا شامل ٿيڻ ڪري اتي ڪا به قوم نه بلوچ ۽ نه سنڌي مستحڪم ۽ مضبوط رهندا. ان ڪري انهيءَ علائقي کي سامراجي مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ ۾ ڪا به رنڊڪ درپيش نه ايندي. هن سڄي منصوبي جو اثر سنڌ ۽ بلوچستان تي پوندو ۽ وڏيڪ نقصان به انهن ٻن قومن جو ٿيندو. ڇو جو اهي ئي ٻئي قومون سامراج دشمن ترقي پسند تحريڪ ۾ موثر ۽ فيصله ڪن ڪردار ادا ڪري رهيون آهن ۽ انهن جو گڏيل احتجاج حڪمران ڏرين لاءِ موت جو پيغام ثابت ٿيندو.

رجعت پرست حڪمران ڏرين جا اهي منصوبا ۽ تدبيرون، اسان کي ان ڳالهه جو ڏس ڏين ٿيون ته اسان دائمي طرح سجاڳ رهون ۽ گڏجي منظم ۽ متحرڪ ٿي، پنهنجي مٿان ايندڙ آفتن جو مردانه وار مقابلو ڪريون. جيڪڏهن اسان هاڻ به سجاڳ نه ٿياسون ۽ متحد ٿي جدوجهد نه ڪئي سون ته پوءِ هزارين سالن کان پنهنجو وجود قائم رکندڙ سنڌ هڪ خواب بنجي صرف ايندڙ نسلن لاءِ عبرت جو مثال وڃي رهندي.

(ڇپيل: روزاني هلال پاڪستان، هفتيوار هلال مخزن، ڪراچي، 03 مارچ 1988ع)

آزادي ۽ انقلاب

”قومون آزادي گهرن ٿيون، عوام انقلاب چاهي ٿو.“ هي هڪ سٽ پاڪستان ۾ رهندڙ مظلوم قومن جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جي حل جي ڀرپور نمائندگي ڪري ٿي. پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي، هن وقت تائين مظلوم قومن لاءِ جيڪي مسئلا پيدا ٿيا آهن ۽ ظلم ستم جا جيڪي واقعا ظهور پذير ٿيا آهن، اهي واقعا ۽ مسئلا ڪي اتفاقي حادثا نه آهن پر ان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿا ته هن وفاقي ملڪ جو بنياد ئي مظلوم ۽ پوئتي پيل قومن جي قومي جبر ۽ ڦرلٽ تي بيٺل آهي ۽ مڙئي مسئلا ۽ ننڍا وڏا واقعا ان ظلم ۽ استحصال جو نتيجو آهن.

مظلوم قومن لاءِ جيڪي مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن: جيئن سندن ٻولي ۽ ڪلچر جي تباهي، انهن جي معاشي وسيلن جي ڦرلٽ، کين اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جون سازشون، انهن جي تخليقي صلاحيتن کي گهٽڻ ۽ ٻوساٽڻ. اهي نه مطالبن ۽ گهرن سان حل ٿيندا ۽ نه وري آزين نيازين ۽ شرم جي ڏيارڻ سان حل ٿيندا. پر انهن مڙني مسئلن ۽ مشڪلاتن جو واحد حل اهو آهي ته مظلوم قومون پنهنجو حق خود اختياري حاصل ڪن ۽ پنهجو ڦريل حاڪميت وارو حق واپس وٺن. پوءِ اهي مسئلا خود بخود ختم ٿي ويندا. جي بنيادي حق نه ورتا ويا ته هڪ ٻئي پٺيان ننڍا وڏا مسئلا ۽ مشڪلاتون پيدا ٿينديون رهنديون ۽ اسان مريض جو بنيادي علاج تجويز ڪرڻ بدران ان کي مختلف قسم جون سٽيون ۽ ڦڪيون ڦڪائيندا رهنداسين. جيڪي مرض کان مڪمل ڇوٽڪارو ته ڪين ڏيارينديون پر مريض کي آهستي آهستي نپوڙينديون ۽ نستو ڪنديون وڃي موت جي منهن ۾ ڏينديون. ان

ڪري وقت جي تقاضا آهي ته اسان جڏهن مرض سڃاڻي ورتو آهي. ان جي دوا جي به خبر آهي ته هاڻ صرف تڪليف ڏيندڙ آپريشن کان بچڻ لاءِ ان کي ڪن لاٽار نه ڪيون نه ته پوءِ اڳتي هلي مرض لاعلاج ٿي ويندو ۽ چوٽڪارو مشڪل بنجي ويندو.

مان مٿي هڪ سٽ ۾ جيڪا ڳالهه ڪئي آهي، اها ئي اسان جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو واحد حل آهي ۽ اهو ئي بنياد آهي، مڙني مسئلن ۽ مشڪلاتن جو ته پاڪستان ۾ رهندڙ مڙني مظلوم قومن کي پنهنجي خود اختياري جو حق واپس وٺڻ گهرجي. پنهنجو حاڪميت ڪرڻ جو حق واپس وٺڻ گهرجي، جيئن هو پنهنجي قسمت جا فيصلا پاڻ ڪرڻ لاءِ آزاد ۽ خود مختيار هجن. هو ڪنهن ڌارئي قوم جي پسند يا ناپسند جون محتاج نه هجن، هو پنهنجو نظام پنهنجي لاءِ پاڻ چوندن ۽ منتخب ڪن، هو پنهنجي عوام ۽ قومن سان وقت جي گهرجن مطابق نئين سر پنهنجا واسطا ۽ ناتا رکن يا انهن کي تبديل ڪرڻ جو حق رکن. هو جيڪڏهن ڪنهن وفاقي نظام ۾ ڪالهه ڪنهن مصلحت تحت شامل ٿيا هئا، ان کان ڌار ٿيڻ يا نئين سر نون بنيادن تي معاهدو ڪرڻ جو حق رکن.

سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جيڪي هن وفاقي رياست ۾ هڪ جابر ۽ ظالم قوم جي ظلم ۽ جبر جو شڪار آهن، انهن گهڻي وقت کان آئيني ۽ قانوني طريقن سان پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪري، ان جا نتيجا ڏٺا آهن. انهن نتيجن جي بنياد تي انهن ٽنهي مظلوم قومن جي عوام جو فيصلو ”قومون آزادي گهرن ٿيون“ جي بنيادي نقطي تي وڃي بيٺو آهي، ان سان گڏوگڏ انهن مظلوم قومن جو پورهيت عوام جيڪو ڌارئي پرمار سان گڏوگڏ پنهنجي هم قوم ڦورن ۽ لٽيرن جي ڏاڍ ۽ استحصال جو شڪار آهي، سو پنهنجي وطن جي قومي آزادي سان گڏ اتي پورهيت انقلاب جو به خواهشمند آهي، هو نه صرف ڌارين جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي ظلم ۽ استحصال مان جند آزاد ڪرائڻ گهري ٿو، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي هم قوم جاگيردارن،

خانن، سردارن ۽ وڏيرن کان به مڪمل آزادي چاهي ٿو. **يعني** ”عوام انقلاب چاهي ٿو.“

هاڻي مظلوم قومن جي ساڃاهه وند ڌرين جو فرض آهي ته هو پنهنجي سياست ۽ جدوجهد جا قبلا درست ڪن. هو پنهنجي سياست ۽ جدوجهد جو بنياد ان ڳالهه تي رکن ته **”قومون آزادي گهرن ٿيون، عوام انقلاب چاهي ٿو.“** هنن جي اڄان به موجود وفاقي ڍانچي اندر رهي پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ واري واٽ مريض کي موت جي منهن ۾ ڏيندي. اهڙي طرح وري صرف قومي آزادي جي جدوجهد جيڪا طبقاتي جدوجهد کان وانجهيل آهي، سا قومي آزادي کي پنهنجي تڪميل تي رسائي نه ٿي سگهي. ڇو جو صرف قومي ظلم ۽ جبر جو خاتمو مظلوم قومن جي عوام جي مسئلن جو حل نه آهي. پر ان سان گڏ مظلوم قومن جو عوام هر قسم جي ڏاڍ ۽ پرماريت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ پورهيت انقلاب يعني غير طبقاتي سماج قائم ڪرڻ جو خواهشمند آهي. ان ڪري وقت جو فيصلو قبول ڪري، مختلف حيلن ۽ بهانن جي آڙ ڇڏي پڌري پٽ ڳالهه صاف ڪرڻ گهرجي ۽ ان بنياد تي اڳتي وڌڻ گهرجي. جيئن پاڪستان جو مظلوم قومون ۽ انهن جو پيڙهيل عوام پنهنجي حقيقي آزادي حاصل ڪري، ترقي ۽ خوشحالي جي منزل تي رسي.

(ڇپيل: مختلف اخبارون ڪراچي، مارچ 1988ع)

سنڌي قوم جو مقدمو

(حنيف رامي جي ڪتاب "پنجاب کا مقدما" جو تنقيدي جواب)

مصنف: رڪ سنڌي

ٻه اکر

ڪراچــي ۾ رهــائش وارن ڏيــنهن ۾ جــڏهن ڪجهـــ ڪتابن جو مطالعو شروع ڪيو تہ پهرين ڪيپ ۾ منهنجي سامهون حنيف رامي جو ڪتاب ”پنجاب کا مقدما“ آيو. جڏهن مون اهو ڪتاب پڙهيو تہ ان ۾ ٿيل غلط بياني ۽ حقيقتن جي ٽوڙ مروڙ ڏسي، دل ۾ خيال پئدا ٿيو تہ حنيف رامي کي سندس ڪيل غلط بياني ۽ غير حقيقت پسندانہ تجزئي جو جواب ڏيان. پر وري دوستن کان معلوم ٿيو تہ ان ڪتاب جي جواب ۾ جناب شڪيل احمد ضيا صاحب ”سنڌ کا مقدما“ ڪتاب لکيو آهي. ان خبر پوڻ کان پوءِ مان ان خيال کان ڪجهہ قدر سست ٿي ويس تہ جناب شڪيل صاحب رامي صاحب کي ضرور سهڻي طريقي سان جواب ڏنو هوندو. پر جڏهن شڪيل صاحب جو اهو ڪتاب منهنجي نظر مان گذريو تہ دل کي سخت صدمو پهتو، ڇاڪاڻ تہ اهو ڪتاب حنيف رامي جي ڪتاب جي جواب ۾ گهٽ پر اردو ڳالهائيندڙن جي بي جا حمايت ۽ دفاع ۾ وڌيڪ لکيل هو. شڪيل صاحب، ڪتاب جو نالو تہ ”سنڌ کا مقدما“ رکيو هو، پر اصل ۾ اهو ڪتاب ”سنڌ جو مقدمو“ نہ پر ”اردو دان طبقي جو مقدمو“ هيو. ان ۾ حنيف رامي کي مظلوم قومن خاص ڪري سنڌين مٿان ڪيل جارحانہ حملن جو جواب تہ ڏنل ڪونہ هيو، پر اردو ٻولي، يو پي ۽ سي پي جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۽ اردو

ڳالهائيندڙ گروهہ کي بنا ڪنهن شريڪ جي هن ملڪ جو وارث ڄاڻائڻ جي وڏيڪ ڪوشش ٿيل هئي. ان صورتحال معلوم ٿيڻ بعد منهنجي اندر ۾ ان ستل جذبي ورِي ڪر مروڙيو تہ مان نہ صرف حنيف رامي کي جواب ڏيان، پر شڪيل صاحب، جنهن منڍي ۾ ٻاجهاري نموني سنڌ جو نالو استعمال ڪري اسان مٿان پنهنجي حاڪميت مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان جو بہ ڪيس جواب ڏيان.

ان ئي خيال هيٺ مان پهريان هن ڪتاب / مقالي رستي حنيف رامي جي ڪتاب "پنجاب کا مقدما" جو تنقيدي جواب ڏئي رهيو آهيان. ان کان پوءِ جلد ئي شڪيل ضياءَ صاحب جي ڪتاب "سنڌ کا مقدما" جو تنقيدي جواب پڻ ڏنو ويندو. ان سان گڏ هڪ ٻئي ڪتاب"آج کا سنڌ" مصنف محمود مرزا تي پڻ تبصرو ڪيو ويندو. في الحال هي ڪتاب سڄڻن جي سامهون آهي.

مون کي اميد آهي تہ هن ڪتاب ۾ مان جن حقيقتن کي اجاگر ڪيو آهي ۽ جنهن نموني اصل صورتحال کي ڇٽو ڪري چنڊي ڇاڻي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سا اسان جي دوست حنيف رامي جي طبيعت تي بار نہ ٿيندي. هو حقيقت پسند ٿيندي هن ڪتاب کي پنهنجو ذهن صاف ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪندو.

حنيف رامي ڪتاب جي مهڙ ۾ شرمسار ٿيندي لکي ٿو تہ "مان هي ڪتاب پنجابين لاءِ لکيو آهي ۽ اهو لکڻ تہ پنجابي ۾ گهرجي ها، پر افسوس جو پنجابين اڄ پنهنجي

ٻولي کي ڇڏي ڏنو آهي. جنهن ڪري مون کي مجبورن هي ڪتاب اردو ۾ لکڻو پوي ٿو.” پر حنيف رامي کي جواب ڏيڻ لاءِ مان هي ڪتاب پنهنجي قومي ٻولي سنڌي ۾ لکندي فخر محسوس ڪريان ٿو. ڇو ته منهنجي سنڌي قوم جي عظيم فرزندن پنهنجي ٻولي کي وقت جي تيز طوفانن مان بچائيندي، ان قابل بڻايو آهي جو اڄ اسان ڳاٽ فخر ڪان اوچو ڪري پنهنجي ٻولي سنڌي کي پنهنجي جذبن ۽ امنگن جي اظهار جو وسيلو بنائي رهيا آهيون.

جيتري قدر هن ڪتاب کي جناب حنيف رامي ۽ ان جو ٽولي جي سمجهڻ جو سوال آهي ته اهو اسان جو مسئلو نه پر سندن آهي.

نوٽ: هي ڪتاب جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا هيٺ حڪمراني واري دور ۾ لکيو ۽ ڇپايو ويو. ان وقت ڪابه پريس هن قسم جو مواد ڇاپڻ لاءِ تيار نه هئي. ان ڪري هي ڪتاب هٿ سان لکي مارڪيٽ ۾ آندو ويو. جيڪو وڏي تعداد ۾ هجڻ باوجود ڪجهه ئي ڏينهن اندر وڪرو ٿي ويو. هن ڪتاب کي ان پسمنظر ۾ پڙهڻ ۽ ڏسڻ گهرجي.

رڪ سنڌي

ڪراچي سنڌ،

10 ڊسمبر 1987ع

"پنجاب کا مقدما" تي تنقيدي نظر

محمد حنيف رامي، جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي جي دور ۾ پنجاب جو وزيراعلىٰ (1974ع — 1975ع) رهي چڪو آهي ۽ پنهنجي جارحانہ پنجاب پرستي جي خيال کان پوري پاڪستان اندر مشهور ٿي چڪو آهي. ان جو لکيل ڪتاب "پنجاب کا مقدما" جو ٻيو ايڊيشن جولاءِ 1986ع منهنجي آڏو آهي. سندس لکيل هن ڪتاب تي نہ صرف مظلوم قومن جي عوام پر سندس ئي وطن پنجاب جي ڪن حقيقت شناس ماڻهن پڻ ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. رامي صاحب هن ڪتاب ذريعي پنجاب جي مظلوم قومن مٿان ٿيندڙ يلغار، قبضي ۽ ڦرلٽ کي پنجاب جو وڪيل بڻجي جائز قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رامي صاحب، هن ڪتاب رستي مظلوم قومن طرفان ٿيندڙ مطالبن کي ناجائز ۽ هروڀرو جي هاءِ گهوڙا قرار ڏيندي، پنجاب جي موجوده رويي کي جائز قرار ڏيڻ ۽ حق تي هجڻ جي لاءِ هڪ ناڪام وڪيل جيان ڪورٽ جو ٽائيم خراب ڪرڻ لاءِ اجائي دليل بازي ڪئي آهي. هن پنجاب جي جارحيت جي بچاءَ لاءِ ان کي قانوني جواز مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حنيف رامي هن ڪتاب جي ذريعي اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مظلوم قومن جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جا ذميوار پنجاب وارا نہ پر اهي اردو ڳالهائيندڙ پڻ آهن، جيڪي 1947ع ۾ هندستان کان

پناهگير ٿي هتي پهتا ۽ پوءِ نہ صرف سنڌ جي نوڪرين، زمينن، واپار ۽ صنعت تي قابض بنجي ويا پر اهي ئي ماڻهو پنجاب جي نوڪرين تي پڻ حاوي ٿي ويا. ان ڪري پنجابي ان الزام ڪان آجا آهن تہ هنن ڪو مظلوم قومن جا حق ڦٻايا آهن. اصل ۾ رامي صاحب پنجاب طرفان ٿيندڙ جارحانہ ڦرلٽ تي پردو وجهڻ لاءِ حد ڪان وڌيڪ اردو ڳالهائيندڙن تي چوهہ چنبڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان ڪڏهن بہ ان حقيقت ڪان انڪار ڪونہ ٿا ڪريون تہ جڏهن ورهاڱي ڪان پوءِ اردو ڳالهائيندڙ هتي پهتا تہ هو اصل ڪان ئي معصوم ۽ فرشتا هئا. حقيقت ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ پهريان پهريان سنڌين جو، سنڌ جي مسئلن ۽ مشڪلاتن تي پهريون ٽڪراءُ انهن هندستان مان ايندڙن سان ٿيو، جن سنڌ جي هندن جي ڇڏيل زمينن، صنعتن، گهرن ۽ واپاري مرڪزن کي لٽ جو مال سمجهي اچي ان تي پنهنجي حقداري جي دعويٰ ڪئي. سنڌ جي معصوم ۽ ابوجهہ ماڻهن کي پنهنجي چالاڪي ۽ حرفت سان غلام بنائڻ ۽ انهن جي قومي ڪلچر، قومي ٻولي، ريتن رسمن ۽ تاريخ کي پنهنجي جارحانہ ارادن سان صفحہ هستي تان مٽائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. اسان ان ڪان اردو ڳالهائندڙ ٽولي جي سربراهہ ۽ اڳوڻي وزيراعظم لياقت علي خان جا اهي لفظ ڪونہ وسريا آهن، جنهن ۾ هن سنڌي ثقافت تي گند اڇليندي، ان کي اٺن ۽ گڏهہ هڪليندڙ قوم جي تهذيب ۽ ثقافت ڪوٺيو هو. لياقت علي خان سنڌي ٻولي کي اڇوتن جي ٻولي قرار ڏئي ان خلاف جهاد کي عين اسلامي اصولن جي مطابق ڪوٺيو هو. اسان کي اجا ووٽرن جون لسٽون سنڌي ۾ ڇپائڻ واري تحريڪ وقت اردو ڳالهائيندڙ ليڊرن طرفان اسان جي ٻڪ هڙتالي

اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مٿان رات جي اونداهي ۾ حملا ڪرائڻ وارا واقعا ۽ حيدرآباد جي بڪ هڙتالي ڪئمپن ۾ ويٺلن (قاضي فيض محمد، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ ٻيا) مٿان ڪيل حملا ڪونہ وسريا آهن. اسان ڪان اجا 1972ع وارا ٻولي وارا فساد ڪونہ وسريا آهن، جن فسادن وقت شهري علائقن ۾ اسان جي عزتن تي حملا ٿيا هئا. اسان جا ڪونڌر ڪٺا ويا هئا. اسان جي اڳواڻن جون قبرون نهيون هيون. اسان جي قومي اڳواڻ محترم جي ايم سيد مٿان بمن سان حملا ٿيا هئا. سنڌي اخبارون ۽ پريسون ساڙيون ويون هيون. اسان کي اجا سنڌ الاجي کي ڏنل باهہ جا شعلا ڪونہ وسريا آهن. اسان جي دلين تي اجا اردو جي نفرتون پاليندڙ شاعر رئيس امروهي جا اهي لفظ اُڪريل آهن تہ "اردو ڪا جنازه هي ذرا ڌوم سي نڪلي." جن لفظن کي اردو پريس اهڙو تہ وني ڦهلايو هو جو سڄي سنڌ باهہ جي شعلن جي وچ ۾ سڙڻ شروع ٿي هئي. اسان ڪان اجا 1977ع وارا اهي ڏينهن ڪونہ وسريا آهن، جو پنجاب جي پٺي نپرڻ تي اسان جي اردو ڳالهائيندڙن جمهوريت جي جنازي ڪڍڻ لاءِ اسان جي شهرن کي باهہ جي اوڙاهہ ۾ اڇليو هو. اهو سڀ ڪجهہ صرف ان ڪري ڪيو هو جو هڪ تہ ملڪ جو سربراهہ سنڌي هيو ۽ ٻيو تہ ان مان پنجابي سڀ‍ڳورا ناراض هئا. اسان جي دل تي اهي گهاو اجا بہ گهرا آهن، جيڪي اردو ڳالهائيندڙن هڪ سنڌي ليڊر ذوالفقار علي ڀٽو جي موت تي مٺايون ورهائي اسان کي ڏنا هئا.

پر ڇا انهن ڳالهين جي ڪري اسان، پنجاب جي ناجائز حاڪميت قبول ڪري ويهون. اسان پنجاب جي ڦرلٽ کي جائز

قرار ڏيون. نه بلڪل نه. اسان پنجاب طرفان ڏنل گهاو ڪنهن به صورت ۾ وساري نه ٿا سگهون. جيڪي اجا به جاري آهن. جيڪي اجا اسان مٿان لڳاتار لڳايا پيا وڃن. ڇا صرف اردو ڳالهائيندڙن جي ڪري، اسان پنجابين کي انعامن ۾ ڏنل زمينون معاف ڪري ڇڏيون. حقيقت هيءَ آهي ته اردو ڳالهائيندڙ اسان جي بي وقوف دوست هئا، جيڪي هاڻ مس ڪجهه ماڻهپي ۾ آيا آهن، جن مس اجا هاڻي حقيقتن کي صحيح نموني سمجهيو آهي. نه ته اڳ ته اهي يار پرائي چرچ تي پنهنجا گهر جلائڻ لاءِ تيار هئا. اسان سندن ذهنن ۾ آيل تبديلي جو دل جي خلوص سان خير مقدم ڪريون ٿا. پنجابين ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ ان مٿان لشڪر ڪشي شروع ڪئي، جيڪا اجا به جاري آهي. ماهرن جي چئي مطابق سنڌ ۾ هر سال 5 لک ڌاريا ماڻهو اچن ٿا، انهن ۾ 70 سيڪڙو پنجابين جو شامل آهي. پنجابين نه صرف سنڌ جي زمينن تي قبضو ڪري اتان سنڌي هارين کي بيدخل ڪري، انهن کي فاقه ڪشين منجهه مبتلا ڪيو آهي، پر سنڌي ڳوٺن مٿان بلڊوزر هلائي، انهن کي ميدانن ۾ تبديل ڪيو. اتي پنهنجا چڪ قائم ڪيا. جيڪي سنڌ جي ڌرتي تي هڪ بدنما داغ جيان اڄ به جتي ڪٿي موجود آهن. پنجاب وارن نه صرف اسان کي وفاقي نوڪرين ۾ گهڙڻ نه ڏنو، پر سنڌ جي صوبائي نوڪرين تي پڻ قابض بنجي ويا. آءِ جي پوليس کان ٿاڻيدار تائين، گورنر کان وٺي مختيارڪار تائين، اهي اسان جا حاڪم بنجي ويا. اسان سان اهو سلوڪ ڪيو ويو، جيڪو يهودين فلسطين جي ماڻهن سان ڪيو. سنڌ ۾ جيڪي به صنعتون لڳيون، پهريون ته انهن جون پرمٽون غير سنڌين

يعني پنجابين ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي مليون، پر ستم ظريفي اها ته جو انهن ۾ ڇڙي مزدوري بہ سنڌي ماڻهن جو حق ڪانہ رهي. جنهن ڪري سنڌي ماڻهو جيئن پوءِ تيئن بي روزگار ٿيندا، عمل جي ميدان ۾ پوئتي ڌڪبا، معاشي بدحالي جو عبرتناڪ نمونو بنجي ويا. ماهرن جي چئي مطابق تہ هن وقت 10 لک سنڌي ماڻهو بي روزگار آهن. جڏهن تہ هتي جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پنجابي سنڌ مان هر مهيني 81 ڪروڙ روپيا پنجاب مني آرڊر ڪري موڪلي رهيا آهن. صرف ڪراچي جي ڪارخانن مان غير سنڌي سرمائيدار کي 24 ارب روپيا پيداوار ملي رهي آهي. جڏهن تہ ڪراچي ڪسٽم، انڪم ٽيڪس، سيلز ڊيوٽي ۽ ٻين ٽيڪس مان جيڪا 24 ارب روپيا پيداوار ٿئي ٿي، سا بہ اڄ سڌي طرح پنجاب جي ڪتب اچي رهي آهي. جڏهن بہ انهن ظالمانہ قدمن خلاف سنڌي ماڻهن احتجاج ڪيو تہ انهن کي فوجي قوت رستي دٻايو ويو. فوج اسان جي شهرن، ڳوٺن، تعليمي ادارن تي حملا ۽ هلائون ڪري اسان کي حق جي جدوجهد کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي. اڄ بہ سنڌي پنجاب جي ان جبر خلاف جدوجهد ۾ مصروف آهن ۽ ان جي عيوض اسان جا شهر فوج جي حوالي آهن، ڳوٺن مٿان بمباري ٿي رهي آهي، وستيون ۽ واهڻ تباهہ ٿي رهيا آهن. ان ڳالهہ جي شاهدي لاڪاٽ (قاضي احمد)، ماڇي ڳوٺ، پنهون خان چانڊيو ڳوٺ (سڪرنڊ)، برهماڻي ڳوٺ، خيرپور ناٿن شاهہ، ٿهيم ڳوٺ (سانگهڙ)، پنهنجي تباهي ۽ بربادي رستي ڏيئي رهيا آهن. اڄ بہ منهنجي ماروئڙن کي زير ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ مستقل نموني پنون عاقل، جيڪب آباد، دادو، نواب شاهہ ۽ ٻين هنڌن تي ڇانوٽيون تعمير ڪيون پيون وڃن.

ڪڇي جي علائقي ۾ ڏاڙيلن جي ناليءَ تي تاريخ جو بدترين آپريشن ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي سرسبز علائقن جي ماڻهن کي هميشه لاءِ تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ ڪالاباغ ڊيم جهڙا منصوبا ناهي، سنڌ کي بيابان بڻائڻ لاءِ سازشون ڪيون پيون وڃن. سنڌ جو پاڻي روڪي يزيدي ڪردار ادا ڪرڻ جا ڍڙڪا ڏنا پيا وڃن. پوءِ به رامي صاحب، پنجاب جو نادان وڪيل بڻجي، ان جي بچاءَ ۾ دليل بازي ڪندي، اسان کي پنجاب کي مظلوم سمجهڻ ۽ ان کي باقي قومن جو دوست سمجهڻ لاءِ پنهنجي خطابت جي زور رستي مرعوب ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي.

هاڻ اچو ته حنيف رامي جي ڪتاب جو جائزو وٺون. صفحي 29 تي حنيف رامي صاحب لکي ٿو ته، "پاڪستان ۾ پنجابين فردن ته گهڻي ترقي ڪئي آهي، پر انهن اها ترقي پنجابي بنجي نه پر پاڪستاني بڻجي ڪئي آهي. پر اهو به چئي سگهجي ٿو ته انهن جي انفرادي ترقي جي قيمت پنجاب کي ادا ڪرڻي پئي آهي. پنجاب جي صوبي ۾ 5 ڪروڙ عوام انفرادي طور تي ترقي ڪندڙ مٺ جيترن پنجابين جي خاطر پاڪستان نهڻ کان اڄ تائين صرف گاريون کاڌيون آهن. پر پنجاب ۽ پنجابي عوام ڪا خاص ترقي نه ڪئي آهي." رامي صاحب پنجاب پنجاب ۾ خبر ناهي ته الاءِ ڪهڙي ترقي چاهي ٿو، جيڪا پنجابين نه ڪئي آهي. پنجابين ترقي پنجابي بڻجي ڪئي هجي يا پاڪستاني بنجي. پر اها ڳالهه ڪنهن کان به لڪل ڪونهي ته هنن ترقي ڪئي آهي. سا به جائز نموني نه پر ناجائز نموني ٻين جا حق ماري. ڀلا آخر پنجابين کي ڪهڙي

لوڙ پئي آهي جو هو پنجابي بڻجي ڦرلٽ ڪن. جڏهن ته هو اها ڦرلٽ پاڪستاني بڻجي مزي سان ڪري سگهن ٿا ۽ هنن مٿان سادي قسم جا ماڻهو پاڪستان جو لفظ وچ ۾ اچڻ ڪري ڪو الزام به نه ٿا هڻي سگهن. ڇو ته ان سان پنجاب جي نه پر پاڪستان جهڙي پاڪ ملڪ جي مخالفت ٿي پوندي ۽ پوءِ ڇوڏاري ويچارن سادن ۽ ابوجهن مٿان ملڪ دشمني ۽ ان سان گڏ اسلام دشمني جهڙا نهيل نڪيل الزام عائد ٿيڻ شروع ٿيندا. اها ئي ته پنجاب جي چالاڪي رهي آهي، جو هو سڌو سنئون پنجابي بڻجي ڪمزور قومن جو استحصال نه ٿو ڪري، پر اهو سڀ ڪجهه پاڪستان جي نالي ۾ ڪري ٿو. اسان ته مظلوم قومن جا ماڻهو ان ڪي صلاح ڏينداسين ته خدا جي واسطي، هو پاڪستاني بڻجي نه پر پنجابي بڻجي اسان تي حڪومت ڪري ۽ اجا به ترقي جا اوچا معيار ماڻي.

حنيف رامي چوي ٿو ته چند پنجابين جي انفرادي ترقي کي سڄي پنجاب جي تقري ڪوٺي ان ڪي نندڻ نه گهرجي. ڀلا حنيف رامي صاحب کي اهڙو ڪوڙ گهڙيندي ٿورو به شرم نه آيو جو ڪيس خبر هجي ته آخر اسان مظلوم قومن جا ماڻهو سمنڊ جي تري ۾ تو ڪونه ٿا رهون، جو حنيف رامي جي ان ڪوڙي زٽ کي قبول ڪري، سڄي پنجاب کي ان ڦرلٽ کان آجو قرار ڏئي، صرف چند ڇوڏرين ۽ جرنيلن کي ان جو ذميوار بڻايون. پنجاب پاڪستان نهڻ کان اڳ ڇا هيو ۽ هاڻ ڇا آهي، اهو هرڪو ڄاڻي ٿو. ڀلا جيڪڏهن پنجابين کي موجوده نظام مان فائدو نه هجي ۽ مال غنيمت ميڙڻ جا موقعا نصيب نه ٿين ته آخر هو اسان مظلوم قومن طرفان سندن چند جرنيلن

۽ چوڌرين خلاف ٿيندڙ جدوجهد ۽ مخالفت کي پنهنجي خلاف
چو ٿا سمجهن ۽ ان لاءِ پنهنجي آقائن کان اڳ چو ٿا ميدان ۾
لهي اچن. پنجاب ۾ مظلوم قومن جا حق گهرندڙ اڳواڻن
خلاف جلوس ڪيندڙ، انهن جا پتلا جلائيندڙ، انهن تي ڪفر
جون فتوائون صادر ڪندڙ، انهن کي قاسي ڏيڻ جا مطالبا
ڪندڙ ڇا صرف چند چوڌري ۽ فوجي جرنيل هوندا آهن.
بلڪل نه! انهن سان اتان جو عوام، دانشور، سياستدان ۽
صحافي گڏ هوندا آهن. ان ڪري اسان انهن کي سندن فوجي
جرنيلن ۽ چوڌرين سان ان ڦرلٽ واري عمل ۾ هڪجيترو
ڏوهي قرار ڏئي سگهون ٿا.

حنيف رامي صاحب پنجابين جي پاڪستان سان محبت
۽ پيار جو ذڪر ڪندي صفحي 29 ۽ 30 تي لکي ٿو ته،
”پنجابين پاڪستاني قوميت جي تصور ۾ پنهنجي پنجابيت
جي حقيقت کي ان حد تائين جذب ڪري ڇڏيو، جو پنجابي
چورائڻ ۽ ان نسبت سان سڃاڻجڻ، انهن لاءِ ڪابه فخر جي
ڳالهه ڪانه رهي.“ سندس چواڻي ته ”پنجابين پنهنجو قومي
تشخص پاڪستان سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ پاڪستان ۽ پنجاب هڪ
ڳالهه ٿي ويا.“ رامي صاحب لاءِ عرض آهي ته هتان جي ٻين
مظلوم قومن جي پيٽ ۾ پنجابين پنهنجو قومي تشخص ان
ڪري پاڪستان تان واري ڇڏيو جو پاڪستان پنجابين جي
جارحانه مفادن جو تحفظ پيو ڪري. ان ڪري هنن کي ڪهڙي
لوڙ هئي جو ان سٺي تصور ۽ منو ڪير ڏيندڙ نام نهاد
نظرياتي ملڪ کي ڇڏي هو ڪنهن ٻئي نموني سان مظلوم
قومن جو استحصال ڪرڻ شروع ڪن. پاڪستان پنجابي

جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ پارٽ جي مسلم سرمائيدارن ۽ بيوروڪريٽن پنهنجي مفادن کي تحفظ ڏيڻ ۽ هتان جي سرسبز علائقن کي پنهنجي استحصال جو شڪار بڻائڻ لاءِ پنجوڙ وانگر جوڙيو هو. ان ڪري هو ان ذريعي مظلوم قومن جي عوام کي وڏيڪ عرصي تائين بيوقوف بڻائي پئي سگهيا. جڏهن ته پنجابي بنجي سڌو سنئون ڦرلٽ ڪرڻ سان مظلوم قومن جو عوام جلد ان کي محسوس ڪري وٺي ها. ان ڪري ئي پنجابين صرف پنهنجي مفادن خاطر پنهنجي قومي تشخص کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. اهو نه انهن ڪنهن تي ٺورو ڪيو ۽ نه وري انهن کي ڪنهن ايئن ڪرڻ تي مجبور ڪيو. جڏهن ته پنجاب جي پيٽ ۾ ٻين مظلوم قومن کي پنهنجي قومي تشخص تان هٿ ڪڻڻ لاءِ جبرن مجبور ڪيو ويو. جيئن سنڌي قوم جي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو نه ڏيڻ، ان مٿان اردو کي زوري مڙهڻ، بلوچستان ۽ سرحد (پختون) جي ٻولين کي جائز مقام نه ڏيڻ وغيره.

عجيب دليلن ۽ عجيب منطق تي ٻڌل هن ڪتاب جي صفحي 31 تي حنيف رامي لکي ٿو ته "جڏهن پنجابين، فوج، سول ملازمتن، معيشت، صحافت ۽ تعليم جي ميدان ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪئي ته ٻين ان کي پنجاب جي موقعي پرستي، جارحيت ۽ استحصال قرار ڏنو." هاڻي سوال ٿو اٿي ته ڇا پنجابين فوج، سول ملازمتن يا ٻين هنڌن تي نمايان حيثيت جائز نموني حاصل ڪئي يا پنهنجي طاقت، چالاڪي ۽ چالبازي سان حاصل ڪئي. هنن مقامي ماڻهن جي جن به وسيلن تي قبضو ڪيو، اتي اهل مقامي ماڻهن کي نظرانداز

ڪري پنهنجي ماڻهن کي ورسائڻ شروع ڪيو. هنن ڪوشش اها ئي ڪئي تہ انهن ادارن ۾ مقامي ماڻهو شامل ٿي نہ سگهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ لڳندڙ ڪارخانن جا مالڪ پنجابي هئا تہ هنن مئنيجر ۽ ٻيو عملو بہ پنجاب مان گهرائي رکيو. هنن کي انهن ڪارخانن ۾ مزدوري ڪرڻ لاءِ بہ سنڌ جا ماڻهو اهل نظر نہ آيا. جتي وري اسان جو رامي صاحب، پنجابي هاري ۽ مزدور کي ان استحصال ۽ ڦرلٽ کان ڌار ڪري صرف پنجابي چوڌرين ۽ سرمائيدار کي ان جو ذميوار قرار ڏئي ٿو. اتي ڪيس هڪ ڳالهہ نظر نہ ٿي اچي تہ جي اهو پنجابي هاري ۽ مزدور پنهنجي ديس پنجاب ۾ پنهنجي چوڌري يا سرمائيدار جو ڪيڏو بہ چو نہ ستايل هجي ۽ اتي مظلوم هجي، پر جڏهن هو سنڌ ۾ پهچي ٿو تہ هتان جي مقامي هاري ۽ مزدور کان اتم ۽ اعلیٰ ٿي وڃي ٿو. هو پاڻ کي حاڪم ۽ برهمڻ ۽ هتان جي پورهيت کي محڪوم ۽ اڇوت سمجهڻ شروع ڪري ٿو. ان لاءِ اهو ئي مثال ڪافي آهي تہ جڏهن پنجاب جي چوڌرين ۽ رٽائرڊ فوجين کي سنڌ ۾ زمينون ڏنيون ويون تہ انهن پنجاب مان هاري آڻي، انهن کي آباد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هتان جي مقامي هارين کي ٻي دخل ڪيو ويو. ان وقت سنڌ جي مقامي هارين جڏهن ان خلاف احتجاج ڪيو تہ ڪيس پنجابي چوڌري کان اڳ پنجابي هاري جي لنين ۽ ڏڪن سان منهن ڏيڻو پيو. پنجابي هاري پهنجي چوڌري جي ملڪيت کي بچائڻ وقت چڙو ان ملڪيت جو چوڪيدار نہ هيو، پر هو مالڪ هيو ۽ ان ڦرلٽ ڪسجي وجڻ سان سندس مفادن کي بہ ڇيهو رسي پيو. ان ڪري پنجابي هاري جو سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪردار ظالم ۽ ڦورو وارو ٿي ويو. اهو ساڳيو نمونو هتي لڳندڙ ڪارخانن ۾

پنجابي مزدورن جو ٻہ رهيو. هنن حق گهرندڙ سنڌي مزدورن کي نہ صرف پنهنجي حقن کان محروم ڪرڻ لاءِ مزدوري تي قبضو ڪري پنهنجي سرمائيدار جو ساٿ ڏنو. پر ان کان وڌيڪ ان پنهنجي سرمائيدار جي چوڪيداري جا فرائض پڻ سرانجام ڏنا. ڪارخانن جي ٻاهران نوڪرين لاءِ ٻاڪارينڌڙ سنڌين مٿان پنجابي سرمائيدار کان اڳ انهن مزدورن ئي حملا ڪيا. ان ڪري ئي هنن کي پنهنجي مفادن تحت هڪ سنڌي مزدور کان وڌيڪ پنهنجو هم قوم پنجابي سرمائيدار هڏڏوکي ۽ همدرد نظر آيو. ان وقت ڦرلٽ جي مفادن تحت سندس طبقاتي دشمني نہ صرف ويندي رهي، پر اها پنهنجي سرمائيدار سان اٽوٽ دوستي ۾ تبديل ٿي وئي.

حنيف رامي، فوج ۾ پنجاب جي اڪثريت تي ڳالهائيندي صفحي نمبر 32 تي لکي ٿو تہ، "فوج ۾ اچڻ جا دروازا چئني صوبن جي ماڻهن لاءِ هڪ جهڙا کليل هئا، پر سنڌين ۽ بلوچن خود ان ڏانهن توجهہ ڪونہ ڏنو." يعني رامي صاحب جي چئي مطابق تہ ان ۾ پنجاب جو ڪوبہ قصور ڪونہ هو. هتي عجيب نموني رامي صاحب پنهنجو بچاءُ ڪرڻ گهريو آهي. جڏهن پاڪستان نهيو تہ ان کان پوءِ فوج ۾ چئني صوبن جي ماڻهن کي اچڻ تي نہ صرف آماده نہ ڪيو ويو پر جيڪي آيا يا اچڻ گهرن پيا، انهن کي ٻہ بددل ڪري فوج کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جيئن بنگالين لاءِ فوج جي اهم نمائندي ۽ پاڪستان جي صدر جنرل ايوب خان چيو تہ "اهي (بنگالي) فوج لاءِ ان ڪري نا اهل آهن، جو هڪ تہ هنن جا قد ننڍا آهن ۽ ٻيو تہ هنن جون ڇاتيون ويڪريون ناهن."

حقيقت تہ هيءَ آهي تہ ماڻهن جا قد ڪاٺ ڪونہ ڪچبا آهن، پر ماڻهن جي مڙسي ڏسبي آهي. پر هتي ابتو قانون رائج آهي، مڙسي بدران قد ماپيا وڃن ٿا. جڏهن تہ انهن ئي ڪارڻن ۽ ڏبرن بنگالين پنجابي فوج جي شهتير جوانن کي گوڏا کوڙايا. سنڌين لاءِ وري اهو مشهور ڪيو ويو تہ هو بزدل ۽ ڊڄڻا آهن ۽ وڙهڻ ڪونہ ٿا ڄاڻن. اصل ۾ اهو مفروضو ان وقت انگريزن سنڌين تي نفسياتي طور مڙهڻ شروع ڪيو، جڏهن هتان جي حرن ۽ هيمون ڪالاڻي جهڙن حريت پسندن انگريز سامراج جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو. انگريزن هھڙي جنگجو ۽ آزادي پسند قوم، جنهن کي زير ڪرڻ لاءِ برصغير ۾ پهريون دفعو مارشل لا سنڌ ۾ لڳائي وئي. ان قوم کي فوج کان پري رکڻ لاءِ اهڙا مفروضا گهڙي مشهور ڪيا.

فوج جا اعلىٰ عهديدار پنجابي هجڻ ڪري، هنن اها ڪوشش ڪئي تہ هن اداري ۾ مظلوم قومن جا فرد داخل ٿي نہ سگهن. هنن ڄاڻي واڻي فوج ۾ شامل ٿيڻ جا معيار اهڙا مقرر ڪيا جو بنگالي، سنڌي ۽ بلوچ انهن ۾معيارن آڏو خود بخود ان فٽ ٿي ويا. پر جيڪي چند فرد انهن معيارن تي پورو لهڻ کان پوءِ فوج ۾ داخل ٿيا، انهن سان طرح طرح جون تعديون ڪيون ويون. انهن جي هرهنڌ حوصلي شڪني ڪئي وئي. اسان جي اعلىٰ تعليم يافتہ ماڻهن کي نيچ عهدن تي رکيو ويو. هڪ گريجوئيٽ سنڌي جوان کي هڪ اڻ پڙهيل پنجابي جهڙو بہ نہ سمجهيو ويو. جڏهن تہ پنجاب مان ڀرتي ٿيلن کي تعليمي قابليت جي بنياد تي سٺيون سٺيون پوسٽون مليون. ان ڪري اسان جا پڙهيل لکيل نوجوان ان کي پنهنجي

بي عزتي سمجهي، پاڻ سان ڪليل ناانصافي سمجهي، ان قسم جي اداري کان پاسو ڪرڻ لڳا.

حڪومت سنڌين کي فوج کان پري رکڻ لاءِ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انگريزن جي نقش قدم تي هلندي، سنڌ ريجمنٽ ناهڻ کان انڪار ڪيو. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي ارادن ۾ مخلص هجي ها تہ سنڌ ريجمنٽ ناهي، ان تحت سنڌين کي فوج ۾ اچڻ تي آماده ڪري ها. جيڪڏهن سنڌ ريجمنٽ ناهي، ان جا هيڊڪوارٽر سنڌ ۾ ناهي ۽ ان جا وڏا آفيسر سنڌي مقرر ڪري ڪم هلايو وڃي ها تہ ڪوبہ سبب ڪونہ هيو جو سنڌي ماڻهو فوج کان پري رهي سگهن ها. پر ايئن نہ ڪرڻ حڪومت جي ڊگهي حڪمت عملي جو حصو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاب جي غير آباد علائقن مان فوجي ڀرتي جو قانون ناهيو ويو. پر اهو ساڳيو قانون سنڌ جي غير آباد علائقن جهڙوڪ: ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان سان لاڳو نہ ڪيو ويو. وري جڏهن موجوده مارشل لا جي دور ۾ نام نهاد سنڌ ريجمنٽ ناهي وئي تہ نہ صرف ان جا سربراهہ پنجابي ۽ پناڻ مقرر ڪيا ويا، پر ان ۾ سنڌي ڀرتي ڪرڻ بدران پنجاب ريجمنٽ جا ڪجهہ حصا چني ان ۾ ملائي، ان کي سنڌ ريجمنٽ جو نالو ڏنو ويو. اهڙي طرح سنڌين کي بي وقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جيڪڏهن سنڌ ريجمنٽ ۾ سنڌ مان ڪا ڀرتي ٿي تہ بہ انهن پنجابين ۽ ٻين غير سنڌين جي ڪئي وئي، جيڪي ٻين صوبن مان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا ۽ سنڌ جا ڪوڙا ڊوميسائيل ٺهرائي، سنڌ جي شهري بنجي ويا هئا.

رامي صاحب، سنڌين جو فوج ۽ سول ملازمتن کان پري رهڻ لاءِ هڪ نهيل نڪيل جواز پيش ڪندي صفحي 33 تي لکي ٿو تہ، ”جيڪڏهن ڪنهن سنڌي مسلمان جي بدلي پنهنجي ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين ٿي ويندي هئي تہ ان جي گھر ۾ باقاعدي ڪهرام مچي ويندو هو ۽ سمجهيو ويندو هو تہ هو پرديس وڃي رهيو آهي. سنڌي عقيدي جي حد تائين قائل هيا تہ دريا کي پار ڪرڻ ۽ سمنڊ جو سفر اختيار ڪرڻ انهن لاءِ مبارڪ ثابت نہ ٿيندو.“ واهہ رامي صاحب، واهہ! اوهان جي دانائي جو ڇيهہ. جنهن قوم جا ٻيڙا ۽ غوراب اڄ کان 5 هزار سال اڳ سنڌو تهذيب واري دور ۾ وڃي عراق ۽ مصر پهتا، جنهن قوم جو صدين کان واپار ئي درياهي ۽ سامونڊي رستن ذريعي دنيا جي ڏورانهن ڏيهن سان هلندڙ هو، جنهن قوم جا سنڌ وارڪي سمنڊ لتاڙي، يورپي قومن جي عروج ۾ اچڻ کان اڳ سڄي دنيا جي واپار تي قابض هئا، جتان جي ماڻهن جو اڄ بہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ واپار هلندڙ آهي، سي پاڪستان نهڻ کان پوءِ نظريہ پاڪستان جي هڪ شوڪاري سان رات وچ ۾ اهڙا بدلجي ويا جو هنن لاءِ درياهہ ۽ سمنڊ جو منهن ڏسڻ بہ مڪروهہ ٿي ويو. اسان رامي صاحب کي اهڙي رڪارڊ قائم ڪندڙ دانائي تي مبارڪ ڏيون ٿا.

اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ بہ لفظ ميربحر ان ڳالهہ جو شاهد آهي تہ سنڌ جا ماڻهو بحر يعني سمنڊ جا مير هئا، ان جا بي تاج بادشاهہ هئا. شاهہ لطيف جو سر سامونڊي هڪ خواب يا هوائي افسانو ڪونہ آهي. جيڪو شاهہ صاحب سمنڊ ڏسڻ بغير ان کان سوين ميل پري ويهي لکيو هجي. شاهہ

لطيف پنهنجي رسالي ۾ جن ناڪئن ڪي، جن مهاڻن ڪي ڳايو آهي، جن جهازين جو اوسيئڙو ڪندڙ ونين ڪي ڳايو آهي، سي ڇا اسان رامي صاحب جي ديس پنجاب مان هاءِ جيڪ ڪري هتي آندا هئا. جيڪو الزام حنيف رامي صاحب، اسان سنڌين تي مڙهيو آهي، جيڪڏهن اهو پنهنجي پنجاب تي مڙهي ها، جنهن جي سرحد سمنڊ جي سيڪ ڪان بہ آجي آهي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ حقيقت ڪي ويجهو لڳي ها.

ڪتاب "پنجاب ڪا مقدما"جي صفحي 33 تي حنيف رامي صاحب، سنڌي ماڻهن ڪي ڪم چور، سست، ڪاهل ۽ جاهل ڄاڻائيندي، پنجابين جي ثنا جا گيت ڳائيندي، پنهنجي دل ڪي بهلائڻ لاءِ ۽ پنهنجي دل جي چور ڪي ڪوڙي تسلي ڏيڻ لاءِ لکي ٿو تہ، "پنجابين هر ميدان ۾ ترقي ان لاءِ ڪئي جو هو هر جڳهہ تي رزق ڪمائڻ لاءِ تيار، مشڪل ڪان مشڪل ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ۽ هر طرح جي ڏکئي هنڌ تي ۽ هر ڪم ۾ آڏو ايندڙ مشڪلاتن سان منهن ڏيندڙ هئا. پنجابين نہ صرف پنهنجي صوبي ۾ زراعت ڪي ترقي ڏني، پر سنڌ ۽ بلوچستان ۾ وڃي اتي جي ڪنوارن کيتن ۾ هر جوٽيا."

حنيف رامي جي تاريخ سان بيهودي مذاق ڏسو، جو جنهن قوم ان وقت اناج پوکڻ جي شروعات ڪئي، جڏهن اجا دنيا ۾ پوکي رهي جو ڪم انسان جي تصور ۾ بہ نہ هو. جنهن وقت اجا ٻيون قومون ترقي جي ٻالڪپڻ ۾ هيون تہ ان وقت سنڌ جي ماڻهن اڄ ڪان 5 هزار سال پهريان هتي اناج اپائڻ شروع ڪيا. ڦيٿي جي ايجاد ڪئي، هر ناهيا، ڍڳن ۽ گهوڙن ڪان ٻنين کيڙڻ جو ڪم ورتو. دنيا ڪي پهريون پيرو ڪپهہ

ڪان متعارف ڪرايو. سي سنڌي اوچتو اهڙا نڪما ۽ سست ٿي ويا جو اسان جي پاڙيسرين کي اسان تي رحم اچي ويو ۽ هنن هتي اچي، اسان جي اجڙيل کيتن کي آباد ڪري اسان کي فاقاڪشين کان بچايو. شايد حنيف رامي يا تاريخ جو مطالعو نہ ڪيو آهي، يا ڄاڻي واڻي حقيقتن کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان رامي صاحب کي عرض ڪنداسين تہ قبلا هن وقت علم، ادب، سائنسي ۽ تاريخي ڄاڻ جو ڦهلاءُ ايترو تہ وسيع ٿي چڪو آهي جو ڪوبہ ماڻهو ڪيڏي بہ ڪوشش ڪندي، حقيقتن کي ٿوڙي مروڙي نہ ٿو سگهي.

هر ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ سنڌ هڪ زرعي ملڪ آهي ۽ هتان جي ماڻهن جو گذر معاش گهڻو ڪري زراعت تي آهي. هتان جا ماڻهو هزارين سالن کان سنڌ جي زرعي ميدان ۾ اڳڀرو رکندا آيا آهن. هتي ڪڏهن بہ اناج جو ڏکر ڪونہ پيو آهي. هتي جي ماڻهن مشيني دور کان گهڻو اڳ سنڌو درياهہ مان نهرون ۽ واهہ کوٽي فصل ڪيا ۽ جتي واهن رستي پاڻي پهچي نہ ٿي سگهيو، جيئن ڪوهستان ۽ ٿر وارن علائقن ۾ تہ اتي برسات جو پاڻي تلائن ۾ گڏ ڪري، ان رستي اتي جي زمينن کي بہ پوک لائق بنايو ويو. اڄ بہ سنڌ ڌرتي جي سيني تي لهرائيندڙ فصل اسان جي محنت ڪش سنڌي هارين جي ساک کي چار چنڊ لڳايو بيٺا آهن. اهڙن جفاڪش ۽ محنتي ماڻهن کي حنيف رامي جي هڪ ئي فتويٰ ڪاهل، سست ۽ نڪمو بنائي نہ ٿي سگهي. حنيف رامي جو اسان مٿان ٿورو ٿئڻ تہ جيڪڏهن سنڌ ۾ ان جا گرائين نہ اچن ها تہ اصل سنڌ پڙيانگ لڳي پئي هجي ها. هتي ڪنگ پيا اڏامن ها، سنڌ جا

پٽ جيڪي هاڻي سدا ساوا آهن، اتي واري پئي اڏامي ها. سنڌ جا ماڻهو اهڙي حال ڪي وجي رسن ها جو گهر گهاٽ ڇڏي وجي وٽن تي آڪيرا ٺاهي رهن ها. اسان ڪي حنيف رامي جي اها مذاق ڪيڏي نہ بيهودي لڳي ٿي. حنيف رامي ۽ سندس گرائين جا جيڪي اسان تي احسان آهن، سي پلا اسان ڪيئن ٿا وساري سگهون. رامي صاحب ۽ ان جي هم قوم جا اجا ٻيا احسان ڪهڙا ڳڻائجن جو جڏهن اجا سندس قوم جا ماڻهو نظرئي پاڪستان ۽ اخوت اسلامي تحت هتي ڪونہ پهتا هئا تہ سنڌ ۾ ايڏو تہ سڪر ۽ خوشحالي هئي، سنڌي ماڻهو ايترا تہ مالوند ۽ پاڳوان هئا جو ڪير مڪڻ بہ ڪونہ وڪڻندا هئا ۽ ان کي وڪڻڻ پنهنجي لاءِ عيب سمجهندا هئا. پر جڏهن هي اسان جا مسلمان ڀائر ۽ پاڪستاني هم شريڪ اسان کي ترقي ڪرائڻ لاءِ هتي پهتا تہ سنڌي ماڻهو ايترو تہ معاشي طور تي بدحال ٿي ويا، جو نہ صرف هنن ڪير مکڻ وڪڻڻ شروع ڪيو پر آخر ۾ انهن جا معصوم ٻچا پنهنجي پيٽ جي باهہ جهڪي ڪرڻ لاءِ ننڍهڻ اُس ۾ پاڻي وڪڻڻ تي مجبور ٿي پيا. اج بہ اوهان ڪراچي کان نيشنل هاءِ وي رستي سڪر طرف سفر ڪندا تہ بسن تي سنڌي قوم جا ٻچا جيڪي اسڪول ۾ هجڻ گهرجن، سي پاڻي وڪڻندي نظر ايندا. اهي سڀ احسان، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اسان تي اسان جي رامي صاحب جي هم قوم بهادرن ۽ جيالن جا ٿيل آهن.

سنڌي هاري جو پوئتي پوڻ جو اصل سبب جاچجي تہ جيڪڏهن سنڌ ۾ اهي سڀ سهوليتون حڪومت سنڌي هارين کي مهيا ڪري ها، جيڪي پنجاب ۾ مهيا ڪيون ويون تہ پوءِ

سنڌي هاريءَ سان پنجابي هاري جي ڀيٽا ڪري سگهجي پئي. سڄي جديد مشينري، سنا ٻج، ڀاڻ ۽ ٻئي سهوليتون يعني ٻنين سنوارڻ لاءِ قرض ڏنا ويا پنجاب ۾ ۽ هيڏانهن سنڌي هاري کي مليل پنج ايڪڙ ٻه ڪوڙن ڪليمن رستي، فوجين کي انعامن رستي ڏئي اتان بيدخل ڪيو ويو. جيڪا ٿوري گهڻي زمين سنڌي هارين وٽ بچي، سا به گهٽو ڪري سم جي سٽيل يا بيراج جي ايراضين کان پري هئڻ ڪري ۽ جديد مشينري، سٺن ٻجن، ڀاڻ ۽ زرعي زمينن جي سڌاري لاءِ قرض نه ملڻ ڪري سٺي فصل اپائڻ کان وانجهي رهجي وئي. جڏهن ته سنڌ ۾ آيل چوڌرين سان جيڪي پنجابي هاري آيا، انهن کي نه صرف بيراج واريون زمينون مليون پر ڪين مٿيون سڀ سهوليتون پڻ نصيب ٿيون. انهيءَ ڪري انهن طرفان پوکيل فصلن جي سٺي ٿيڻ ۾ سندن محنت جو ڪرشمو گهٽ پر سرڪاري ٽيڪي جو ڪرشمو وڌيڪ رهيو. پلا اهو ڪٿان جو دليل آهي ته جيڪڏهن پنجابي هارين هتان جي زمينن کي سرڪاري مدد سان پنهنجي فائدن لاءِ آباد ڪيو ته اسان انهن جي ان قبضي کي جائز سمجهون ۽ سندن هم قوم جي ناجائز حاڪميت قبول ڪري وهون. سنڌ جي هر شيءِ جا مالڪ بنا ڪنهن شريڪ جي سنڌي ماڻهو آهن. ڇا برصغير جي ماڻهن انگريزن جي لڳايل ملين، جديد مشينن، رستن، ريلن ۽ ٻين ايجادن کان مرعوب ٿي، انهن جي حاڪميت تسليم ڪئي. جي نه تو پوءِ اهو دليل ڏئي، اسان مٿان رامي صاحب، پنهنجي حاڪميت ڇو مڙهڻ گهري ٿو. اڄ ڪالهه عرب ملڪن ۾ اڏاوتي ڪم ڪندڙ پاڪستانين جي محنت جي بنياد تي عرب حاڪميت قبول ڪندا ۽ انهن کي پنهنجي ڌرتي مٿان

ان بنياد تي دعوىٰ داخل ڪرڻ جي اجازت ڏيندا تہ انهن عرب ملڪن جي ترقي ۾ اجرت تي حصو ورتو آهي. جي نہ تہ پوءِ سنڌ لاءِ اهڙا دليل ڏئي، سنڌ متان پنهنجي قبضي ڪي جائز قرار ڏيندڙ رامي صاحب جي دليل ڪي سندس ذهن جو فتور قرار ڏئي سگهجي ٿو.

حنيف رامي صاحب پنهنجي ڪتاب "پنجاب ڪا مقدما" جي صفحي 40 ۽ 41 تي تاريخ جي مها ڄاڻو جيان بنا ڪنهن حوالي يا سند ڏيڻ جي فرمائي ٿو تہ، "سنڌو ماٿري جي 5 هزار سال پراڻي سڀيتا جا وارث (فقط) پنجابي آهن." جڏهن تہ تاريخ جي ٿوري بہ ڄاڻ رکندڙ ماڻهو ان ڳالھ ڪان بخوبي واقف آهي تہ ان وقت يعني اڄ ڪان 5 هزار سال اڳ هن ڌرتي جي خطي تي نہ پنجاب هيو ۽ نہ وري پنجابي قوم. اصل ۾ هي سڄي سنڌو ماٿري جو خطو ۽ سنڌو تهذيب سنڌي ماڻهن جي نالي سان سڃاڻپ رکندي هئي. اصل ۾ پنجابي سڃاڻپ فارسي حملن ۽ قبضي ڪان پوءِ جي پيداوار آهي. پنجاب جو فارسي نالو "پنجاب" جنهن جو مطلب پنجن درياهن وارو خطو فارسي قبضي واري دور ۾ سڃاڻپ هيٺ آيو. دنيا جا سڀ تاريخ جا ماهر، قديم آثارن جا ڄاڻو ان ڳالھ تي متفق آهن تہ برصغير ۾ جيڪا 5 هزار سال اڳ تهذيب اُسري ۽ نسري ان جا خالق سنڌو ماٿري جا رهواسي يعني سنڌي هئا. موجوده پنجاب جو هي خطو بہ سنڌو ماٿري جي حصو هيو. ان تهذيب جو مرڪز موهن جو دڙو هيو. هڙاپا پنجاب مان مليل قديم آثار پڻ ان مها تهذيب جا ڇڏيل نشان آهن. سنڌو تهذيب پنهنجو ڏاڪو نہ صرف موجوده سنڌ پر اڄ جي پاڪستان ڪان بہ وڏي ايراضي

تي ڄمايو. رامي صاحب ڏاڍي منهن جي پڪائي سان تاريخي حقيقتن سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، ان سڄي تهذيب جو وارث پنجابين کي بنايو آهي. چوندا آهن ته هڪ بيوقوف ماڻهو جيڪڏهن هڪ حجت اٿاري ته دنيا جا سو ڏاها به ان کي ان جو جواب نه ٿا ڏئي سگهن. سو جيڪڏهن سڄي دنيا جا ماهر سائنسي تحقيقات جي بنياد تي موجوده پاڪستان جي خطي ۾ اسرندڙ تهذيب کي سنڌو ماٿر جي سڀيتا ۽ سنڌي ماڻهن جي محنتن جو ثمر ڄاڻائين ٿا ته هاڻي حنيف رامي جي ان حجت جو ڪير جواب ڏئي. پنهنجي قوم کي هروڀرو ٿوم مان زعفران بنائڻ لاءِ ڪل جهڙيون دعوائون ڪرڻ واري حنيف رامي صاحب کي ڪير سمجهائي ته سائين جنهن پنجاب جي اوهان ڳالهه ڪريو ٿا سو هن وقت گنگا ۽ جمنا طرف آهي. هي خطو ته ان وقت سنڌو ماٿري هيو. جيڪڏهن اهڙي دعوىٰ ڪو تاريخ جو عالم ڪري ها ته دنيا جي مڃيل عالمن کي هڪ پاسي ڪري به ان تي غور ويچار ڪجي ها پر هڪ احمق ماڻهو کي دليل سان کهڙو ڪم. حنيف رامي صرف ان ڳالهه تي بس نه ڪئي آهي پر ڪمال بي حيائي جو مظاهرو ڪندي، هندن جي ديوتا شو کي به پنجابي ڪوٺيندي دير ڪانه ڪئي آهي. صفحي 41 تي ان لاءِ عجيب دليل ڏنا اٿس ته شو ۽ ڊڳو ان ڳالهه جا شاهد آهن ته شو پنجابي هيو. ڇو جو پنجابين ۽ ڊڳن جو تعلق صدين کان هلندو اچي. هو پاڻ ئي چوي ٿو ته ان لاءِ ئي اڄ تائين ٻين صوبن جا ماڻهو پنجابين کي ڊڳا چوندا آهن. (ص: 41) حنيف رامي پنجابين کي ڊڳو چئي يا ٻيو ڪجهه پر شو ديوتا پنجاب جي ڌرتي تي جنم ڪونه ورتو. اها هڪ

تاريخي حقيقت آهي. ان کي ڪير بہ پنهنجن مفادن تحت بدلائي نہ ٿو سگهي.

حنيف رامي صاحب ڪتاب جي صفحي 53 تي لکي ٿو تہ، ”فوجي حڪومتن ۽ نوڪر شاهي جي طرفان ننڍن صوبن سان زيادتيون ٿيون آهن تہ ان ۾ پنجاب جي عوام جو ڪوبہ عمل دخل نہ آهي. فوجي حڪومتن ۽ پنجابي نوڪر شاهي جيڪو ڪجھ ٻين صوبن سان ظلم ڪيو آهي، اهوئي ظلم 19، 20 جي حساب سان پنجاب سان بہ ڪيو آهي. پنجابي نوڪرشاهي ڪي ئي ونو، اها سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ان قدر بي شرمي سان ظلم، تشدد ۽ استحصال نہ ٿي ڪري، جنهن طريقي سان پنجاب ۾ ڪري ٿي. ننڍن صوبن کي گهرجي تہ هو فوج ۽ نوڪر شاهي کي پنجاب جو نمائندو تصور نہ ڪن.“ رامي صاحب پنجاب جي عوام کي بي قصور ڄاڻائڻ لاءِ جيترا هن ڪتاب ۾ دليل ڏنا آهن. سي جيڪڏهن ڳڻجن تہ جيڪر ايترا دليل گهڙڻ تي رامي صاحب کي ايوارڊ ۽ مبارڪ ڏيڻي پئجي وڃي. فوجي حڪومتن جي سهاري ئي پنجاب جي عوام ترقي ڪئي آهي. جيڪا ڳالهہ هر ٿوري گهڻي سمجھ رکندڙ ماڻهو بہ سمجهي سگهي ٿو. جيڪڏهن فوجي حڪومتن منجهان پنجاب جو عوام بيزار هجي تہ پوءِ ڇو نہ ٿو ان خلاف تحريڪ هلائي يا مظلوم قومن جي عوام طرفان هلندڙ تحريڪن جي حمايت ۽ مدد ڪري. جڏهن 1983ع جي آگسٽ مهيني ۾ پاڪستاني فريم ورڪ ۾ ڪم ڪندڙ پارٽين جمهوريت لاءِ جدوجهد شروع ڪئي تہ مظلوم قومن جي عوام تہ ان ۾ ڀرپور حصو ورتو پر پنجاب جي عوام ان

ڪان لاتعلقي ڏيکاري. پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ محترما نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو پنجاب جي عوام کي واسطا وڌا، اپيلون ڪيون، پر پنجاب جو عوام ان ڪان لاتعلق رهيو ۽ فوج خلاف رستن تي نہ آيو. پر ان ڪان اڳ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جي جمهوري حڪومت خلاف پاڪستان قومي اتحاد ۾ شامل مها رجعت پسند پارٽين تحريڪ هلائي هئي تہ سڄو پنجاب اٿي ڪڙو ٿيو هو ۽ نيٺ فوجي ٽولي کي ملڪ تي قابض ڪرائي وجي آرام سان ويٺو. جڏهن تہ 1977ع واري تحريڪ ۾ سنڌي عوام کوبہ ڀرو ڪونہ ورتو. پر 1983ع جي جمهوري جدوجهد ۾ سنڌ اندر وڏي پئماني تي عوام جنرل ضيا جي فوجي حڪومت خلاف مظاهرا ڪيا. جن کي ڪچلڻ لاءِ فوجي حڪومت پنهنجي ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو. ماڻهن کي سخت پورهئي سان سالن جا سال سزائون ڏنيون ويون. انهن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون، انهن جا گهر ساڙيا ويا، ڳوٺن کي ساڙيو ويو. هزارين ماڻهن کي گرفتار ڪري فوجي ڪورٽن ذريعي سزائون ڏئي لکين ڪوڙا هنيا ويا. پر پنجاب جو عوام خاموش رهيو. ڇو جو پنجاب جي عوام کي جمهوري حڪومتن ڪان وڌيڪ فوجي حڪومتن مان فائدو رسي رهيو هو. پنجاب جي عوام ۽ سياستدانن جمهوري تحريڪ ۾ حصو تہ ڪونہ ورتو پر ورندو سنڌ جي خالص جمهوري جدوجهد کي علحدگي جي تحريڪ ڪوٺي ڪچلڻ لاءِ فوجي حڪومت کي جواز مهيا ڪري ڏنو. پنجاب جي دانشورن، صحافين ۽ ٻين ادارن جي سربراهن سنڌين کي وڳوڙي، روس ۽ ڀارت جو ايجنٽ ڪوٺي، انهن کي ختم ڪرڻ عين اسلامي قرار ڏنو. وري جڏهن 1986ع ۾ فوجي جنتا

جي ڏاڍ ۽ ڏمر خلاف جدوجهد شروع ٿي تہ وري بہ سنڌ جو عوام فاشي فوجي جنتا ۽ ان جي ڪٺ پتلي سول حڪومت خلاف رستن تي نڪري آيو. فوجي مشين گنن اسان جي عوام کي ڪچلڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. ڳوٺن مٿان بمباري ڪئي وئي. پرامن جلوسن مٿان فائرنگ ڪري عوام کي ماريو ويو. 1986ع جي جدوجهد کان پوءِ سنڌ ۾ وسيع پئماني تي فوجي آپريشن ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪيترائي ڳوٺ اجڙي ويا ۽ ڳوناٽا گولين جو کاڄ بڻجي ويا.

جيڪڏهن فوجي حڪومت ۾ پنجاب جي عوام سان حنيف رامي جي چوڻ مطابق ناانصافيون ٿيون هجن ها تہ پوءِ هو گهرن ۾ ڪيئن ويهن ها. فوجي حڪومت جي دور ۾ پنجاب جي عوام کي ايترا تہ فائدا رسيا آهن، جو اڄ بہ هنن لاءِ سندن فوجي جيالا عزت ماب آهن. جڏهن تہ سنڌ ۾ فوجي وردي کان نفرت سنڌين جي جيءَ منجهہ سمائجي چڪي آهي. هو فوجي کي پنهنجو دشمن نمبر هڪ سمجهن ٿا. جڏهن فوجي جنرل ضياءَ جي مارشل لا جي ڪک مان نام نهاد سول حڪومت کي جنم ڏنو ويو تہ پاڪستان جي ٻين ٽن صوبن مان تہ فوج کي واپس بيرڪن ۾ گهرايو ويو ۽ اتي جو انتظام سول حڪومت جي ادارن جي حوالي ڪيو ويو. پر مارشل لا ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ سنڌ ۾ فوج کي موجود رکيو ويو. مارشل لا ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ اڄ تائين سنڌ جي هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ فوج موجود آهي. جيڪا ڪنهن جنگي محاذ تي مسلح هجڻ واري پوزيشن ۾ اسان جي شهرن جي رستن تي ڏينهن رات گشت ڪري رهي آهي.

مارشل لا هٽڻ کان پوءِ نہ صرف فوج کي سنڌ مان نہ هٽايو ويو آهي، پر ان کي مستقل نموني هميشہ لاءِ سنڌ ۾ رکڻ لاءِ سنڌ جي 21 اهم شهرن ۾ فوجي ڇانوڻيون تعمير ڪيون پيون وڃن. جن مان پنون عاقل فوجي ڇانوڻي جي تعمير شروع ٿي چڪي آهي. ان کان سواءِ دادو، جيڪب آباد جي ڪشمور تعلقي، لاڙڪاڻي ۾ مهن جي دڙي ويجهو، نواب شاهہ ۽ ٿرپارڪر ۽ ٻين هنڌن تي سروي جو ڪم شروع ڪرايو ويو آهي. اهي سڀ ڇانوڻيون ان لاءِ تعمير ڪيون پيون وڃن، جيئن سنڌ اندر اٿندڙ قومي تحريڪ کي آساني سان ڪچلي سگهجي ۽ سنڌ ۾ موجود پنجابين ۽ ٻين ڌارين ماڻهن جي مفادن جو تحفظ ڪري سگهجي. فوجي ڇانوڻين جي تعمير ڪري سنڌ جون ڪيتريون ئي سرسبز زمينون غير آباد ڪيون پيون وڃن، ڪيترائي ڳوٺ اجاڙيا پيا وڃن، مسجدون، مندر، مسانڻ ۽ قبرستان ڊاهي اتي فوجي ڇانوڻيون تعمير ڪيون پيون وڃن. اسان صرف هتي پنون عاقل فوجي ڇانوڻي نهڻ سان متاثر ٿيندڙ ايراضي جو مثال ڏيون ٿا: هي ڇانوڻي پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ڇانوڻي هوندي، جيڪا 19 هزار ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ايراضي ۾ ڪيترائي ڳوٺ آهن، مسجدون ۽ قبرستان آهن. مدرسا ۽ اسڪول آهن. انهن سڀني کي ڊاهي پٽ ڪيو ويندو ۽ مارو ماڻهو ڪنهن در ڏيندا دانهڙي، سو سڀ ڪو سمجهي ٿو. ان جا نتيجا جيڪي نڪرندا، اهي سڄي دنيا حنيف رامي سميت ڏسندي ۽ محسوس ڪندي.

ڌاڙيلن جي بهاني اڄ بہ اسان جي ڳوٺن تي فوجي ڪاهون جاري آهن. سنڌ اندر ڪنهن جي بہ عزت محفوظ ڪانہ آهي. غير يقيني ڪيفيت آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو گهر مان نڪري بازار وڃي ٿو تہ ان جي پوين کي اهو يقين ڪونہ آهي تہ هو وري زنده بہ گهر موٽندو. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ڏانهن پڙهڻ لاءِ ويندڙ شاگردن جي والدين کي اهو يقين نہ آهي تہ انهن جي اکين جا نور تعليمي ادارن مان زندهہ واپس بہ موٽندا يا سندن لاش واپس ايندا. جيئن شهيد احسان ميمڻ، شهيد مالڪ خشڪ، شهيد نور احمد ڪورائي، جادل منگي، رضا محمد بنگلاڻي، اشتياق ٽالپر، نديم سرهندي، حنيف ميمڻ، ذڪريا ميمڻ، امير علي شاهہ، امان وسطڙو، منو بليدي ۽ ٻين شهيدن جا تعليمي ادارن مان ايمبولنسن ۾ لاش موڪليا ويا. يا ڪين پنهنجي لخت جگرن جو نذير عباسي، اشوڪ ڪمار ۽ انور عباسي جيان آخري ديدار بہ نصيب نہ ٿيندو. سنڌ ۾ عوام جي هر شي، فوجي جنتا لاءِ مال غنيمت بنجي وئي آهي. فوجي پنهنجي گاڏين ۾ گشت ڪرڻ بدران اسان جي غريب عوام جون سوزڪيون، ڏاٽسنون ۽ ٻيا سواري جا ذريعا ڪائنن زوري ڪسي، انهن ۾ موجون ماڻي رهيا آهن. ٻهراڙين ۾ گشت ڪندڙ فوجي اسان جي مالوندن کان زوري رڍون ۽ ٻڪريون ڦري وڃي پنهنجي ڪئمپن ۾ جاوا ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪو ان خلاف آواز اٿاري ٿو تہ ان کي اتي ئي گوليون هڻي شهيد ڪري مشهور ڪيو وڃي ٿو تہ ڌاڙيل هيو يا انهن جو ساٿي هيو. اهڙا واقعا هالا ۽ نواب شاهہ ۾ ٿي چڪا آهن. جيڪي ڪجهہ هن ريت آهن: 26 ڊسمبر 1985ع تي نواب شاهہ شهر ۾ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري

جي سپاهين هڪ شريف سنڌي شهري حاجي ڏٽي بخش سيال جي گهر ۾ گهڙي ، عورتن جون عزتون لٽڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن گهر ڏٽين انهن مجرمن کي پڪڙي ٽاڻي تي آندو تہ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي ٻين سپاهين پنهنجي مجرم ساٿين کي ڇڏائڻ لاءِ ٽاڻي اندر فريادي ڌر تي فائر کولي ڇڏيا. جنهن ۾ حاجي ڏٽي بخش سيال، محمد ابراهيم شر ۽ دين محمد چانڊيو شهيد ڪيو ويو. اهڙي طرح جو هڪ ٻيو واقعو 7 جنوري 1986ع تي نيو سعيد آباد کان ٽي ڪلوميٽر پري ڪڇي جي علائقي دلو ڪيٽي ۾ ٿيو. جتي فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي سپاهين گشت دوران هڪ سنڌي ٻڪرار فيض محمد سوهيجو کان زوري ڇيلو کسڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن فيض محمد ان خلاف احتجاج ڪيو تہ ڪيس گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو. ڪنڊيارو تعلقي جي ڪڇي جي هڪ ڳوٺ ۾ فوجي درندن هڪ سنڌياڻي جي عزت تي حملو ڪيو. نواب شاهہ ۾ هڪ فوجي ميجر هڪ سنڌياڻي شيرين سومرو تي مجرمانہ حملو ڪيو. ٿرپارڪر ۾ ڪولهين ۽ ڀيلن جي عزتن ۾ هٿ وڌا ويا.

ڇا اهڙيون زيادتيون پنجاب ۾ ٿين ٿيون؟ ڇا پنجاب جي ڳوٺن تي فوجين بم ڪيرايا آهن؟ ڳوٺ ساڙيا آهن؟ اتان جي ماڻهن کي نهايت بيدردي سان سنڌين جيان ماريو ويو آهي. ڇا پنجاب جي تعليمي ادارن مان پنجابي مائرن جي جگر جي ٽڪرن جا لاش سندن گهرن ڏانهن روانا ٿين ٿا. جيئن ٿوڙي ڦاٽڪ تان اسان جي ڳڀرو جوانن جا لاش سنڌ جي ڪنڊ

ڪڙڇ ۾ روانا ٿيا. جي نہ تہ پوءِ حنيف رامي ڪيئن ٿو چوي تہ فوج پنجاب ۾ ٻين قومن جي پيٽ ۾ وڏيڪ ظلم ٿي ڪري.

حنيف رامي صاحب لکي ٿو تہ، "فوجي حڪومتن ۽ نوڪر شاهي طرفان ننڍين قومن سان زيادتيون ٿيون آهن تہ ان ۾ پنجاب جي عوام جو ڪوبہ عمل دخل نہ آهي." حنيف رامي جي ڄاڻ لاءِ عرض آهي تہ پنجاب جو عوام پنهنجي نوڪر شاهي ۽ فوجي جنتا سان گڏ مظلوم قومن مٿان ظلم ۽ جبر ڪرڻ ۾ برابر جو شريڪ آهي. بقول بلوچ اڳواڻ عطا الله مينگل جي تہ "ان ڦرلٽ ۾ پنجابي هاري، مزدور، دانشور ۽ ٻين طبقن جو هڪ جيترو ئي حصو شامل آهي. ڪنهن پنجابي جو هٿ شامل آهي، ڪنهن جي آڱر شامل آهي، تہ ڪنهن جي مرضي يا خواهش ضرور شامل آهي."

جڏهن بہ مظلوم قومن جو عوام، پنهنجي قومي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري ٿو تہ فوجي جنتا ۽ ڪاموراشاهي جي حملن کان اڳ ڪيس پنجابي عوام جي حملن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ان لاءِ سنڌ جو مثال ڪافي آهي. جڏهن کان پنجاب جي فوج ۽ سول نوڪرشاهي سنڌ کي پنهنجي ڦرلٽ واري عمل ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي تہ ان عمل ۾ ڪيس پنجاب جي عوام جو مڪمل سهڪار مليل آهي. فوجي جنتا ۽ سول بيوروڪريسي سنڌ تي مڪمل قبضو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ماڻهن کي هتي ڪالونائيز ڪري رهي آهي. اهي سيٽلر نہ صرف سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪري ڪين سنڌ مان نيست و نابود ڪرڻ واري عمل ۾ پنهنجي سرڪار جا هم خيال ۽ همنوا آهن، پر هو سرڪار کان اڳ پاڻ ئي سنڌين سان

ٻه پاڻي ڪرڻ واري عمل ۾ شريڪ ٿي چڪا آهن. جيڪي هتي هاري ۽ مزدور ٿي آيا سي اڄ ڏينهن تائين رستي پاڻ کي متحد ۽ مسلح ڪري سنڌي عوام جي حق پرست جدوجهد جي راهه ۾ روڙا اٽڪائي رهيا آهن. هن وقت انهن پنجابي سيٽلرن جون اڻ ڳڻيون هٿياربند تنظيمون سنڌي عوام کي هيسائڻ ۽ پنجابي حاڪمن جي پاليسين خلاف احتجاج روڪرائڻ لاءِ هتي قائم ٿي چڪيون آهن. جن مان چند هي آهي: سنڌ پنجاب آبادگار ويلفيئر ايسوسيئيشن، پنجابي ويلفيئر سوسائٽي، انجمن فرزندان پنجاب، پنجابي ميڊيڪوز ايسوسيئيشن، پنجابي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن، نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن، نيو سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن، نيو سنڌ آبادگار ايسوسيئيشن ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن. اهي سڀ جارح تنظيمون نه صرف سنڌ ۾ فوجين طرفان ٿيندڙ ظلم ۽ تشدد جي پٺڀرائي ڪري رهيون آهن، پر پاڻ به مسلح ٿي سنڌي عوام ۽ سنڌي شاگردن مٿان هٿياربند حملا ڪري رهيون آهن. 1983ع ۽ 1986ع جي جمهوري جدوجهد ۾ فوج سان گڏ انهن تنظيمن جي مسلح غنڊن سنڌي عوام کي رت ۾ وهنجاريو. انهن تنظيمن طرفان سنڌ جي باشعور ۽ تعليم يافته طبقي کي هيسائي ميدان عمل مان نڪري وڃن لاءِ سنڌ جي تعليمي ادارن تي مسلح حملا ڪرايا ويا. جيئن 14 آگسٽ 1984ع تي سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ پنجابين سنڌي شاگردن مٿان حملو ڪري هڪ نوجوان حنيف ميمڻ کي شهيد ڪري ڇڏيو. 1981ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري جي نفيس هاسٽل تي حيدرآباد جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر قاضي سعيد جي ٻچ تي پنجابي غنڊن قبضو ڪري سنڌي شاگردن کي

رتوچاڻ ڪيو. ڪاري موري ڪاليج حيدرآباد جي پنجابي شاگردن ميران بائي گرلز اسڪول جي سنڌي نياڻين ۽ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي سنڌي شاگردن تي غير اخلاقي مجرماڻا حملا ڪيا. 1982ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو تي حملو ڪري ڪاليج جي سنڌي پرنسپال ۽ ٻين شاگردن کي زخمي ڪيو. وحدت ڪالوني حيدرآباد جي پوليٽيڪنڪ ڪاليج ۾ هڪ سنڌي نوجوان نذير سرهندي کي شهيد ڪيو ويو. ميرپورخاص ۾ هڪ سنڌي شاگرد رضا محمد بنگلاڻي ۽ مورو ۾ هڪ سنڌي شاگرد نور احمد ڪورائي کي شهيد ڪيو ويو. ان ڪان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي واقعا ۽ سانحا انهن تنظيمن طرفان ڪيا ويا. اهي سڀ واقعا ظاهر ڪن ٿا تہ پنجابي عوام، مظلوم قومن مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ ۾ فوجي جنتا ۽ پنجابي بيوروڪريسي سان برابر جو شريڪ آهي.

جناب حنيف رامي ڪتاب جي صفحي 56 ڪان 60 تائين "قيادت جو فقدان" واري عنوان هيٺ لکي ٿو تہ "پنجاب ۾ ان ڪري قيادت نہ اڀري سگهي آهي جو پنجاب جو عوام اتي جاگيردارن ۽ زميندارن کي وڏڻ ويجهڻ جو موقعو نہ ڏنو آهي ۽ هو مساوات پسند رهيا آهن. هنن ڪڏهن بہ سازشي ۽ بزدل ليڊرن جو ساٿ نہ ڏنو آهي. هو ايترا تہ باشعور آهن جو ڪنهن بزدل ۽ سازشي جي پويان نہ ٿا هلي سگهن. هو خود بہ مخلص ۽ صاف گو آهن ۽ هو ڪنهن مخلص ۽ صاف گو شخص کي ئي پنهنجو قائد مڃي سگهن ٿا." اڳتي رامي صاحب پنجابين جي ترقي پسندي ۽ سيڪيولر سوچ جو دهل وڄائيندي فرمائي ٿو تہ: "پنجابين کي جڏهن بہ موقعو مليو آهي، ڇو نہ اهو ووٽ

وجهڻ جو ڪليل موقعو هجي، انهن هميشه ترقي پسندانه فيصلا ڪيا آهن."

رامي صاحب، هتي هروڀرو به پنجاب جي عوام کي ترقي پسند ۽ سيڪيولر قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ته ڏٺو وڃي ته صرف پاڪستان جي 40 سالن جي تاريخ ۾ رجعت پرستي، موقعي پرستي ۽ منافقت جا جيترا سلا پنجاب جي ڌرتي پيدا ڪيا آهن، ايترا شايد مجموعي طور برصغير ۾ به پيدا نه ٿيا هجن. هر رجعت پسند سوچ ۽ فڪر جي پئدائش جو هنڌ پنجاب رهيو آهي. هر شرانگيزي ۽ فتني بازي جو مرڪز پنجاب رهيو آهي. اتي ڪڏهن به سيڪيولر يا ترقي پسند ته ڇا پر لبرل سوچ به پيدا ٿي نه سگهي آهي. جماعت اسلامي جي رجعت پسندن جو مرڪز پنجاب رهيو آهي. فوجي آمرن ۽ ڊڪٽيٽرن جو خالق پنجاب رهيو آهي. فسطائيت جو پرچارڪ پنجاب رهيو آهي. پنجاب اهو ملڪ آهي، جنهن بابا بلي شاهه، خواجه غلام فريد ۽ ٻين صوفي بزرگن جي تعليم ۽ فڪر کي پٺي ڏئي اقبال جي فسطائيت جي پرچار ۽ پوئلڳي ڪئي. جنهن (پنجاب) پاڙيسري ملڪن جي اندروني معاملن ۾ ٽنگ اٽڪائي اتان جي عوام کي پريشان ڪيو. ڪعبت الله شريف تي گوليون وسايون. فلسطينين کي فلسطين مان بيدخل ڪرڻ لاءِ ذارين جو ساٿياري بڻيو. اڄ به ان جا ماڻهو عرب ملڪن جي بادشاهتن جا رکوال بڻيا وينا آهن. انگريزن جي دور ۾ برصغير ۾ انگريزن خلاف هلندڙ تحريڪن کي پنجابين انگريزن جو سڄو هٿ ٿي ڪري ڪچليو. نه صرف هنن انگريزن جي دور ۾ برصغير جي

آزادي جي تحريڪن کي انگريزن جو ساٿو هٿ ٿي ڪري ڪچيلو پر پنهنجي ديس پنجاب ۾ پڻ هنن جليانوالا باغ ۾ ميرٿ ۾ پنهنجي هم وطنن کي گولين سان رتوڇاڻ ڪيو. ان کان سواءِ پنجاب جي پاڙيتو سپاهين برطانوي حڪمرانن جي سامراجي مفادن جي رکوالي ڪندي، عربن، ترڪن، مصرين، عراقين ۽ ايرانين جو سندن ئي ديسن ۾ وجي خون وهايو. اڄ بہ افغانستان جي انقلاب خلاف مزاحمت جو مرڪز پنجاب آهي. سامراجي دلالن پنجابي سکن جي پشت پناهي ڪندڙ پنجاب آهي. ڪشميري عوام کان حق خوداراديت کسيندڙ پنجاب آهي. پاڪستان اندر بلوچن، پختونن ۽ سنڌين خلاف جارحيت ڪندڙ پنجاب آهي. مظلوم قومن جي ترقي پسند ۽ قوم پرست ليڊرن کي ڪافر ۽ ملحد هجڻ جا سرٽيفڪيٽ ڏيندڙ پنجاب آهي. پنهنجا حق گهرندڙن خلاف پنجاب جو عوام نہ صرف پنجاب ۾ پر جنهن بہ مظلوم قوم جي وطن ۾ آباد آهي، اتي انهن خلاف صف آرا ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي سنڌي عوام خلاف مسلح ٿي، انهن جي حق پرستانہ جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا آهن. هن وقت آمريڪي مفادن جي نگهباني ڪندڙ پنجاب آهي، مذهبي جنون ۾ مبتلا پنجاب آهي. ملن ۽ مولوين کي پنهنجا جنوني ايجنٽ پنجاب منجهان مليا آهن. وڌ کان وڌ فرقيوارانہ مذهبي فساد، سکن ۽ مسلمانن ۾، شيعن ۽ سنين ۾، فسادن جو مرڪز پنجاب ئي رهيو آهي. جڏهن تہ ٻيون قومون ان مذهبي جنون کان آجيون رهيون آهن. اڄ بہ جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مذهبي فرقيوار فساد سنڌ جي شهر ڪراچي ۾ ٿيا آهن، سي بہ ڌارين ماڻهن جي مذهبي جماعتن ڪرايا آهن. جڏهن تہ سنڌي

قوم انهن عملن جي سخت خلاف رهي آهي. پنجابين ۽ اردو ڳالهائيندڙن ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌ ۾ مسلمانن ۽ هندن ۾ مذهبي بنيادن تي وڳوڙ ڪرائڻ جي سازش سٽي، جنهن هيٺ سنڌ ۾ مسجدن ۽ درگاهن کي نامعلوم ماڻهن طرفان باهيون ڏنيون ويون. جيئن انهن جو سنڌي هندن کي ذميوار قرار ڏئي سندن خلاف محاذ کڙو ڪيو وڃي. پر سنڌي عوام دشمنن جي ارادن کي خاڪ ۾ ملائيندي سنڌي هندن جي جانين ۽ ملڪيتن جي پنهنجي پاڻ کان وڌيڪ حفاظت ڪئي ۽ سندن عبادتگاهن تي پهرا ڏئي پنهنجي سيڪيولر ۽ ترقي پسند سوچ جو ثبوت ڏنو. جڏهن پارت ۾ ٿيندڙ هندو مسلم فسادن جي آڙ ونی غير سنڌين، سنڌي هندن مٿان حملا ڪرڻ شروع ڪيا تہ سنڌي مسلمانن انهن جو ڀرپور مقابلو ڪندي دشمنن کي شرمناڪ شڪستون ڏنيون. سنڌي هندو توڙي مسلمان چاهي اهي سنڌ ۾ هجن يا دنيا جي ڪنهن ٻئي خطي ۾، هو سڀ سنڌي قوم جو اڻٽٽ حصو آهن. هنن سيني جي دلين جي ڌڙڪن ساڳي آهي. هنن جا مفاد هڪجهڙا آهن. تاريخ جا هيرا ساڳيا آهن. جيترو هيمون ڪالاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪنور ڀڳت رام، نارائڻ شيام، سوڀو گيانچنداڻي سنڌي مسلمانن کي پيارو آهي، اوترو ئي شاهہ لطيف، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، شيخ اياز، ابراهيم جويو سنڌي هندن لاءِ محترم آهن. سنڌي قوم ڪڏهن بہ پاڻ کي مذهبي بنيادن تي ڪونہ ورهايو آهي. جيڪو بہ سنڌي هندن کي سنڌي مسلمانن کان ڌار سمجهي ٿو، اهو بي وقوفن جي جنت ۾ رهي ٿو.

جناب حنيف رامي صاحب ڪتاب جي صفحي 63 ۽ 64 تي سول سروسز بابت ڳالهائيندي چوي ٿو ته، “هتي سرڪاري ملازمتن ۾ پنجاب جي اڪثريت جي مسئلي کي ٿورو تفصيل سان ڏٺو وڃي ته بيجا نه ٿيندو. پهريان ته ان ڳالهه ۾ افسانو وڌيڪ ۽ حقيقت گهٽ آهي ته پنجاب کي سول سروس ۾ اڪثريت حاصل آهي. اڄ به 5 ڪروڙ جي هن صوبي کي ملازمتن ۾ ان جي آبادي جي لحاظ کان حصو نه مليو آهي. انهن تي اردودان طبقو حاوي آهي. مرڪزي کاتن جي ملازمتن ۾ قيام پاڪستان کان وٺي اڄ تائين پنجاب سان ڪڏهن به انصاف نه ٿيو آهي.” حنيف رامي جو موقف پڙهي منهنجو دماغ في الحال چڪرائجي ويو ۽ مون کي پنجابين سان ٿيندڙ ناانصافي تي ڏاڍو ڏک پهتو. آخرڪار پنجاب اسان جو وڏو صوبو (ڀاءُ) آهي. وڏي ڀاءُ جا حق به وڏا ٿيندا آهن. جي ننڍا ڀائر وڏي ڀاءُ سان ناانصافي ڪن ته ان کان وڌيڪ شرم جهڙي ٻي ڪهڙي ڳالهه آهي. پر جڏهن مون سول سروسز جو جائزو ورتو ته حنيف رامي کي اهڙو ڪوڙو دليل ڏيڻ تي ۽ پير ڪوڙي ڪوڙ ڳالهائڻ تي جس ڏيڻ کان رهي نه سگهيس. حنيف رامي جي ڄاڻ لاءِ اطلاع آهي ته هن وقت (ڊسمبر 1987ع) پاڪستان جي 40 خودمختيار ادارن جي سربراهن مان هن مسڪين سنڌي قوم جا صرف 3 سربراهه آهن. مرڪزي حڪومت جي 80 سيڪريٽرين مان صرف 3 سنڌي آهن. رائيس ڪارپوريشن، اي ڊي بي پي سي، سي بي آر جهڙن اهم ادارن ۾ 80 سيڪڙو ملازم پنجاب جا آهن. واپڊا جي 2 لک ملازمن مان 80 سيڪڙو ملازم پنجاب جا آهن. اسٽيٽ بينڪ جي لوڪل آفيس ڪراچي ۾ جتي 427 وڏا آفيسر مقرر ٿيل آهن،

انهن ۾ هڪ بہ سنڌي نہ آهي. جڏهن تہ لوڪل آفيس ۾ 60 سيڪڙو ٻهراڙي جا ۽ 40 سيڪڙو شهري آبادي جا سنڌي باشندا مقرر ٿيڻ گهرجن. پر اسان صرف پنجاب جي احساس محرومي کي اڳيان رکي کين سڀ جو سڀ حوالي ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اجا بہ حنيف رامي جي قوم سان ناانصافي ٿي رهي آهي تہ پوءِ اسان سڄي سنڌ سندن حوالي ڪري وڃي آفريڪا جو رڻ پٽ آباد ڪيون، تڏهن ئي رامي صاحب جي دل ٺرندي ۽ ساڻس قوم سميت انصاف ٿيندو.

رامي صاحب تہ سول سروسز جي ڳالهہ ڪري رهيو آهي پر اسان جي سنڌ ۾ جيڪي ڪارخانا قائم ٿيل آهن، انهن ۾ مزدوري جو حق بہ سندس هم قوم جيالن جي حوالي ٿيل آهي. ڪراچي جي انڊسٽريل ايريا، ڪوٽڙي واري انڊسٽريل ايريا ۾، سکر جي انڊسٽريل ايريا ۽ نوري آباد انڊسٽريل ايريا ۾ مزدورن کان وٺي مئنيجرن تائين رامي صاحب جا هم وطن ديرا ڄمايو وينا آهن. سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ ڪارخانن ۾ سنڌي ماڻهو 5 سيڪڙو بہ ڪونہ آهن. ڪوٽڙي انڊسٽريل ايريا جو مثال وٺو، اتي جي ڪارخانن ۾ 33 هزار مزدور ڪم ڪري رهيا آهن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اتي سنڌي مزدورن جو انگ 300 کن مس آهي. ٻيو ننڍو مثال مان ايڪسون ڪيميڪل ڏهرڪي جو ڏيڻ گهران ٿو. جتي 96 انجنيئر ڪم ڪري رهيا آهن، پر انهن ۾ هڪ بہ سنڌي ڪونہ آهي. حنيف رامي صاحب، پاڪستان جي مرڪزي ادارن جون سول سروسز، مرڪز جي ماتحت خانگي ادارن جون نوڪريون تہ ٻڌي جي حساب سان اوهان کي ڏنل آهن ۽ اتي سنڌين جي

داخلا حرام ٿي چڪي آهي پر صرف سنڌ جي صوبائي ادارن ۾ به اسان کي داخل ٿيڻ نه ٿو ڏنو وڃي. ان لاءِ مان حنيف رامي جي ڄاڻ لاءِ صرف سنڌ پوليس کاتي جا انگ اکر ڏيان ٿو. سنڌ ۾ هن وقت ايس پي جي عهدي کان انسپيڪٽر جي عهدي تائين 628 آفيسر ڪم ڪري رهيا آهن. جن ۾ پنجابين جو تعداد 239، مهاجرن جو 193، پناڻن جو 58 ۽ سنڌين جو 138 آهي. انهن ڪليل زيادتين هوندي به دانهون اوهان ڪري رهيا آهيو.

پنجابي نه صرف سول سروس ۾ سنڌي ماڻهن سان ناانصافيون ڪري رهيا آهن، پر هو سنڌ کي معاشي طور تي ڪنگال ۽ بدحال بڻائي رهيا آهن. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ لکين غير سنڌي مزدور، هاري، ملازم، واپاري، ڪارخانيدار ۽ زميندار سنڌ کي ڦري لٽي اهو پئسو اربين روپين جي صورت ۾ پنجاب موڪلي رهيا آهن. جنهن ڪري سنڌ معاشي طور تي وڃي ڏينهون ڏينهن پوئتي ڌڪبي ۽ تباهه ۽ برباد ٿيندي. ڪراچي ڪسٽم، انڪم ٽيڪس، سيلز ڊيوٽي، ڪارپوريشن ٽيڪس وغيره جيڪو ساليانو 24 ارب روپيا وصول ٿئي ٿو، سو سڀ جو سڀ سڌي يا اڻ سڌي طرح پنجاب جي ڪم اچي ٿو. ڪراچي جي ڪارخانن مان پيداوار 24 ارب روپيا آهي. ان جو 80 سيڪڙو پنجاب جي ڪم اچي ٿو. ان کان سواءِ سنڌ ۾ نوڪريون ڪندڙ، هارپو ڪندڙ، مزدوري ڪندڙ، واپار ڪندڙ ۽ ٻيا ماڻهو هر مهيني سنڌ مان 81 ڪروڙ روپيا پنجاب مني آرڊر جي صورت ۾ موڪلي رهيا آهن. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته ڦر جي پئسي تي پنجاب وڃي

ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو، هيڏانهن سنڌ وجي روز بروز اجڙندي.

رامي صاحب ڪتاب جي صفحي 84 تي ون يونٽ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: "ون يونٽ جي وقت ۾ مغربي پاڪستان ۾ پنهنجي 63 سيڪڙو آبادي جي باوجود پنجاب 15 سالن جي لاءِ صرف 40 سيڪڙو حق حاصل ڪرڻ تي رضامندي ڏيکاري ۽ ان تي عملدرآمد بہ ٿيندو رهيو." رامي صاحب ان ڳالهہ ڪي شد مد سان بيان ڪندي، پنجاب جي ان نام نهاد قرباني جو ڍنڍورو پٽيو آهي. جڏهن تہ ون يونٽ واري دور ۾ پنجاب سڄي اولهہ پاڪستان جو بنا ڪنهن شريڪ جي مالڪ ۽ مختيار بڻيو ويٺو هو. هن سڄي اولهہ پاڪستان ڪي پنجابستان بڻائي ڇڏيو هو. ڇا جا حصا، ڇا جون پتيون، سڀ ڪجهہ سندس هو. ڪير هو ان کان پڇڻ وارو تہ اوهان ڪي 40 سيڪڙو حق ٿا ملن يا ڳجهہ ڳوهہ ۾ 101 سيڪڙو حقن کان بہ وڌيڪ هڙپ ڪيو وڃي. ان ئي ون يونٽ واري دور دوران سنڌ جون زمينون ڪوڏين ملهہ تي پنجابين کي ڏنيون ويون. گڊو بيراج ۽ ڪوٽڙي بيراج جون نيون نهيل زمينون پنجابي فوجين ۽ زميندارن ۾ ورهايون ويون. جن نہ صرف اتان سنڌين جا صديون پراڻا ڳوٺ لڏايا پر انهن سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 1950ع کي نظرانداز ڪندي، سنڌ جي زمينن تان سنڌي هارين کي بيدخل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهن جي جاءِ تي پنجابي هاري آڻي انهن کي آباد ڪيو. جنهن ڪري سنڌ اندر پنجابين جا چڪ (وڏا ڳوٺ) قائم ٿي ويا. سول سروسز ۾ جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي هئا، اهي بہ ون يونٽ جي ديوي مٿان قربان ڪيا

ويا. ٽاڻي جي سپاهي کان آءِ جي پوليس تائين، ڪلارڪ کان گورنر تائين سڀ عهدا پنجابين جي هٿ ۾ اچي ويا. ان کان سواءِ ان ئي دور ۾ پنجابين ۽ پٺاڻن جي وڏي کيپ سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي ۽ هتان جي زمينن، واپار، ڪارخانن، معدني وسيلن ۽ ٽرانسپورٽ تي قابض بنجي ويا. جنهن جا نتيجا اڄ اسان جي سامهون آهن. ان ئي دور ۾ قائم ٿيل چڪ ۽ ڪالونيون اڄ به سنڌين جي قومي سڃاڻپ کي چئلينج ڪري رهيون آهن ۽ اسان جي ڌرتي تي اسان کي للڪاري رهيون آهن.

جيڪڏهن ون يونٽ پنجاب جي فائدي ۾ نه هئي ۽ پنجاب ان کي "وسيع تر قومي مفاد" خاطر سمجهي ان لاءِ 23 سيڪڙو حقن جي قرباني ڏئي رهيو هو ته پوءِ آخر ان جي کهڙي ضرورت هئي. جڏهن ته مغربي پاڪستان جون باقي 3 قومون ان جي شديد مخالفت ڪري رهيون هيون. سنڌ ۾ پيرزادي عبدالستار جي وزارت کي ون يونٽ جي مخالفت ڪري ختم ڪيو ويو ۽ ون يونٽ جي حمايت ڪندڙ ايوب کهڙي کي وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو ۽ ان مٿان پرودا جو ڪيس ختم ڪيو ويو. سنڌ ۽ سرحد جي صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن خلاف گرفتاري جا وارنٽ ڪڍي، ڪين جيلن ۾ وجهي، اسيمبلين مٿان پهرا قائم ڪري اهو بل آخرڪار ڇو منظور ڪرايو ويو. ون يونٽ جي مخالفن کي ان دور جي وزير دفاع، اسڪندر مرزا، اسٽيم رولر وانگر ڪچلڻ جا دڙڪا ڏنا. جيڪڏهن ون يونٽ پنجاب جي فائدي وٽان نه هجي ها ته ان کي ٽنهي قومن جي شديد مخالفت جي باوجود ڇو

قائم ڪيو ويو ۽ بعد ۾ جڏهن اولهہ پاڪستان جي اسيمبلي ان ڪي اڪثريت راءِ سان ختم ڪرڻ جي منظوري ڏني تہ ان کي بچائڻ لاءِ 1958ع ۾ چو مارشل لا لڳائي وئي.

ون يونٽ جي دور ۾ نہ صرف سنڌ جي اقتصادي وسيلن جي بيرحمانہ ڦرلٽ ڪئي وئي پر سنڌي قوم کي مڪمل نموني صفحہ هستي تان مٽائڻ لاءِ سنڌ ۾ ڌارين جي لوڏ کي آباد ڪرائي، سنڌين کي ٿورائي ۾ آڻي ريڊ انڊين بنائڻ جي سازش جي شروعات ڪئي وئي. سنڌين جي واحد سڃاڻپ سنڌي ٻولي کي ختم ڪرڻ لاءِ ان مٿان وار ڪيا ويا. جنرل ايوب خان جي مارشل لا جي دور ۾ 1961ع ۾ هڪ جنرل ٽڪا خان جيڪو حيدرآباد ۾ مارشل لا جو ايڊمنسٽريٽر هيو، ان جو پٽ سنڌي جي ڪمپلسري جي پرچي ۾ امتحان ڏيندي ناپاس ٿي پيو تہ هن ان جو بدلو سنڌي قوم کان چڪائڻ لاءِ هڪ مارشل لا آرڊر جاري ڪري اردو پڙهندڙ ٻارن لاءِ سنڌي پڙهڻ وارو فيصلو هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪري ڇڏيو. 1962ع ۾ ايوب خان نہ صرف سنڌي ٻولي، جيڪا اصل کان اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري طور تي منظور ٿيل هئي. ان کي 5 درجي تائين محدود ڪري ڇڏيو ۽ اڳتي صرف اردو ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو حڪم صادر فرمايو. پر هن حڪم جاري ڪيو تہ سمورين اشاعتن، نقشن، ٻين لوڳن مان سنڌ جو لفظ ۽ نقشو هٽائي ڇڏين. ون يونٽ جي دور ۾ ئي سنڌي زبان کي ڪراچي يونيورسٽي جي نصاب مان خارج ڪيو ويو. سنڌ جي ماهوار ۽ هفتيوار رسالن جهڙوڪ: انسان، گل ڦل، مظلوم، آئينہ، سنڌ مسلم، روح رهاڻ، ڳوٺ سڌار، مذهب

انسانيت، رضوان، مسلمان، عام راءِ، گلستان، مارئي سميت اٽڪل 60 کن رسالا ۽ اخبارون بند ڪيون ويون. سنڌ کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ سنڌين جي اڪيلي سڃاڻپ سنڌي ٻولي کي ختم ڪرڻ لاءِ ون يونٽ واري دور ۾ جنهن شرمناڪ طريقي سان فيصلا ڪيا ويا، اهي اسان جي وڏي صوبي جي بي حيائي جا جيئرا جاڳندا ثبوت آهن.

هاڻي اچو ته هن ڪتاب "پنجاب ڪا مقدما" جي ان اهم باب تي ڳالهايون، جيڪو سنڌوندي جي پاڻي جي ورهاست بابت لکيل آهي. جنهن ۾ رامي صاحب، رڙيون ۽ واڪا ڪري، هاءِ گهوڙا مچائيندي چوي ٿو ته سنڌ وارا پاڻي جي مسئلي تي پنجاب سان اهڙيون ته ناجائزيون مچايو وينا آهن، جو پنجاب سڪي ٺوٺ ٿي رهيو آهي. ماڻهو اصل اُڃ پيا مرن، بس پنجاب سان ڪربلا ٿي وئي آهي. وڏا دليل ۽ وڏا حوالا ڏئي رامي صاحب ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ جي سر توڙ ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌو درياهه تي سنڌ وارن جو ڪو به حق ڪونهي. سنڌ وارا صرف ان جي نالي "سنڌو" ڪري ان تي پنهنجو حق جتائن ٿا. ان ڪري اصل ان جو نالو ئي تبديل ڪري "پاڪستان درياهه" رکيو وڃي. اسان رامي صاحب وانگر پاڻي جي مسئلي تي هروڀرو جي هاءِ گهوڙا ته ڪونه ڪنداسين، پر اصل حقيقتون بيان ڪري اها ڳالهه ثابت ڪنداسين ته رامي صاحب جي اها هاءِ گهوڙا صرف ان لاءِ آهي ته سنڌ کي هن وقت جيڪو ٿورو گهڻي پاڻي ملي رهيو آهي سو به ڦٻايو وڃي. سنڌ کي پاڻي جي مسئلي تي اهڙو مجبور ڪيو وڃي جو هو پنجاب جي جهولي ۾ اچي ڪري. پر رامي صاحب لاءِ

عرض آهي تہ سنڌي ۾ پهاڪو آهي تہ، “پلي بک پرم جي، شال نہ وڃي شان.” سو اسان بک ۾ اڄ ڪان مجبور ٿي پنجاب جي آڏو ليلائيندا سين تہ ڪونہ. نہ وري پنجاب جي ناجائز حاڪميت صرف ان لاءِ قبول ڪنداسين تہ هو اسان کي اڃ نہ ماري. اسان لاءِ غلامي جي بهشت کان آزادي جو دوزخ ڀلو آهي. رامي صاحب جي لاءِ عرض آهي تہ قبلا جي اسان پاڻ ۾ طاقت سمجهي تہ اهو پنهنجو حق زوري ڇني وٺنداسين. پر اسان ڪنهن جي آڏو جيئڻ جا ڏينهن ڪونہ پنِنداسين. ڇا امام حسين عہ پاڻي جي ڪري يزيدي لشڪر آڏو آڻ مڃي هئي، جي نہ تو پوءِ رامي صاحب اها توقع هڪ باعزت ۽ غيرتمند قوم منجهان ڪيئن ٿو رکي. باقي جيستائين رامي صاحب طرفان درياهہ سنڌ جو نالو بدلائي “درياهہ پاڪستان” رکڻ جي تجويز آهي تہ رامي صاحب کي پنهنجو نالي “رامي” جي اڳئين حصي ۾ ڪٽل اکر “ح” کي ملائي نالو مڪمل ڪرڻ گهرجي.

هن وقت اسان سنڌين جو فيصلو آهي تہ يا تہ بقا جي جنگ وڙهنداسين يا غلامي بدران هميشہ لاءِ ختم ٿي وينداسين.

رامي صاحب، پاڻي جي مسئلي تي ڳالهائيندي ڪتاب جي صفحي 154 تي تاريخ کان اڻڄاڻائي ظاهر ڪندي، ان کي پنهنجن مقصدن ۽ مرادن مطابق بدلائيندي فرمائي ٿو تہ، “سنڌ ۽ پنجاب ۾ 1945ع ۾ پاڻي جي مسئلي تي ڪوبہ معاهدو ڪونہ ٿيو هو. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ان سال مرڪزي حڪومت پاڻي جي ورهاست جي سلسلي ۾ هڪ مسودو منظوري لاءِ

تيار ڪيو هو. جيڪو ڪڏهن بہ منظور تي نہ سگهيو. ڇو تہ حڪومت پنجاب ان کي منظور ڪرڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو.“

هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو سچ جي روشني کان انڪار ڪري تہ ان کي ڇا ٿو چئي سگهجي. رامي صاحب جي ڄاڻ لاءِ عرض آهي تہ سنڌ ۽ پنجاب ۾ پاڻي جي مسئلي تي ان وقت کان وٺي اختلاف شروع ٿيا، جڏهن پنجاب جي حڪومت 19 صديءَ جي وچ واري عرصي ۾ سنڌوندي جي مددي ندين تي بئراج ٺاهڻ شروع ڪيا. 1901ع ۾ انگريز حڪمرانن ”انڊين ائريگيشن ڪميشن“ قائم ڪري فيصلو ڪيو تہ ڪوبہ علائقو بين واسطيدار علائقن جي حقن کي ويچارڻ ۽ انهن علائقن سان صلاح مشوري ڪرڻ کان سواءِ درياهن جو پاڻي ڪٽي نہ سگهندو.“ جڏهن تہ اهڙو ئي فيصلو سال 1919ع ۾ ”گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ“ تحت جاري ڪيو ويو.

جڏهن بمبئي سرڪار (ان وقت سنڌ بمبئي پريزيڊنسي ۾ شامل هئي) سنڌ جي زراعت کي تباهي کان بچائڻ لاءِ پنجاب وانگر سنڌ لاءِ ”سکر بئراج“ ٺاهڻ واري رٿا انڊيا حڪومت کي موڪلي ڏني. اڃا اها رٿا منظور ئي ڪانہ ٿي هئي تہ پنجاب سرڪار 1919ع ۾ سنڌوندي مان 775 ڪيوسڪ پاڻي وڌيڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ”ٿل پراجيڪٽ“ نالي هڪ رٿا انڊيا حڪومت کي ڏياري موڪلي. پر انڊيا جي حڪومت، پنجاب حڪومت جي اها رٿا ان ڪري منظور نہ ڪئي تہ سنڌوندي تي ”سکر بئراج پراجيڪٽ“ جو وڌيڪ حق هيو. پر برٽش انڊيا حڪومت وري بہ پنجاب کي خوش رکڻ لاءِ ”ستلج

وئلي پراجيڪٽ” منظور ڪري ڏنو. ان هوندي بہ پنجاب سرڪار، “سکر پراجيڪٽ رٿا” مٿان اعتراض ورتا. پر انديا سرڪار پنجاب جا اعتراض رد ڪندي “سکر رٿا” کي برقرار رکيو. وري جڏهن پنجاب سرڪار “هويلي پراجيڪٽ” لاءِ سنڌو درياهہ مان پاڻي جي گهر ڪئي تہ انديا سرڪار پاڻي جو مسئلو نبيرڻ لاءِ 1935ع ۾ “ائندرسن ڪاميٽي” مقرر ڪئي. جنهن ڪن مفادن هيٺ فيصلو پنجاب جي حق ۾ ڏنو. ان ڪليل ناانصافي خلاف سنڌ سرڪار 1939ع ۾ گورنر جنرل وٽ انهيءَ فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي. گورنر جنرل سنڌ جي انهيءَ شڪايت جي نبيري لاءِ 1941ع ۾ “رائو ڪميشن” مقرر ڪئي. جنهن پنهنجي رپورٽ سال 1942ع ۾ پيش ڪئي. ان رپورٽ ۾ چيو ويو تہ، “سنڌ سرڪار “ائندرسن ڪاميٽي” جي سفارشن بابت شڪايت پيش ڪرڻ ۾ دير ڪئي آهي. جنهن وچ ۾ پنجاب سرڪار پنهنجي “ٿل پراجيڪٽ” ۽ “هويلي پراجيڪٽ” تي وڏو خرچ ڪري چڪي آهي. تنهن ڪري في الحال انهيءَ تي روڪ وجهڻ ناممڪن آهي، تنهن ڪري انهيءَ کي بحال رکيو وڃي ٿو. پر ڪميشن وڏيڪ هي ڳالهہ بہ ڄاڻائي ٿي تہ “ٿل پراجيڪٽ” ۽ “هويلي پراجيڪٽ” کي پاڻي ڏيڻ سان سنڌ جي پاڻي جي ضرورتن کي وڏو نقصان رسندو. ان جي بچاءُ لاءِ سنڌ ۾ سنڌوندي تي بہ بئراج ٺاهيا وڃن، هڪ گڊو بئراج ۽ ٻيو غلام محمد بئراج. انهن بئراجن جي تعمير تي ٿيندڙ خرچ جو 15 سيڪڙو رقم پنجاب جي سرڪار، سنڌ سرڪار کي ڀري ڏئي.”

ان مان اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ اهي ٻئي پراجيڪٽ غير قانوني هئا. پر اهو سلسلو صرف اتي ختم ڪونہ ٿيو، پر ان کان پوءِ بہ پنجاب جي سرڪار ارهہ زورائي سان سنڌو درياهہ تي ڊيم ۽ بئراج تعمير ڪندي رهي. نيٺ اپريل 1943ع ۾ "رائو ڪميشن" جي بنيادي نقطن جي روشني ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي چيف انجنيئرن جي وچ ۾ ڳالهيون ٿيون. آخر ٻنهي ڌرين جي رضامندي سان سنڌوندي ۽ سندس مددي ندين جو سمورو پاڻي ورڇ جي دائري اندر آندو ويو. تاريخ 28 سيپٽمبر 1945ع تي ٻنهي ڌرين جي چيف انجنيئرن پاڻي جي ورهاست واري ناهہ تي صحيحون ڪيون. اها ائگريمينٽ "سنڌ پنجاب ائگريمينٽ 1945ع" ڪوٺي ويندي آهي. ان جا مکيہ نقطا هي آهن:

1. اهي رٿائون جيڪي ان وقت عمل ۾ هيون يا زير تعمير هيون، تن لاءِ پاڻي جي ڪوٽا ترجيحي ترتيب ۾ مقرر ڪئي وئي. انهيءَ ترتيب مطابق "سکر بئراج" ۽ "ٿل" پهرين ڪلاس (ڪيٽيگري) ۾ رکيا ويا.
2. جيڪي رٿائون ان وقت تياري هيٺ هيون، تن لاءِ بہ پاڻي جي ورڇ مقرر ڪئي وئي. سنڌ ۾ ان وقت غلام محمد بئراج ۽ گڊو بئراج رٿجڻ جي مرحلن ۾ هيون. انهن لاءِ ترتيب وار هيٺين ريت پاڻي جا ڪيوسڪ مقرر ڪيا ويا. (1) لوئر سنڌ بئراج لاءِ 47 هزار ڪيوسڪ (2) اپر سنڌ بئراج لاءِ 40 هزار ڪيوسڪ پاڻي مقرر ڪيو ويو.

3.	ڪابہ ڏر ٻي ڏر جي اجازت سان نوان پراجيڪٽ اڏي سگھندي. ٻي ڏر کي اهڙن پراجيڪٽن ٺاهڻ تي اعتراض جو حق هوندو. ان حالت ۾ جڏهن اهو ثابت ڪري سگهجي تہ اهڙن پراجيڪٽن ٺاهڻ جي ڪري هن ايگريمينٽ موجب سندن حقن کي نقصان رسڻ جو انديشو آهي.

4.	زير عمل رٿائن کي سندن مقرر تيل انداز کان وڌيڪ جيڪو بہ تلائن ۾ گڏ تيل ۽ نهري پاڻي تيندو، انهيءَ ۾ ٻنهي پرڳڻن جا حصا مقرر ڪيا ويا.

5.	ڌرين جي وچ ۾ جيڪڏهن اختلاف ٿين تہ انهن جي فيصلي لاءِ طريقيڪار مقرر ڪيو ويو.

6.	پاڻي جي ڪوٽ واري زماني ۾ پنجاب کي اختيار هوندو تہ "تل" لاءِ سنڌوندي جو پاڻي ڪالاباغ وٽان ڪتب آڻي پر هن شرط سان تہ ساڳئي مقدار جيترو پاڻي پنجند منجهان پنجاب واري حصي کان هيٺ سنڌ کي ڏنو ويندو.

اهو آهي اهو معاهدو، جنهن جي هجڻ کان حنيف رامي صاحب صاف انڪار ڪيو آهي. پنجاب ان معاهدي تي ڪيترو عمل ڪيو آهي، سابہ عالم آشڪار حقيقت آهي.

جناب رامي صاحب، فضل اڪبر ڪاميٽي جي حوالي سان لکي ٿو تہ "ان ڪاميٽي پاڻي جي ورهاست جو فيصلو "پاڻي جي استعمال" تي رکيو. ان ڪري سنڌ پاڻي جو وڌيڪ

استعمال ڄاڻائڻ لاءِ بنا ڪنهن ضرورت جي ايترو ته پاڻي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو جو پاڻي ڪچين سڙڪن، چراگاهن ۽ شڪارگاهن ۾ وجهي پنهنجي لاءِ سم پئدا ڪري وڌي."
اڳتي هلي فرمائي ٿو ته، "سنڌ پنهنجي ضرورت کان ايترو وڌيڪ پاڻي ڪڻڻ شروع ڪيو جو ان جي دٻاءَ ۾ سنڌ جون نهرون روز روز ٽٽڻ لڳيون ۽ پاڻي زيان ٿيڻ لڳو."

شايد رامي صاحب کي اها خبر نه آهي يا ان حقيقت کان اکيون ٻوٽڻ ٿو گهري ته سنڌ ۾ اصل کان پاڻي جي ايتري کوٽ رهي آهي جو ان جو سوين ميل ڊگهو ۽ ويڪرو ٿر جو علائقو ۽ سوين ميل ڊگهو ۽ ويڪرو ڪوهستاني علائقو غير آباد پيو آهي. هن وقت به آباد زمين لاءِ ايترو ته پاڻي گهٽ ملي ٿو جو ڪئنالن تي وارا بندي ڪئي وڃي ٿي. اسان جا هاري واري واري سان فصل پوکين ٿا. جي ڪو ربيع جو فصل پوکي ٿو ته وري خريف ان ڪري ڇڏي ڏئي ٿو ته جيئن ان هاري کي واري مطابق پاڻي ملي جنهن ربيع نه پوکيو آهي. جڏهن سنڌو درياهه مٿان پنجاب ۾ ڊئم نهڻ شروع ٿيا آهن ته انهن جو سنڌ تي اهو اثر پيو آهي، جو جيڪو پاڻي آبڪلاڻي جي موسم ۾ سنڌو درياهه جي ڇوڙن ۾ پهچي ڪچي جي زمينن کي آباد ڪندو هو، سو رڪجي ويو آهي ۽ اهڙي طرح ڪچي جي اٽڪل 26 لک ايڪڙ زمين برپٽ بنجي وئي آهي. ٻيلا سڪي تباهه ٿي ويا آهن. جنهن ڪري ڪچي ۾ رهندڙ مالوند ماڻهو نه صرف مال جي چاري، ٻني ٻاري ڪرڻ کان محروم رهجي ويا آهن پر اتي پيئڻ جو پاڻي پڻ اڻ لڀ ٿي ويو آهي. هاڻي ته سنڌ جي ڪچي ۾ اپت واري زمين ڪلر جي

ور چڙهي وئي آهي. سنڌو درياهه ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري، اسان جون ڍنڍيون، جن تي اسان جي هزارين ملاح خاندان جو گذرسفر آهي، سي سڪي تباهه ٿي ويون آهن. سنڌوءَ جي پيٽ ۾ ٻيٽ ٺهي ويا آهن ۽ اتي واري پئي اڏامي.

رامي صاحب، ڪتاب جي صفحي 143 تي لکي ٿو ته، “پاڻي جي مسئلي پنجاب کي لوڏي وڌو آهي ۽ هي مسئلو چشما لنڪ جهلم رابطه نهر جي بندش ڪري ماڻهن جي نگاهن جو مرڪز بڻيو آهي. هي نهر ڪالاباغ وٽ چشما جي هنڌ وٽان درياهه سنڌ مان پاڻي ڪڍي درياهه جهلم ۾ وجهي ٿي. .... ان جو پاڻي ميلسي، حويلي، رنگپور ۽ بهاول جهڙين نهرن جي ذريعي انهن علائقن تائين وڃي ٿو. جن کي پهريان پنجاب جي ٽن وڏن درياهن ستلج، بياس ۽ راوي جو پاڻي آباد ڪندو هو..” اڳتي رامي صاحب، صفحي 145 تي لکي ٿو ته “چشما جهلم رابطا نهر جو تعلق سنڌ طاس جي ان معاهدي سان آهي، جيڪو صدر ايوب جي دور ۾ بين الاقوامي سطح تي طئه ڪيو ويو هو. ان تحت پنجاب جا 3 درياهه ستلج، بياس ۽ راوي وڪرو ڪيا ويا هئا ۽ انهن جي عيوض هڪ سو ڪروڙ روپين جي خرچ سان چشما لنڪ ڪينال ڪڍيو ويو هو. ته جيئن پنجاب جي نهرن کي درياهه سنڌ مان متبادل پاڻي مهيا ڪيو وڃي. چشما لنڪ ڪينال جو تربيلا ڊيم سان ڪوبه تعلق ڪونه آهي. ان ڪري تربيلا هجي يا نه، ان ۾ پاڻي هجي يا نه، پر چشما لنڪ ڪينال ۾ درياهه سنڌ جو پاڻي سنڌ طاس معاهدي موجب هر صورت ۾ وهڻ گهرجي. ته جيئن پنهنجن

ٽن درياهن کان محروم ٿيندڙ پنجاب پنهنجي زمينن جي اُڃ اجهائي سگهي.”

هاڻي مان رامي صاحب جي ڄاڻ لاءِ سنڌ طاس معاهدي تي ڪجهه روشني وجهندس.

جڏهن درياهي پاڻي جي تقسيم تي انڊيا ۽ پاڪستان وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا ته عالمي بينڪ جي نگراني ۾ پاڻي جي ورهاست جو مسئلو طئه ٿيو. جيئن ته ان وقت سنڌ ون يونٽ جي زنجيرن ۾ قابو هئي. ان ڪري اها ان فيصلي تي اثرانداز نه ٿي سگهي. ۽ نه وري پاڪستان سرڪار ان فيصلي ۾ سنڌ جي ڪنهن نمائندي کي شريڪ ڪيو. ان ڪري سنڌ جي رضامندي حاصل ڪرڻ کان سواءِ هڪ طرفو فيصلو ڪيو ويو. ان ڪري سنڌ ان معاهدي سان قانوني طور ٻڌل نه آهي.

عالمي بينڪ جي نگراني ۾ 1960ع ۾ پاڪستان ۽ ڀارت ۾ هڪ معاهدو ٿيو. انهيءَ تحت پاڪستان جي پنجابي حڪمرانن پنجاب جا 3 درياهه ستلج، راوي ۽ بياس 1750 لک ڊالرن ۾ ڀارت کي وڪڻي ڏنا ۽ صرف 3 درياهه سنڌو، چناب ۽ جهلم پاڻ وٽ رکيا. پاڪستان جي پنجابي حڪمرانن نه صرف لالچ ۾ اچي پنجاب جا 3 درياهه وڪڻي ڇڏيا پر هنن اهڙي طرح سنڌ جو 50 سيڪڙو پاڻي پڻ ان رستي ڀارت جي حوالي ڪري ڇڏيو. وڪري وارن پئسن مان رڳو پنجاب جي وڪري ڪيل پاڻي جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ پنجاب منجهه 1945ع واري معاهدي جي ڀيڪڙي ڪندي سنڌو درياهه مٿان ڊئم ۽ بئراج ٻڌا ويا. اهڙي طرح پنجاب جي پاڻي جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ

ڪيس ناجائز طور تي سنڌو درياهه مان سنڌ جو حق ماري پاڻي ڏنو ويو. سنڌو درياهه مٿان منگلا ۽ تربيلا وٽ ڊيم ٺاهيا ويا، انهن ۾ جمع ٿيندڙ پاڻي کي صرف پنجاب لاءِ استعمال ڪيو ويو. پر معاهدي تحت جيڪو سنڌ جو 50 سيڪڙو پاڻي متاثر ٿيو هو، ان ڪان جواب ڏنو ويو. نه صرف ايترو پر چشما جهلم لنڪ ڪينال معاهدي تحت جيڪو صرف ان لاءِ ٺاهيو ويو هو ته سنڌوندي جو واڌو پاڻي جهلم ندي ۾ وهايو ويندو، ان جو وهڪرو غير قانوني طور تي مستقل بڻايو ويو.

جنهن چشما لنڪ ڪينال تي رامي صاحب واويلا ڪئي آهي. اها ڪئنال دائمي وهندڙ ڪانه آهي پر ان ۾ سنڌو جو واڌو پاڻي وهائڻو آهي. جڏهن سنڌوندي ۾ ايترو پاڻي هجي جو سنڌ جي ضرورتن ڪان بچت ۾ هجي ته پوءِ ان ڪئنال ۾ پاڻي ڇڏي سگهجي ٿو. پر ان سان گڏوگڏ ان ڪئنال جي حيثيت لنڪ واري آهي. جيڪا سنڌو جو واڌو پاڻي هجي ته ان کي ڪٽي جهلم ندي ۾ پهچائي ٿي. قانوني طور ان مان ڪابه آبادي ڪرڻي ڪانه آهي. ان ڪري ان ڪئنال تي واويلا ڪرڻ صرف ان لاءِ آهي ته تربيلا ۽ منگلا ڊيم جيڪي سنڌ طاس معاهدي جي موجب وجود ۾ آيا هئا، انهن تي سنڌ جو جيڪو حق بيهي ٿو سو ختم ڪيو وڃي.

پنجاب انگريزن جي حڪمراني ڪان وٺي هن مهل تائين سنڌو جو پاڻي هڙپ ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهه تي ڪيترائي غير قانوني ڊيم ۽ بيراج تعمير ڪرائي چڪو آهي، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1. تربيلا ڊيم 2. منگلاڊيم 3. راول ڊيم 4. چشما ڊيم 5. چشما بئراج 6. چشما جهلم لنڪ ڪينال، 7. تونسا بئراج 8. تونسا پنجند لنڪ ڪينال 9. چشما رائيٽ بئنڪ ڪينال

جڏهن تہ اهي مٿيان سڀ ڊيم ۽ ڪينال سنڌ جي رضامندي حاصل ڪرڻ کان سواءِ تعمير ڪرايا ويا آهن. جيڪي "رائو ڪميشن" جي ان فيصلي تہ، "ڪنهن بہ مهڙ واري پرڳڻي کي ڪوبہ حق ڪونہ آهي تہ ندي جي پاڻي سان جيئن وڻيس تيئن هلت ڪري، بنا ڪنهن خيال جي تہ، ايئن ڪرڻ سان ٻين هيٺين پرڳڻن کي نقصان رسندو." جي سراسر ڀڃڪري آهي. پنجاب جي انهن قدمن جي ڪري سنڌ جي هن وقت اهڙي صورتحال وڃي بيٺي آهي جو فصل تباهہ ٿي رهيا آهن. ماڻهو ۽ مال اُڃ وگهي مري رهيو آهي. زمينون برپٽن ۾ تبديل ٿي رهيون آهن. ان صورتحال هوندي بہ هاڻ وري سنڌ جو رهيل کهيل پاڻي ڦٻائڻ لاءِ سنڌو درياهہ تي ڪالاباغ وٽ هڪ ڊيم تعمير ڪيو پيو وڃي. جنهن جو مقصد اهو ٻڌايو پيو وڃي تہ ان ڊيم ٺاهڻ سان بجلي جي پيداوار وڌندي. اصل ۾ اهو ڊيم بجلي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ پر صرف پنجاب جي 70 لک ايڪڙ ٿل واري رڻ پٽ کي آباد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو پيو وڃي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سنڌ جي سوين سالن کان آباد ٿيندڙ زمينن جو پاڻي روڪي انهن کي برپٽ ۾ تبديل ڪري، پنجاب جي رڻ پٽ کي آباد ڪيو وڃي. جيڪڏهن هرويرو بجلي جي پيداوار لاءِ اهو ڊيم ٺاهيو پيو وڃي تہ پلا آخر اتي ئي ڇو؟ اهو هيٺ سيوهڻ وٽ بہ ٺهي سگهي ٿو. اهڙي طرح

سنڌ جي اولهہ وارا علائقا پڻ آباد ٿي پوندا. اها سيوهڻ واري اسڪيم اڄ جي تہ نہ آهي، پر انگريزن جي دور جي آهي. آخرڪار ان کي هيل تائين چو نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ نهر جي مٿئين پاسي کان بگهڙ پاڻي پي رهيو هو ۽ هيٺين پاسي کان رڍ. سو بگهڙ رڍ کي کائڻ جي خيال کان الزام هڻندي چيو تہ پاڻي چو ٿي لُبين. تہ رڍ جواب ڏنو تہ مان تہ هيٺانهين طرف کان پاڻي پي رهي آهيان. سو وري بگهڙ چيس تہ تون گذريل سال گاريون چو ڏنيون هيون. ان تي رڍ وراڻي ڏنس تہ قبلا مان تہ اڳئين سال ڄائي بہ ڪانہ هيس. ان تي بگهڙ چيس تہ تون نہ هونديئن تہ تنهنجي ماءُ ضرور هوندي. سو رڍ چيس تہ قبلا جي اوهان کي کائڻو ئي آهي تہ ايڏا الزام هڻڻ جي تڪليف چو ٿا ڪريو.

سو جيڪڏهن پنجاب کي هرويرو سنڌ جو پاڻي ڦبائڻو آهي تہ پوءِ حيلا ۽ بهانا ڇا جا آهن. سنئين سڌي ڳالهہ پڌري پٽ ڪري. جي هوندي مڙسي سنڌ وارن ۾ تہ نبري وٺندا نہ تہ .....

*****